ڪهاڻي سنگره

ڪارا نشان



انوواد ڪ: نارائڻداس ميرچنداڻي

ليکڪ: ڪشن رتناڻي

ڪهاڻي سنگرهه

ڪارا نشان



ڪ : نارائڻداس ميرچنداڻي
ڪڪ : ڪشن رنناڻي

مهاڳ

ڪارا نشان ڪهاڻي سنگرهه - ديوناگريءَ ۾

مول ليکڪ شري ڪشن رتناڻي آهي. هن جوان جا جدا جدا سالن ۾ راجستان اڪادميءَ جئپور ڇپائڻ منظور ڪيا. راجستان ساهتيه اڪادمي اديپور ۽ NCPSL (راشٽريه سنڌي وڪاس پريشد دهليءَ ۾ ڪين ڪتاب ڇپائڻ ۾ مالي سهيوگ ڏنو آهي. سوچنا ۽ پرسارڻ منترالیه ڀارت سرڪار ۾ پي. ايم. او (پي. آءِ. بي ميڊيا سيل ۾ دهلي مرڪزي وڀاڳ جي نوڪري اٿن.

۾ 75 کان 1980 تاءِ اجمير ۾ روزاني نيايه اخبار ۾ پترڪا سان جڙيا. 1980 کان 82 تاءِ ڊي. اي. وي. ڪاليج اجمير ۾ ليڪچرار رهيا. ڪيترن سيمينار گوشٽين جو سٺي نموني سنڀالن ڪندڙ. ساهتيه جي ڪلا ۾ پختائي ۽ سنجيدگيءَ معياري نموني جو آزمودو اٿن.

هن ڪارا نشان ديوناگري ڪتاب ڪي مان سرسري نظر سان پڙهيو آهي. بزرگ ليکڪ شري نارائڻداس ميرچنداڻي هن ديوناگريءَ جو ترجمو (انوواد) ڇيدي سنڌي لپيءَ ۾ ڪيو آهي. هي ٻه سٺا ليکڪ آهن هنن جو ٻه ڪتاب NCPSL (راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد دهليءَ ۾ وٺان ڇپجي ظاهر ٿيل آهي. سماج شيوي سيمانرن وڏين وڏين ميٽينگن ۽ بئٺڪن جو سٺي نموني سنڀالن ڪرڻ ۽ شاعري، ڪوتائن وغيرهه ۾ ٻه قدم رکندڙ آهن.

هڪ هڪ ڪهاڻي سماج جي هلندڙ وقت موجوب واسطو ٿي رکي. ساهتيڪار روز مرهه جي زندگيءَ کي ڏسي. هن جي چنتن ۽ منٿن مان رکڻ چالو تو ڪري. ڪا ٻه ڪهاڻي پڙهڻ چالو ڪبي ته ان ۾ ايڏي سچائي ۽ آڪرشڻ آهي جو پوري لاٿيتو پوري پڙهڻ لاءِ ڪشش ٿي ڪري. مثال طور ڪارا نشان پڙهڻ چالو ڪندا ته پوري هڪ وقت ئي پوري ڪرڻ ڪانسواءِ چئن نه ايندو. ڏاڍي سنجيدگي سان اچ ڪلهه جي وئگيانڪ ۽ ٽيڪنيڪل يگ سان پراڻي تانترڪ سناتن پنڊتن جي منترن کي ٻه اهميت ڏني آهي. ان ڪري پاتر ٻه

KARA NISHAN
Kahani Sangraha

First Edition
2012-13

Translate By:
Narain Das Mirchandani
25/307, Asha Ganj
Ajmer, (Rajasthan)

Phone:
0145-2460341

Written By :
Kishan Ratnani

Price:
100/-

Publisher:
Naraindas Sindhi
Parvati Printing Press
180/6, Shanti Nagar
Ajmer (Rajasthan)

Phone: 0145-2460231
Mob: 9828080154

ڪارا نشان
(ڪهاڻي سنگرهه)

ڇاپو پهريون
٢٠١٢-١٣

انوواد ڪ
نارائڻ داس ميرچنداڻي
25/307، پانگ باوڙي،
آشا گنج، اجمير

فون:
0145-2460766

ليکڪ:
ڪشن رتناڻي

قيمت:
100/-

ڇپيندڙ:
نارائڻداس سنڌي
پاروتي پرنٽنگ پريس
180/6، شانتي نگر
اجمير (راجستان)
فون: 0145-2460231
موبائل: 9828080154

هن ڪتاب جي ڇپائڻ ۾ راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور پاران مالي امداد مليل آهي.

हिन किताब खे छपाइण में राजस्था सिन्धी अकादमी, जयपुर पारां माली इमदाद मिलियल आहे।

ٻه اکر

شل سلا ساوا ٿيئن

اَڄ مان ڏاڍو خوش آهيان. جو توهان جي اڳيان منهنجو ٻيو ڪتاب (انوواد جي روپ ۾) ڪهاڻي سنگرهه ''ڪارا نشان'' پيش ڪري رهيو آهيان. مول ليکڪ ڪشن رتناڻيءَ جو لکيل هيءَ ڪهاڻي سنگرهه راجستان سنڌي اڪادمي جئپور جي آرٿڪ سهيوگ سان انوودت روپ ۾ توهان جي هٿن ۾ ايندو. اها سڀ مالڪ جي مهر، يارن جي دلداري ۽ قُرب آهي جو مونکي ان لائق سمجهيو آهي. سماجي حالتن کي ڏسي سياويڪ طور اسان سيني جي من ۾ ڪجهه سوال اڀرندا آهن. من جي انترڪش ۾ فيرا پائيندا آهن. جواب ڳولهڻ جون ڪوششون ڪهاڻين جي روپ ۾ اچي سامهون بهنديون آهن. سوال گهٽيئي آهن، من ۾ لکل وهمن جي متان دماغ جي ايگو چڙهي وڃي ۽ لڳي ڊڪ پائڻ ته پنهنجن رشتن کي پاسيڙو ڪري سمجهوتو ڪرڻ يا آخري وقت تائين زندگيءَ ۾ پيار ۽ محبت جي مهڪ ملڻ جي خواهش، ڪهڙي آهي زندگي؟ ڊيئرون ڪڏهن منهوس ڪون ٿينديون آهن، پختيءَ سان چوڻ ۽ پنهنجي پٽ کي بي دخل ڪرڻ، پنهنجي وجود کي قائم ڪرڻ واسطي فورت جي ڪوشش، ڇا اهي ساماجڪ بدلاو جا اشارا آهن؟

سوال سروڪار، سچائي ۽ سپنا ڪجهه سلا ڪهاڻين ذريعي پيش ڪرڻ جي ڪوشش آهي. ڪشن رتناڻيءَ جو ڪهاڻي سنگرهه ڪارا نشان جنهن جو انوواد توهان جي هٿ ۾ آهي. شل سلا ساوا ٿيئن.

''ڪهاڻين ۾ سماج جا يٿارٿ چتر ملن ٿا. اهڙن چترن کي ڪشن رتناڻيءَ تمام اثر دار ۽ ڪلاتمڪ شئليءَ ۾ ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي. مول پُستڪ جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي جا اهي اکر مادري جوان

سنتولن کان ڪم ورتو آهي ۽ منورنجن ۽ مستيءَ سان زندگيءَ کي بهار بهار ڪيو آهي. جيڪڏهن اڄ جي تناو ۽ جلدبازي ڪري مانسڪ دکن جي اپتار پون ها نہ بلڊ پريشر يا ڊپريشن ۾ پئجي وڃڻ سان سچو ڪٿنب دک ئي دک ڏسي ها.

اهڙيءَ طرح هڪ هڪ ڪهاڻي سکيا ڏائڪ ۽ ڪو سٺو سنسڪار ڏيندڙ آهي. ترجمو ڪندڙ محبوب بہ چيدي، سرل سنڌي ڪم آڻي آهي ۽ جڻ پاڻ ئي مول ليکڪ آهن.

پاٺڪن کي وينتي آهي تہ اهڙي سنڌي ساهتيہ کي پڙهن ۽ ٻين کي بہ همٿائين دانويرن، ۽ ڌنوان پاٺڪن کي بہ اپيل ڪندس تہ سنڌي ساهتيہ، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي دائم قائم رکڻ لاءِ آشاوادي ٿي دل کولي حوصلي افزائي ڪندا اچن تہ پنهنجي ماترڀاشا کي ڪو بہ لوڏو نہ رهندو. سڀني کي واڌايون ۽ شڀ ڪامنائون، وڏي مهرباني، ڌنيواد.

نولراءِ بڇاڻي.

اڳيون اڌيڪش راجستان سنڌي اڪاڊمي جئپور

اڳيون MLA اجمير مان

راجستان اسيمبلي.

فهرست

سنڌيت لائي، ڪشن رتناڻيءَ جو سڪ ۽ حُب ڪي سامهون رکن ٿا. هي
آزمودو سچ آهي ۽ سچ رهندو تہ لکڻ ۽ پڙهڻ جي ڪائي عمر نہ ٿيندي
آهي. زندگيءَ جي سفر جي ڪنڌيءَ تي پهچي بہ اهو احساس قائ
آهي. ڀڳوان ايتري سگهہ ڏي ۽ توهان پاڻکن جون دعائون رهن ج
اڃان بہ سماج شيوا ڪندو رهان ۽ لکندو پڙهندو رهان. اميد ٿو ڪيا
تہ توهان پنهنجي رايہ موڪليندا.

نارائڻداس ميرچنداڻي
25/307 آشا گنج اجمير (راجستان)
0145-2460341

===

سڏانت جي پالنا وجيہ جو سبب هئي، هن جي پهچان هئي. ڪمپيوٽر وجيہ جي پسنديدا شيءِ هئي. انٽرنيٽ اَهڙي ڏنيا جتي هن کي دنيا جا سيئي ماڻهو پنهنجا لڳندا هئا. جيئن تہ بلڪل پاسي ۾ بيٺا هجن، هڪ دم سامهون. ساڪيات، ساڪار ڏرم ڪندا ماڻهو.

وگيان جي جڳت ۾ هڪ خاص عهدي تي وجيہ کي پهچائڻ ۾ وگيان جي هن خاص اَويشڪار جو وڏو هٿ هو. وجيہ جڏهن بہ ڪائي وڏي کوج ڪندو هو ۽ اُن کوج جي باري ۾ ليک لکي انٽرنيٽ تي شامل ڪندو هو تہ هن کي پڙهڻ ۽ ڏسڻ وارن جي قطار لڳي ويندي هئي. هن جي هن ڪاميابيءَ کي ڏسي هڪ وڏي اَنترراشٽريہ سنسٿا هن کي هڪ پرستاوَ ڏنو. اِهو پرستاوَ هو نئين ويبسائيٽ کولڻ جو. وجيہ هن پرتاوَ کي دل سان قبول ڪيو. ويبسائيٽ جو نامو هو خيال کوج (ڊاٽ) ڪام.

هن ويبسائيٽ جي شروعات ٿي تہ اخبارن ۾ ليک ڇپيا واڌاين ڏيڻ وارن جا فون اَچڻ لڳا.

وجيہ کي ڪارڊليس فون پڪڙائيندي نڊيءَ چيو.

ڪوڙيون واڌايون ڏيڻ لاءِ فون ٿا ڪن ماريا. سڀ اَندر ۾ تہ سڙ ٿا ڪائين. سچ چوانوَ تہ اَڄ جي هن مطلبي دنيا ۾ دلي واڌايون ڏيڻ وارا ٻئي جي خوشيءَ تي خوش ٿيڻ وارا تہ بچيا ئي ڪونہ آهن.

اَري پوءِ پلا تون ڪٽي ڏي دلي واڌايون. وجيہ چيو ۽ فون سان گڏوگڏ نڊيءَ کي بہ پاڻ وٽ ڪينچي ورتو.

ٻڌاپو اَچي ويو اَٿو پر بيڪراري وڃڻ جو نالو ئي ڪونہ ٿي وٺي. ٿورو گهٽو تہ شرم ڪيو. پاڻ کي وجيہ جي ٻانهن کان ڇڏائيندي نڊيءَ چيو. هن ڳ الهہ کي چوندي چوندي هوءَ خود شرمائجي ويئي.

هاڻي تہ هنن ڳلن جي ڳاڙهن ٿيڻ جي کوج ڪرڻي پوندي. وجيہ چيو. نڊيءَ کي کل اَچي ويئي. هن پنهنجي کل کي روڪيندي وجيہ کي اِشارو ڪيو تہ فون تي ڳالهايو. اَڙي ٿورو انتظار ڪرڻ ڏي ماڻهن کي، نہ تہ مان بہ آءَ پي ڪيئن چوائينداس، چئي ڪري وجيہ وري نڊيءَ کي ڪينچي ورتو. ڏٽ چئي ڪري نڊيءَ ڪارڊليس فون کي آن ڪري ڇڏيو. پاڻ کي ڇڏائي، مسڪرائيندي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويئي. هن ڏٽ لفظ ۾ اَلاڻجي کهڙي

ڪارا نشان

سڀ پاربوارا اوهان جي نالي ۽ ڪم سان ساڃ ڌا ڪائن سائين ڪنو بچائي اهڙي پاربوارن جي ڪني نظرن کان اوهان به ته ڌورو سمجهو. ڇڏي چو نتا ڏيو پنهنجي پبلسٽي ڪرڻ.

اَمومن روزانا گهر وارن جو اِهو شلوڪ ٻڌندو هو وجيه. گذريل ٽن ورهين کان هن جي مهنت، قسمت اِهڙو ساٿ ڏنو، جو هر مهني هڪ نه ٻيو اِنصاف هن کي ملندو رهيو ڪڏهن ڪا ڪهاڻي اِخبار ۾ ڇپي ته ڪڏهن پستڪ جو پرڪاشن منجور ٿيو.

اَهن سڀني موقعن کي هن جي اَدبار نويس دوستن خوشيءَ خوشي ملهايو. هن کان پارٽي ورتي ۽ هن جو پرچار به ڪيو. ڪنهن خاص ڪاميابي جو پرچار ڪرڻ ۾ غلط به ته ڪونه ٿي سگهي ٿو. خاص ڪري جڏهن لوڪتنت جو چوٿون مضبوط ڪنڀو پنهنجو ساٿ ڏيڻ وارو هجي ته.

وجيه پيشي سان وگيانڪ هو دل سان رچناڪار. هن جو دماغ قدرت جي اَجوبي رچنائن جو رهسيه ڳولهيندو هو ته دل ڀاونائن جي اَٿاهه سمنڊ ۾ گوتا ڪائيندي هئي. سائنسدان جي روپ ۾ هن جي ڪياتي جي خاص وجهه هئي هن جي لگن، هن جي محنت ۽ مشقت، سادگي ۽ سچائيءَ سان ڳالهه کي کولي ڪري لکڻ جي طريقي هن جو مان وڌايو.

وجيه ڪنهن به ڪم کي هٿ ۾ کڻندو هو ته ان کي پورو ڪرڻ تائين وجيه کي آرام ڪونه ايندو هو. هن نه ڏينهن ڏسندو هو نه رات. ڏينهن رات جي هن مشغوليءَ ۽ مسروفيت جي باوجود هن جي دل سدائين ڌڙڪندي رهندي هئي. زنده رهڻ واسطي دل جو ڌڙڪڻ لازمي ٿيندو آهي، پر سچ پڇ ته دل جي ڌڙڪڻ جو اَحساس هر هڪ کي ڪونه ٿيندو آهي. دل جي ڌڙڪڻ جو اِهو اَحساس جڏهن ڪوئي آڪار وٺندو آهي ته هڪ رچنا جو جنم ٿيندو آهي. اِها رچنا رچناڪار کي ته سک ڏيندي ئي آهي، گڏوگڏ اَن رچنا کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ واري کي به من جو مزو ملندو آهي.

من کان وڏو مرز ۽ ڪرم کان وڏو ڌرم نه ٿيندو آهي. زندگيءَ جي هر

موجون ماڻيندا هئا.

ٻارن کي اسڪول موڪلي وجهڻ نديءَ صبح جي سئر تي نڪري ويندا هئا. هن ڏينهن به ٻارن کي اسڪول موڪلي وجهي صبح جو سئر واسطي وڃي دروازي تي بيٺو. نديءَ کي تيار ٿيڻ ۾ ٿوري دير ٿي ويئي. ڪنهن به ڪم ۾ دير ٿيڻ وجهه کي نامنظور هو. هن جو پارو چڙهي ويو.

راجي چا ٿي ويو. ڪيڏانهن گهه ٿي وئين؟ اڄ صبح جي سئر تان جلد موٽڻو پوندو. منهنجي ڪانفرينس آهي.

وجيهه نديءَ هڪ ٻئي کي راجي چئي سڏيندا هئا. راجي يعني جيڪو دل تي راڄ ڪري، ويچارن تي راڄ ڪري.

مونکي به اڄ گهٽائي ڪم آهن. باسٽن واريءَ جو فون آيو هو اڄ چونيءُ ڪئي اٿئي، رنڌٽي مان هن جواب ڏنو. ڇُٽي وري چوني. اڙي تنهنجي نوڪرياڻيءَ ته تمام نوڪرشاهن جا به رڪارڊ ٽيجي ڇڏيا آهن. نوڪرشاهن کي به هارائي وڌو اٿئي. رنڌٽي ۾ گهرندي وجيهه چيو.

نديءَ باسڻ ٻي ڏوتا. هن جي شال هر گهڙيءَ اکيان اڇي هن کي پريشان ڪري رهي هئي. وجيهه پنهنجي هٿن سان شال کي ته پاسيرو ڪيو. مگر هن جا هٿ ڇيڙ ڪرڻ لڳا. نديءَ جو موڊ آف هو.

هن جي هن موڊ آف ٿيڻ جو سبب وجيهه جي ڇيڙ ڪونه هئي. مگر هن جي من ۾ درد ڦيرا پائي رهيو هو. هن جي ڳالهائڻ مان وجيهه کي هن جو احساس ٿيو.

ويچاري منجو پنهنجي گهرواري جي اکيان هن جي بلڪل نٽي ملي. وري پيٽ ۾ ٻار هٿ پيرهلائڻ لڳو اٿس پرهن ٻيري هن به سوچي ڇڏيو هي ته هوءَ ٻار کي جنم ڪونه ڏيندي. ٻار ڪيرائي ڇڏيندي. هن واسطي هن ان ڪري ڪم تي اچڻ لاءِ منع ڪري ڇڏيو. ويچاري منجو ويچاري آگر ۾ ڪل درد وجيهه سڃاڻي ويو. هن پنهنجا ٻئي هٿ نديءَ جي جسم تان هٽائي ڏيا. عورت جسم يا ضرورت جي الوا به ڪجهه ٿيندي آهي. هڪ حقيقت هن احساس کي من ۾ محسوس ڪندي وجيهه چيو.

ٻار پيدا ڪرڻ جي الوا به ڪجهه ايندو آهي مٿن کي. عورت کي روزانا ٻاروانگر ڇنڊينا آهن مٿا ۽ پوءِ ڦٽي ڪري ڇڏيندا آهن. رديءَ جي نوڪريءَ

رنگت لکل هئي جو هن کي پڌائينديي ئي وجيہ جي شرير جا سيئي موبائيل وڄڻ لڳا. گهنٽيون ۽ ايس ايم ايس سچا من موهيندڙ سُر اُچڻ لڳا.

وجيہ فون تي ڳالهائيندي ڳالهائيندي نڌي ۽ جي پٽيان وڃي رنڌڪي ۾ پهتو. نڌي اَنو ٻوهي رهي هئي. وجيہ جي هڪ هٿ ۾ فون هو، ٻيو هٿ نڌي ۽ سان مستي ڪرڻ لڳو.

پل پل جا اِهي مزا، اِهي مستيون، ماٺا تاٺا ڪرڻ سڀ ڀيڄ نڌي ۽ وجيہ جي جيون جي اَنمول نڌي بڻجي ويا هئا. هو ٻئي هنن پلن جو ڀرپور آنند ماڻيندا هئا.

اُن رات انٽرنيٽ تي واڌايون ڏيڻ وارن قطارون لڳي ويون. ان ڪري رات جو سمهڻ ۾ وجيہ کي دير ٿي ويئي. مگر صبح جو جلدي اُٿڻ جي نيم ڪي وجيہ وساري ڪونہ سگهيو.

صبح جو جلدي اُٿڻ وجيہ جي ٻالپڻ جي عادت هئي. جيئن جيئن زميداري وڌندي ويئي، تيئن تيئن صبح جو جلد اُٿڻ جو وقت وڌندو ويو.

وجيہ روزانو صبوح جو ڇئين بجي اُٿي ويندو هو. ڇئين بجي ٽرمس پري اُٺي چانهہ ٺاهيندو هو. پوءِ چانهن جو ٽرمس اَخبار چشمو کڻي انٽرنيٽ شروع ڪري ٻہ ڪلاڪ گذاريندو هو. اَدبار جون سرکيون، چانهہ جون چسڪيون ۽ انٽرينٽ جو گرميون سيئي جا مزا ماڻيندو هو. انهن ٻن ڪلاڪن ۾ ڇهہ وڄندي ئي گهر جا سڀ الارام وڄڻ لڳندا هئا. وڏو پٽ پنهنجو اَلارام وڄائيندو هو تہ نندي ڌي ۽ پنهنجي. جهڙا ٻار تهڙي ماءُ. نيون اَلارام نڌي ۽ جي پلنگ پاسي وڄڻ لڳندو هو چوٿو اَلارام وجيہ جو.

سيئي پنهنجي ڪمن ۾ لڳي ويندا هئا. وجيہ نڌي ۽ سان گڏ ٻارن کي اسڪول موڪلڻ جي تيارين ۾ مشغول ٿي ويندو هو. بلاشڪ هن جو من ۾ هن جا هٿ پنهنجي ۽ موج مستي ۽ کي ٻہ گڏو گڏ کٽي هٽندا هئا.

صبح صبح جو توهان جي رت ۾ گرمي وڌي ويندي آهي ڇا؟ نڌي ۽ وجيہ کي ٽوڪيندي تہ هئي، پر هن کي پتو هو تہ صبوح جي وقت جي اَها موج هن جي جيون کي سدائين تازو بڻائي رکندي آهي. شادي ۽ کان پوءِ گذريل ويهن ورهين ۾ هن جي جهولي ۽ ۾ اهڙا نندا نندا گهڻيئي اَڻ ڏٺل خزانا سدائين

اوندهہ جي ڪري مونکي نشان نظر نہ آيا هجن؟ ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن رات جو ٺاهيا هجن اِهي نشان؟ ڪنهن تنتر منتري ڪري ٺاهيا هونڌا اهي نشان؟ ڪنهن ڪيو تنتر منتري؟ طرح طرح جا سوال وجيہ جي من ۾ گهمڻ لڳا. سوالن جي طوفان جي وچ ڦيرا پائي رهيو هو آواز. نڌيءَ جو آواز

سائين ڪنور بچائي ڪنين نظرن واري پاڙيوارن کان.

سامهون وڏي روڊ تي ڪجهہ ماڻهن جي هلڻ ءُ ڳالهائڻ جي آواز ٻڌي ڪري وجيہ پنهنجو ڌيان ڪاري نشانن تان هٽائي ڇڏيو.

اڙي وجيہ اَڄ پاپي ڪٿي آهي. توهان اڪيلا نظر پيا اچو. اڪيلا هجو تہ هلو اسان سان گڏ گهمڻ. پاڙيواري جڻن وجيہ کي چيو.

ها! ها! جڻن بابو پلي هلو. مونکي اَڄ ١٥-١٠ منٽن ۾ واپس موٽڻو آهي. وجيہ پنهنجي من ۾ ٿيندڙ اُٿل-پُٿل کي ٺرڪائيندي چيو.

وجيہ گهمڻ تہ نڪتو پر هن کان تيز گهمي رهيا هئا سوال اُهي سوال وجيہ کي جيئن تہ ونوڙڻ لڳا.

ڪارا نشان منهنجي گهر جي سامهون ڪنهن ڪيا؟ ڇو ڪيا؟ هاڻي ڇا ٿيندو؟ ڪنهن کان صلاح وٺجي.

گهمي ڪري موٽيو تہ من ۾ خيال آيس تہ نشانن جي بابت نڌي سان ڳالهائي پتو لڳائي. مگر وجيہ نڌيءَ کان ڪجهہ بہ پڇي ڪونہ سگهيو. چپ رهيو. هن جي چپ رهڻ جون بہ وجهون هيون. پهرين وجهہ کي هن ڳالهہ جو اَحساس هو تہ جي اگر هن ڪاري نشانن جي باري ۾ نڌيءَ سان ڳالهايو تہ پوءِ نڌيءَ جي ننڊ ڦٽي پوندي، نڌي نہ خود سمهندي نہ هن کي سمهڻ ڏيندي.

ٻي وجهہ هئي وجيہ جو اَهم، جنهن کي اَسان اِگو جي نامي سان پرڀاشت ڪندا آهيون. هڪ سائنسدان، ساڪيائو، پڙهيل ماڻهو هجڻ جي ايگو.

من ۾ لڪل وهمن جي مٿان دماغ جي ايگو چڙهي ويئي ءُ لڳي ڌڪ پائڻ. ماڻهن کي پتو پيو تہ هيڏو وڏو وگيانڪ ڪاري نشانن کان ڊڄي ٿو تہ ماڻهو کلندا، مذاق اڏائيندا هن جو. هو چپ رهيو مگر هن جي خاموشي ڳالهائڻ لڳي. هن کان سوال ڪرڻ لڳي. من ۾ سوال اُٿن ءُ جواب نہ ملي سگهي تہ ڳنڍيون پوڻ لڳنديون آهن. ڳنڍيون وڌنديون وڌنديون من کي پتنگ جي مانجهي وانگر ٻٽائي ڇڏينديون آهن نہ کلڻ جو رستو نہ کولڻ واري هٿن کي زخمي ٿيڻ کان

۾ وجيہ جي منهن مان ڳاڙهي ڪري نڏي هن جي من جي ڀاونا سمجهي ويئي. هن کي هن ڳالھ جو اَحساس هو تہ وجيہ جي منهن مان ڳار تڏهن نڪرندي آهي جڏهن هن کي ڪجهہ غلط ٿيندو نظر ايندو آهي ۽ هن کي سڌارڻ ۾ هن جي حصيداري شامل نہ ٿي سگهندي آهي. اَهڙن سيني موقعن تي هوءَ وجيہ جو ساٿ ڏيندي هئي. هاڻي هوءَ ويچاري بہ ڇا ڪري. مردن کي نا ڪرڻ جي طاقت نہ وڏين وڏين مهاراڻين ۾ بہ ڪونہ ٿيندي آهي پوءِ هو تہ ويچاري نوڪراڻي آهي. سڀ مرد توهان وانگر ٿوروئي ٿيندا آهن.

نڏيءَ اِها ڳالھ چئي ڪري وجيہ سان چنبڙي ويئي ۽ هن کي پيار ڪرڻ لڳي. اکين جي آلاڻ وجيہ جي هٿن بہ محسوس ڪئي.

اَري واھ منهنجا سائين. اَڄ تہ وڏي مهر ڪئي اَٿئي. چئي ڪري وجيہ بہ نڏيءَ کي پيار ڪرڻ لڳو.

توهان وڃي ڪهمي اَچو. نڏيءَ چيو.

نيڪ آهي منهنجي راڻي. جيئن توهان جو حڪم مان اِجهو آيس. اَڄ ڀاڄي مان ڪاهيندس. چئي ڪري وجيہ ٻاهر نڪتو.

اَڃان هو گيٽ کان ٻاهر نڪتو هئس تہ هن جي نگاھ گهر جي دروازي جي ٻاهر نهيل ڪجهہ ڪارن نشانن تي وڃي پيئي. چار ڪارا ڪراس جا نشان ۽ وچ ۾ هڪ ڪارو گولو.

سائين ڪنور بچائي ٻاڙيوارن جي ڪني نظر کان. ڪارن نشانن کي ڏسي ڪري وجيہ کي نڏيءَ جي ڳالھ ياد اَچي ويئي. جيڪا هوءَ انڪل روز چوندي هئي. هن هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. سامهون وڏي روڊ تي اڪا-ڏُڪا ماڻهو گهمي رهيا هئا. پر هن جي گهٽيءَ ۾ ڪير بہ ڪونہ هو. گهٽي سنسان هئي. هن جو گهر وڏي روڊ کان ٿوروئي اَندر هو. اِن ڪري گهر جي دروازي تان وڏو روڊ صاف نظر ايندو هو. ٿورو هيڏانهن هوڏانهن ڏسي هن پڪو ڪري ورتو تہ ڪير ڏسي تہ ڪونہ ٿو. جڏهن هن کي هن ڳالھ تي ڀروسو ٿي ويو تہ ڪير ڏسي ڪونہ ٿو تہ هو هيٺ ويهي ڪري ڪارن نشانن کي هٿ سان ڇهي ڏسڻ لڳو. مٽائڻ جي ڪوشش بہ ڪيائين.

تيل واري رنگن سان نهيل هئا. اهي پنج نشان گذريل صبح جو تہ ڪونہ هئا. سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر هئس رات جو موٽيو هوس، ٿي سگهي ٿو

ڳالهہ کي کولڻ جي دير هئي. تانترڪن جي لمبي سوچي سامهون اَچي وئي. وجيہ جا دوست گڏ ڪجهہ ڪندڙ ساٿي، رشتيدار سڀني پنهنجو آزمودو، پنهنجو اپيگيان ۽ پنهنجي پنهنجي اندازسان تانترڪ جون خاصيتون سامهون رکيون.

وجيہ ٽن تانترڪن سان ملاقات ڪئي. ٽنهي کان سوال پڇيائين تہ ڪوئي اڻ ڄاڻ ماڻهو ڪنهن جي گهر جي ٻاهر ڪارا نشان ناهي تہ هن جو ڪهڙو اثر ٿيندو. هن اثر کي ڪيئن مٽائي سگهبو.

پهرين چيو تہ گهر جي ٻاهر هر منگل ۽ ڇنڇر تي ليمو مرچ ٽنگڻ شروع ڪيو ۽ روز هڪ منتر جو جاپ ڪريو، لوڻيءَ ۾ جل ڪٽي نشانن جي مٿان وجهڻ سان ڪارا نشان بي اثر ٿي سگهن ٿا.

وجيہ هن صلاح تي ترت عمل شروع ڪري ڏنو. نڌي تہ ڪيترن ڏينهن کان پنيان پيئي هئي، گهٽيئي دفعا چئي چڪي هئي تہ ليمو-مرچ گهر جي دروازي مٿان ٽنگڻ سٺو شگن ٿيندو آهي. هن جون ساهيڙيون تہ هن شگن کي آزمائي چڪيون هيون.

وجيہ نڌيءَ کي اشارو ڏنو تہ هوءَ خوش ٿي وئي. جهٽ موبائيل تي پنهنجي ساهڙيءَ کان پتو ڪيائين ليمو-مرچ ٻڌڻ واري جو موبائيل نمبر ونئي هڪ کي نيڪو ڏيئي ڇڏيائين.

منتر جو جپ ڪري ڪاري نشانن تي جل ڇڙڪڻ ٿورو ٽيڙو هو. سچہ سامهون اَچي ويو تہ؟ مگر خيال ڪوچ ڌاٽ ڪام واري دماغ هن جو رستو بہ ڪڍي ورتو. ڪاري نشانن جي پاسي ۾ بيهي ڪري سورج ديوتا کي اَرگ ڏجي ۽ من ئي من ۾ منتر جو جاپ ڪجي، ڪنهن کي پتو بہ نہ پوندو ۽ ڪم بہ ٿي ويندو. ماڻهو سوچيندا تہ سوريہ ديوتا جي اُپاسنا ٿي رهي آهي.

ٻئي تانترڪ صلاح ڏني تہ هڪ اَهڙي ڪتي کي ڳولهيو جيڪو بلڪل ڪارو هجي. لڳاتار ويهہ وسپت هن ڪاري ڪتي کي کير پيياريو؟ سجها ڏکيو هو مگر ماڻهوءَ جي ڪوپري بہ ڪمال جي شيءِ ٿيندي آهي. ڪڏهن ڪيترا سوال اُٿاريندي آهي تہ ڪڏهن ڪيترا جواب ڳولهي سامهون رکندي آهي.

ڪوپريءَ ڪوچ ڪئي. ترڪيب سامهون بيٺي هئي. ڇوروڏي ويا آهن. جي رکيا واسطي هڪ ڪتو هجڻ تمام ضروري آهي. ڪتو هجي تہ سوَ في

بچاءِ.

ساڳي ڏينهن جي ڳالهه هئي، وڃڻ جي ڏيءُ مونيڪا سائيڪل هلائيندي وقت ڪري پيئي. هن جي هٿن ۽ گوڏن تي ڏڪ لڳا. پنس جو پرچو بگري ويو.

بابا سنو پرچو هو. مونکي سڀ ايندو هو. مان خوش ٿي ڪري سوالن جا جواب لکي رهيو هيس، اٽي جا ٿيو. اوچتو چڪر اچڻ ۽ پيٽ ۾ سور ٿيڻ لڳو. پيپر بگڙي ويو بابا. چئي ڪري وروڻ روئڻ لڳو.

ٻنهي ٻارن کي سمجهائيندي وقت وڃڻ جي اکيان ڪارا نشان گهمڻ لڳا. ضرورئي سڀ ڪاري نشانن جي مهما آهي. ضرور ڪاري نشانن جي ڪري ئي سڀ ڪجهه ٿيو آهي. ڪجهه نه ڪجهه ته ڪرڻو پوندو. جلد جيترو ٿي سگهي جلد. من ۾ وهم، طرح طرح جا ڊپ ۽ ويچار من کي موڙڻ لڳا. ايترو موڙي وڌائون جو من ٽٽڻ لڳو.

سائين ڪنور مهر ڪري مٺا پاڙيوارا سائين ڪنور بچائي اهڙي پاڙيوارن جي ڪني نظرن کان. نڏيءَ جي هن ڳالهه وڃڻ جي من ۾ اُٺندڙ چنگارين کي ٻانهه ۾ تبديل ڪري وڌو.

ضروري ڪنهن پاڙيواري ئي ڪيا هوندا اِهي ڪارا نشان. هاڻي ته پنهنجي پبلڪسٽي بند ڪرڻي پوندي. ساڙ ٿا کائن. سڀ پاڙيوارا، پر هن دفعي سائين ڪنور مهر ڪري. من ئي من ۾ سوچڻ لڳو وڃڻ. ڊپ جا سايعيا بادلن وانگر ڇانئڻ لڳا. دماغ جو سورج ٻاهر نڪرڻ واسطي پيشاب هو.

ڪوئي نه ڪوئي رستو، طرڪيب ڳولهڻي پوندي. تاڪ هي ڪارا نشان ٻيهر ٿي سگهن. تانترڪ نشانن کي ته ڪوئي تانترڪ هي ٽوڙي سگهندو. مگر سائنسدان ٿي ڪري هو ڪهڙي طريقي تانترڪ سان ملي. ماڻهو کي پتو پيو ته؟ اصل ڳالهه کلي ويئي ته؟

من ۾ سوال هئا، جواب به سامهون اچڻ لڳا. هن طئه ڪيو، هو پتو لڳائيندو ته ڪهڙا تانترڪ آهن، ڪير وڏيڪ طاقتور آهي، پوءِ ملاقات ڪبي ماڻهن کي چوندس ته مونکي تنترودِيا جي کوج ڪرڻي آهي. تاڪ مان خيال کوج ڊاٽ ڪام تي هڪ ليک لکي سگهان. من جي مٿان ترڪيب هاوي ٿي ويئي ڊپ ڪجهه وقت جي لاءِ لڪي ويو.

سگهندو. پر هر هڪ جو پنهنجو شرير ٿيندو آهي. نامعلوم ڪهڙو اثر ٿئي؟ ورو۽ جو بدن ٿورو ٿڌو ٿيڻ لڳو هو.

سچ ٻڌاءِ ڪجهه پيو ته نه ڪاڏو اٿيئي؟ وجيه همت ڪري پٽ کان پڇيو.

ڪوشش ڪئي هئي ڀهرين آل آئوٽ جي شيشي کولي هئي پيئڻ کان ڀهرين ڇڪي ٻه، پرورڻ بند ڪري ڇڏي، جواب مليو.

وجيه جهٽ پنهنجي موبائيل تي ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسيپل کان ڳالهايو. هو وجيه جو خاص دوست هو.

ڊاڪٽر ورما منهنجي پاڙي ۾ ڪنهن جوان ڇوڪري پيرا سٽا مول جون ڏهه گوريون هڪ وقت کائي ڇڏيون آهن مان هن کي وٺي ڪري اسپتال روانو ٿي رهيو آهيان، توهان مهرباني ڪري فون ڪري ڇڏيو ميڊيڪو سگم ڪيس نه بڻجي. مهرباني ڪري ڊيوٽي ڊاڪٽر کي تاڪيد ڪجو. پٽ جي پيٽ ۾ ويل دوا کي بي اثر ڪرڻ واسطي ڊاڪٽر چارڪول جون گوريون ڳهرايون. انهن گورين کي پيسي نڪ جي رستي ورو۽ جي پيٽ ۾ پهچايائين. ٿوري دير کان پوءِ پيٽ مان سڄو پاڻي چارڪول سان گڏ ٻاهر اچڻ لڳو.

خطري جي ڳالهه ڪونهي. ڊاڪٽر جي هن جواب کي ٻڌي وجيه کي آرام آيو. پٽ جي باري ۾ جيڪو ڊپ من ۾ هو جيئن گم ٿيو تيئن من جي ڪنڊ ۾ لڪيل ڪاري نشانن جو ڊپ اٿي بيٺو. ضرور ڪاري نشانن جي مهما آهي؟ ڊپ ڳالهائڻ لڳا.

سڄي رات پٽ سان گڏ پٽ کي سمجهائيندي، پنهنجي ڊپ کي سمهاريندي نڪري ويئي. صبح جو گهر ۾ گهڙندي وقت ڪاري ڪتي جي پون پون ٻڌي هن جو من وري ڪاري نشانن پاسان ڀڄڻ لڳو، سالا ڪتا عادتن هڪ گارو وجيه جي منهن مان نڪتي.

من جي مشين هلڻ لڳي اُتپاتن ٿيڻ لڳو. سوال روپي ڪچي مال مشين ۾ ويو ته جواب روپي اُتپاتن سامهون آيو. جواب مليو ته تانترڪن جي تلنا پنڊتن سان ڪجي، تڏهن ته خيال ڪوچ ڊاٽ ڪام ليڪ ڀهرو ٿي سگهندو.

ٽن تانترڪن جي تلنا ٽن پنڊتن سان ڪرڻ جي تلاش شروع ٿي ويئي. ٽن پنڊتن ٽي طريقا ٻڌيا.

سدي ڪارو آخر پنهنجي پنهنجي پسند آهي. وگياپن جو زمانو آهي. اَخبار نيٽ (انٽرنيٽ) ۽ ڪيبل تي وگياپن ڏيڻ جي ديرهئي. موبائيل وڃڻ لڳو. ٽي آفر مليا ڪاري ڪتي جا مگر هڪ سهي هو. باقي به ڪتا ڪارا ته هئا مگر انهن جي نسل، جاتي نيڪ ڪونه هئي. نسل ۽ ذات ڏسڻ ڇا ڪيول راڄنيتائن واسطي ضروري آهي؟ اسان به ته حقدار آهيون؟ ماٺهن صلاح ڏني.

سٺي نسل وارو ڪارو ڪتو خريد ڪرڻ جو سودو ٿيو. من پسند رنگ، ذات ۽ نسل ته من پسند ريٽ پنج هزار پنج سئو هڪ روپئي ۾ سودو ٿي ويو. ڪارو ڪتو گهر جي انڱڻ ۾ شان سان پون-پون ڪري، ڪيڙ ڦل، ميٽ مرغا بڙر توسٽ مٺگي ۽ هيلدي رچ فُڊ (ڪتن واسطي ايندڙ شاندار ويڃن وگياپن وارو) کائڻ لڳو.

لئين تانترڪ جي صلاح مڃڻ وجيه کي ٺيڪ ڪونه لڳي. هن صلاح ڏني هئي ته ڪنهن مرگيء جي تازا ترين بارجي بلي ڏيئي، تازا ترين رت ڪاري نشانن جي متان وجهي ڇڏجي ته ڪارا نشان بي اثر ٿي ويندا. ڏهه ڏينهن نڪري ويا.. ڪاري نشانن جو دپ گم ته نه ٿي سگهيو هو، ها وجيه جي من جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ ليٽي پيو هو. ڪڏهن ڪڏهن اَچانڪ اُٿي وهندو هو. اکيون کولي ڏسندو هو ليمو، مرچ، ڪارو ڪتو، سوريه اُپاسنا کي ڏسي وري ليٽي پوندو هو. آرتوار جو ڏينهن هو. وجيه کي هڪ پارٽيء ۾ وڃڻو هو. پٽ پنهنجيء مستيء ۾ مگن رهندو هو، هن کي پتا جي سنگ کان وڌيڪ دوستن جي سنگ، ڊي وي ڊي پليئر ۽ ڪمپيوٽر جو سنگ پسند هو. امتحان به مٿي تي بيٺا هئا، سو وجيه، نڏي ۽ مونيڪا پارٽيء ۾ ويا، ورون گهر ۾ اڪيلو رهيو.

پارٽيء کان مونيا ته پٽ گم-سم ۽ اُداس نظر آيو. ماءُ پيءُ ورائي ڪري پڇيو ته هو روئڻ لڳو ۽ چيائين بابا! ساري! مونکي امتحانن کان ڊپ پي لڳو. هن ڪري مون پئراسٽا مول جون ڏهه گوريون کائي ڇڏيون آهن.

ــ ورون ڳالهه چوندي چوندي ڪنبڻ لڳو هو. نڏيء اِها ڳالهه ٻڌي بيهوش ٿي ويئي. مونيڪا روئڻ لڳي. وجيه جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. هن مونيڪا کي اِشارو ڪيو ته نڏيء کي سجاڳ ڪري.

وجيه جو سائنسدان دماغ ڊڪ پائڻ لڳو. هن کي اِن ڳالهه جي خبر هئي ته اِن ڏهن گورين جو اثر جلد نظر ڪونه ايندو. وڌيڪ نقصان به نه پهچائي

رات جو جڏهن سڀ سمهي پيا تہ وجيہ اُٿيو. ٽارچ کڻي گدام ۾ ويو. ڪدالي ۽ ڦاوڙو ڪڍيائين. مٿي تي ٽوپي ۽ هٿن ۾ دستانا پاتائين ۽ گيٽ کولڻ تي هو تہ ڏيءُ جو آواز ٻڌڻ آيس.

پاپا ڪٿي ٿا وڃو. مميءَ کي ٽائليٽ تڪ ڇڏ وڃي وڃو. ممي سڏ تي ڪريو.

پهرين ڏينهن يوجنا ناڪامياب ٿي ويئي. وري ڪوشش ڪندس. ڪوشش ڪاميابيءَ کي حاصل ڪرڻ واسطي ضروري ٿيندي آهي. سوچي وجيہ سمهي پيو.

ٻئي ڏينهن هن شام جو سڀ تياري ڪري ورتي. رات جو جڏهن ڏٺائين تہ ٻارن ۽ ڏيءَ کي ننڊ اچي ويئي آهي تہ اُٿيو.

ڪجهہ ٻہ ٿي وڃي اَچ تہ ڪاري نشانن کي اُکاري ڦٽو ڪندس نہ رهندو بانس نہ رهندي بانسري. وجيہ ڪدالي ۽ ڦاورو کڻي ٻاهر آيو پاڙيواريءَ جو پٽ رات واري گاڏيءَ ۾ ويٺو هو. رات جو ٻي لڳي واري گاڏي هئي. آٿو گهرايو هو هنن. آٿو وارو بيٺو هو. پٽ کي ودا ڪرڻ ڏکيو پل ٿيندو آهي. سو آٿو ۾ پٽ کي وهارڻ کان پوءِ ٻہ ماءُ پٽ کي سڀ هدايتون ورائي ڪري ٻڌائڻ لڳي. ان جي پٽ ايم بي بي ايس ڪري ورتو آهي تہ ٻہ کهڙو فرق ٿو پوي، پٽ تہ پٽ ئي رهندو ماءُ واسطي.

انتظار لمبو ٿيڻ لڳو. ڪٿي ٻار وري جاڳي ويو تہ؟ وجيہ ددالي ۽ ڦاوڙو کڻي واپس گودام ۾ رکي سمهي پيو.

ڪال ڪري سو آج ڪري.

آج ڪري سو اَب

پل ۾ پرليہ هوئڪي

بهري ڪريگا ڪب

کهڙي پرليہ ٿي اَچي، ٿي سگهي ٿو شني ديوتا کي ئي ڪم اَج منظور نہ هجي، سياڻي ڪري ونبو؟

سمهندي سمهندي گهڙيءَ ۾ چار گهنٽا وڳا. چئين بجي سمهيو تہ ننڊ ئي ڪونہ ڪليس صبح جو. ڏيءَ ٻہ ٻارن کي اِشارو ڪيو تہ بابا کي سمهڻ ڏيو. ورهين کان پوءِ بابا پهريون دفعو دير تائين سمهيا پيا آهن.

پهرئين ڇيو تہ مرتيجيہ منتر جو جپ ڪرڻ شروع ڪجي. ٻئي ڇيو تہ ٽن طاقتن کي وس ۾ ڪرڻ واسطي ٽي ورت رکيا وڃن، سومر وسپت ۽ ڇنڇر جي ڏينهن. شو، هنومان ۽ شني خوش ٿيندا تہ ڪاري نشانن جو جادو بي اثر ٿي ويندو. ٽئين پنڊت چيو تہ اکنڊ رامايڻ جو پاٺ ڪرايو.

پهريان بہ طريقا تہ اهڙا هئا، جنهن جي واسطي وجيہ سان هو تہ سو ترت اَمل شروع ٿي ويو، ترت دان مها دان، ٽيو طريقو هو امل ڪرڻ واسطي منگل جو ڏينهن طئہ ٿيو. ڌرم جو ڪم هو، ڪنهن کي شڪ سبھ ڪونہ ٿيو.

سومر جو ڏينهن آيو. نڌي ڪم ۾ مشغول هئي. سو وجيہ اڪيلو گهمڻ هلي وي. جڏهن کان هن ڪاري نشانن کي ڏٺو آهي تڏهن کان گهمڻ ڦرڻ، نيٽ-انٽرنيٽ اِخبار-وچار سڀ ٻيهرا ٿي ويا هئا. بي ترڪيب.

وجيہ صبح جي سئر ڪري، اچان گهر ۾ گهڙيو مس هو تہ نڌي ۽ جي چيخ ٻڌائين. ڊڪ پائي اندر ويو تہ ڏٺائين تہ نڌي ڏاڪڻ تان فصلي هيٺ ڪري پيئي هئي. نڌي ۽ کي ٽن مهنن واسطي پلسٽر چڙهي ويو. اکنڊ رامايڻ جو پاٺ ٽلجي ويو. نڌي ۽ سان گڏو گڏ وجيہ کي ٽن مهنن واسطي آفيس مان موڪل وٺڻي پيئي، نہ تہ گهر ڪيئن هلي ها. هن گهر جي ذميواري پنهنجي مٿي تي کنئي.

وجيہ وگيانڪ وجيہ، هن جڏهن ڏينهن ۾ تارا ڏسڻ تي انوساڌن ڪيو هو تہ الڳ قسم جو آزمودو مليو هو هن کي گهر سنڀالڻو پيو تہ سڀ سيمينار، نيٽ-چئٽ، ڪاڪٽيل، ميل نپ ٿي ويا. ڏينهن ۾ تارا نظر اَچڻ لڳا. هي ۽ آزمودو بہ سچ پچ نئين قسم جو هو.

سڀ ڪاري نشانن جي ڪري ٿي رهيو آهي. سائين ڪنور بچائي پاڙيوارن جي ڪني نظرکان. زال جي منهن مان نڪل اِهي شلوڪ اکين اڳيان گ همڻ لڳا.

وگيان جو نيم آهي، جتي ڪريا ٿيندي آهي، پرتڪريا بہ سامهون ايندي آهي. ڪريا ٿي رهي هئي تہ پرتڪريا بہ اچڻ لڳي. جيڪو خود پنهنجي مدد ڪندو آهي، سائين ڪنورهن جي مدد ضرور ڪندو آهي. پنهنجي مدد ڪرڻي پوندي. من ئي من ۾ وجيہ جو ارادو پڪو ٿي ويو.

غُلام

''لڳي ٿو اَڄ رميش ڪونہ ايندو. لڳي ٿو هوندو زال جي شيوا چاڪريءَ ۾''. چئي ڪري موهن زوردار ٽهڪ ڏنو.

''غُلام جو تہ ڪم ئي ٿيندو آهي چاڪري ڪرڻ، رميش ڪي پنهنجو نالو مٽائي ڪري رکڻ گهرجي رميش آسناڻي غلام''. چئي ڪري رام هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. ريل گاڏي رفتار پڪڙڻ لڳي.

غلام رميش آسناڻي چئني ملي چيوءَ کلڻ لڳا. آسي پاسي ۾ ويٺل مسافرسنڌيءَ ۾ چيل ڳالهہ کي پوري طرح تہ سمجهي ڪونہ سگهيا هئا، مگر غلام رميش آسناڻيءَ هنن جو کلڻ ٻڌي سڀ هنن کي ئي ڏسڻ لڳا.

چئني جي چهري جي رنگت بدلجي ويئي. سهڻيءَ وڏي امارت جي پاسي ۾ بم ڦاٽڻ سان جيڪا حالت هن اِمارت جي ٿي ويندي آهي، اهڙا ٿي ويا هئا. اُنهن جا چهڙا. لنڊن ۽ مسر ۾ بم ڦاٽڻ کان پوءِ اهڙن گهڻن مارتن جا فوٽو اخبار جي پهرين پني تي نظر آيا هئا.

رام ٽٽل-ڦٽل امارت جي مرمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو:

''تورا گهڻا غلام تہ اسان سڀئي آهيون''.

''گوبند ڳالهہ کي گهمائيندي چيو ''ڏينهن جي غلاميءَ رات جي غلاميءَ ۾ فرق ٿيندو آهي سائين''.

هن کان وڏيڪ کولي ڪري ڳالهہ چوڻ شايد هنن کي مناسب ڪونہ لڳو. آسي پاسي ۾ جيڪي مسافرويٺا هئا. انهن ۾ زالون بہ هيون تہ ٻار بہ.

موهن، رام، گوبند، سندرءَ رميش پنج دوست هئا. اُنهن کي دوست ان ڪري چوڻ ٺيڪ هو ڇو جو هو هڪ بلڊنگ ۾ لڳ ڀڳ آمهون سامهون رهندا هئا، هڪ ئي بئنڪ ۾ ڪم ڪندا هئا. هڪ ئي ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪندا هئا. گڏ ويهي ڪري لنچ ڪائيندا هئا. هنن پنجن مان رميش سياوَءَ سليڪي ۾ باقي چئني کان جدا هو.

موهن کي بہ ڏيئرون ۽ هڪ پٽ هو. هن جي زال بہ بئنڪ ۾ نوڪري ڪندي هئي. رام کي هڪ ڌيءُ، هڪ پٽ هو. زال ريلوي ۾ نوڪري ڪندي

گھر جي ٻاهران آواز ٻڌي وجيہ جي ننڊ کلي، گھڙي ڏنائي تہ ڏھہ تي ويا هئا.

تو مونکي اُٿاريو ڇو نہ، ٻاهران ڪهڙو آواز اَچي رهيو آهي. وجيہ پاسي ۾ ويٺل نڌيءَ کان پڇيو.

اڙي بابا! ڪجھہ ڪونهي، پندرهہ ويهہ ڏينهن پهرين نگر نگم وارا آيا هئا. پنهنجيءَ گهٽيءَ ۾ سوريج لڳائين واسطي، ڪارا نشان وجهي ويا هئا. اَڄ کڏو کوٽڻ شروع ڪيو اٿئون.

ڪارا نشان وجيہ چيو.

ها ڇو؟ نڌيءَ کي حيران ڏسي پڇيو.

چار ڪراس ۽ هو گولو پنج ڪارا نشان وجيہ وري پڇيو.

ها، ڀائي ها، پر توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو ائين پڇي رهيا آهيو. نڌي وجيہ کي ڏسي حيران ٿي ويئي هئي.

اڙي ڪجھہ بہ ڳالهہ ڪانهي. بس مون تہ ائين پي پڇيو. تنهنجي اجازت هجي تہ مان توسان چنبڙي وري سمهي پوان. وجيہ نڌيءَ کي ڀاڪي پائيندي چيو.

ڊت نڌيءَ جو اِهو جواب ٻڌي وجيہ جي جسم جا سيئي موبائيل وري وڄڻ لڳا.

ڪارو ڪتو زور سان ڀون ڀون ڪري رهيو هو.

===

جڏهن ڪي رميش جي ٽفن ۾ ڪڏهن هڪ رسواري ۽ هڪ سڪل ڀاڄي، ته ڪڏهن دال جا فلڪا، ڪڏهن آلوءَ جا پراٺا ته ڪڏهن ڪڙهي چانور، روز نئين پرڪار جو ڀوڄن ۽ روز نوان نوان سواد.

هن فرڪ جي اصل وجهه اِها هئي ته رميش جي اللوا، باقي ڇئن جون زالون ٻارن جي ٽفن ڪان وني خود جي ٽفن تائين سڀُو ڪم خود اڪيلي ڪنديون هيون. وقت گهٽ ڪم وڌيڪ ۽ اڪيلي ڪرڻ جي مجبوري جيئن تيئن لنچ پيڪ ٿي ويندو هو.

جڏهن ڪي رميش پنهنجي ننڍي فليٽ جي ننڍي رنڌڻي ۾ لنچ جي تياريءَ ۾، پنهنجيءَ زال سان گڏ لڳو پيو هوندو هو. ٻنهي جي پسند جو لنچ وقت تي تيار ٿي ويندو هو ۽ سٺيءَ طرح پيڪ ٿي. وجهه نمبر چار شام جو بئنڪ بند ٿيڻ ڪان پوءِ هو سڀ جڏهن موٽندا هئا. وري جانهه گوشٽي ٿيندي هئي. رميش هن چانهه

گوشٽيءَ ۾ ٿي ندارد هوندو هو.

دراصل رميش جي زال دفتر ۾ نوڪري ڪندي هئي. اُٺي هفتي ۾ پنج ڏينهن ڪم ٿيندو هو ٻه ڏينهن موڪل. دفتر فليٽ ڪان ڏاڍو پري ٿي هو. اِنهن ٻنهي ڪارڻن جي ڪري رميش جي زال آفيس ڪان جڏهن ٿي گهر پهچندي هئي ته هن جي ننڍي فلئٽ جي ننڍي لوَنگ روم ۾ لڳل چريءَ گهونسلي واري ننڍي خوبصورت گهڙيال جي وچير نهيل ننڍي گهر مان نڪرندي هڪ ننڍي جهڙڪي اَٺ دفعا ڪونهه ڪونهه ڪندي هئي.

رميش جا دوست جڏهن چانهه پي ڪري مٽرگشتي ڪندا هئا، تڏهن هو رات جي مانيءَ جي تيار ڪندو هو، ڌيءَ سان گڏ ويهي ڪري ڳالهيون ڪندو هو. ڌيءَ ڪي پروجيڪٽ ٺاهڻ ۾ مدد ڪندو هو. سڀُو ڏينهن زنانا ڪم ڪندي توکي بدريت ڪونه ٿيندي آهي ڇا اَڪثر سندر رميش کي ٽوڪيندو هو. جڻ مُريد لڳي ٿو اِها پدوري تون حاصل ڪرڻ جي بنا ڪونه رهندي. ڇئي ڪري موهن زور سان کلندو هو.

زال جي پنيان جور ٿي لڳڻ ۾ ڪهڙو مزو گوبند ٿي پنهنجي دل جا گبار ڪڍي ڦٽا ڪندو هو.

هئي. سندر کي ٻه ڏيئرون هيون ۽ هن جي زال اِسڪول ۾ پڙهائيندي هئي. رميش کي هڪ ڌيءُ هئي ۽ زال ڪليڪٽريٽ ۾ ڪم ڪندي هئي.

باقي چارئي رميش کان چڙندا هئا. سارکائيندا هئا. چوڻ وڏيڪ نيڪ ٿو لڳي. هن جو ڪجهه خاص وجهون هئي.

وجهه نمبر هڪ، رميش صبح جو سئر ڪرڻ جي وقت هنن سان گڏ ڪونه ويندو هو. روز صبح جو جڏهن هو چارئي گهمندي وقت ڏدين ڏدين هوائن جي وچ ۾ ملڪ جي طرقي، پنهنجي پگهارن، آتنڪواد ۽ موبائيل تي ايندڙ فونن تي گرما گرم بحث ڪندا هئا. تڏهن رميش پنهنجي فليٽ جي ننڍي رنڌڻي ۾ پنهنجي اڪلوتي ڌيءُ چانديءَ واسطي لنچ جو ٽفن تيار ڪندو هو. صبح جو جلدي اُٿي، ڌيءُ کي اُٿاري هن کي مانيءَ جو ٽفن ۽ ٽئمپو اِسٽئنڊ تائين ڇڏي اَچڻ جي ذميواري هن پنهنجي مٿان کڻي رکي هئي. چانڊني ڪاليج ۾ پڙهي رهي هئي. ڪاليج کان پوءِ هوءَ ڪمپيوٽر ڪورس سکڻ ويندي هئي. سو روز صبوح جو نڪرندي وقت مانيءَ جو ٽفن کڻي ويندي هئي.

وجهه نمبر ٻه هئي ''چانهه گوشٽي''، سئرتان موٽي ڪري هو چارئي ڪنهن نه ڪنهن جي گهر واري واري سان ويهي ڪري چانهه پيئندا هئا ۽ اخبار پڙهندا هئا.

رميش هن چانهه گوشٽيءَ ۾ هنن سان گڏ شامل ڪونه ٿيندو هو. اُن وقت هو چانهه ٺاهي پنهنجي ننڍي فلٽ پليٽ جي ننڍي بيڊروم ۾ وڃي پنهنجيءَ زال کي ننڊ مان اُٿاريندو هو. ٿورو گهڻي ڪل مشڪري ڪندو هو زال سان ۽ پوءِ هو ٻئي اَڌ ڪلاڪ کن گڏ چانهه ٻه پيئندا هئا، ڇهل ٻه ڪندا هئا ۽ اِخبار ٻه پڙهندا هئا. ٻاهر هلندڙ چانهه گوشٽيءَ مان ٻه ٽهڪن جا آواز ايندا هئا ته رميش جي فلئٽ مان ٻه.

وجهه نمبر ٽي، هو چارئي چاهيندا هئا ته جهڙو لنچ رميش جي ٽفن ۾ ايندو آهي، اَهڙو لنچ هنن چئن جي ٽفن ۾ ٻه هجي. مگر هنن جو خواب هن عمر ۾ ته پورو ٿيڻ ناممڪن هو، جنهن جو اَنداز هنن کي هو. هنن کي نصيب ٿيندي هئي هڪ ڏينهن پهرين جي نهيل پاروتي ڀاڄي ۽ ٻه ٽي تازا فلڪا.

بيست آهي''.

چانديءَ چيو خبر اٿئو. مان گرمين جي موڪلن ۾ جڏهن ناناڻي ويئي هيس تہ نانا مونکي چيڙيندي چيو هو تہ هاڻي چانڊني وڏي ٿي ويئي آهي، نانيءَ جي تلاش شروع ڪرڻي پوندي. هنن تہ مونکان اِهو بہ پڇيو تہ ڪوئي ڇوڪرو-ٻوڪرو نظر ۾ هجي تہ ٻڌاءِ، تنهنجي پسند جي ڇوڪري سان شادي ڪرائي ڇڏينداسين.

تو ٻڌايو گنگا چانديءَ کي ڇهنڊڙي پائيندي چيو

''اَئي اَلا، گنگا تون اِهي ڇنهنڊريون بچائي رک، پنهنجيءَ سس کي پائجاءِ''. چانديءَ چيو.

پونم کي چانديءَ جو جواب ٻڌڻو هو. هن وري ڳالهہ کي کوليندي چيو چانڊني تو نانا کي ڇا جواب ڏنو.

''مون نانا کي صاف صاف چيو تہ نانا توهان ڳولهيندا منهنجو گهوٽ جيئن توهان ڳولهيو هو گهوٽ منهنجي ماءُ واسطي. مونکي بہ منهنجي پاپا وانگر ڪوئي سچي سنسار ۾ سيني کان سٺو کپي. چانڊني جواب ڏيندي چيو.

''ڪاش اِسان جي ماءُ پيءُ کي بہ ڪوئي ''اهڙو ٽاپ آف دي ورلڊ'' ناني ملي وڃي سيني چيو.

برو نہ منجاءِ چانڊني. مان جيڪو محسوس ڪيو آهي سو چوان ٿي. تون پنهنجي پاپا کي نہ ٻڌائجانءِ. گنگا هٻڪندي چيو.

تون ٻڌاءِ تہ سهي. چانڊني گنگا جو هٿ پڪڙيندي چيو.

''اسان جا ماءُ پيءُ تنهنجي پاپا کي گهڻ پسند ڪندا آهن. هنن کي سدائين شڪايت ٿيندي آهي تہ تنهنجو پاپا گهر ۾ قئدي وانگر ٿو رهي، ڪڏهن هنن سان گڏ نٿو وهي''. گنگا چيو.

پونم، درگا ۽ سدائي چپ رهڻ واري سنيتا ۽ سونا چيو سچ ٿي چوين گنگا. مگر چا نديءَ جو پاپا گهر ۾ رهي گهروارن جو مددگار ٿي پهچائي ٿو تہ هن ۾ ڪهڙي برائي.

چانڊني چيو ''سچ سوَ آنا سچ''.

ايتري ۾ هيئان سنديش آيو گنگا ۽ پونم جي گهران سيني ڳالهہ کي

جبرو تيءَ زائيفا ڇو تہ تي يار رام آڪري آهوتي ڏيندو هو. رميش مشڪي چپ تي ويندو هو. ڪڏهن بہ ڪو جواب ڪونہ ڏيندو هو.

چرخ، سڙڪ آهستي آهستي وڌندو ويو. وقت بہ پنهنجي رفتار پڪڙي وڌندو رهيو. پنج سال گذري ويا.

هاڻي سيني کي هڪ چنتا ستائڻ لڳي هئي. سيني کي پنهنجي ڌيئڙن واسطي، هڪ سٺو مالدار، نوڪري پيشي، سهڻو ناٺي کپندو هو. ڳالهہ ٻولهہ شروع ٿي چڪي هئي. سيني جي ٻارن جي وچ ۾ دوستي ڪافي وڌي ويئي هئي. هو سيئي روز شام جو اڏ ڪلاڪ بلڊنگ جي ڇت تي ضرور ملندا هئا ۽ ڳالهيون ٻولهيون ڪندا هئا، ڇوڪريون الڳ ۽ ڇوڪرا الڳ.

اَڄ ڪلهہ پاپا ۽ مميءَ کي رڳو هڪ نابڪ نظر ايندو آهي ناٺي کپي چئي ڪري پونم کلڻ لڳي.

گنگا هن کي چيڙيندي چيو.

ڇو توکي ڪونہ کپي ناٺي مطلب نياڻو مطلب گهوٽ راجا يان ڪوئي ٻولهي رکيو اٿئي.

”ڪاش اِها ڳالهہ سچ هجي ها، پر اِهي چونچلا اسان جي وس جي ڳالهہ ڪونہ آهي“. پونم جواب ڏيندي چيو.

”ناٺي نور هجي يان سور هجي، جيڪو مليو، جيون تہ گذارڻو پوندو“. درگا چيو.

”ڏسو ماءُ پيءُ تہ چاهيندا هنن جو ناٺي سنسار ۾ سيني کان سٺو هجي، باقي اسان جي قسمت ۽ اَسان جا سنسڪار“ چانڊنيءَ چيو.

گنگا ڳالهہ کي بدلائيندي چيو، ”چئہ پونم، تون ٻڌاءِ توکي ڪهڙو راجڪمار کپي“.

”راجڪمار ڇا ڪندس، ماڻ، مان ڪهڙي راجڪماري آهيان. بس اَهڙو هجي، جيڪو سدائي گڏ بيٺو هجي. گهر ۾ بہ ٻاهر بہ، سيني فيصلن ۾ بہ. دک ۾ بہ سک ۾ بہ. سچ چوان تہ مونکي چانڊنيءَ جي پاپا جهڙو گهوٽ کپي“. پونم چيو.

”درگا چيو سچ چانڊني تون ڀاڳن واري آهين. تنهنجو پاپا سچ پچ

رشنا

منهنجو دوست رميش روپاڻي ”روشن“ ٿورا ڏينهن پهريون تہ رميش روپاڻي هو، بس هي روشن اَر ڪيئن جڙي ويو اَچانڪ هي سوال منهنجي من ۾ اُٿندڙ اُتسڪتا جون سيئي حدون پار ڪري اَچي منهنجي سامهون بيٺو.

رميش بيشڪ منهنجو دوست هو، مگر هن جي عمر هئي پورا ستر سال. عمر جو حجاب هر گهر اُٿي ٿي بيٺو، هن ڪري نالي سان گڏ روشن اَر جوڙڻ وارو سوال سڌو سڌو نہ پڇي ڪري مون اُنهن جي تاريف ڪندي چيو.

اڙي واهہ رميش سائين. هي روشن نالو تہ توهان تي تمام فٽ نظر ٿو اَچي، سهڻو ٿو لڳي، چوڻ ۽ ٻڌڻ ۾. سائين اَسان کي بہ تہ هن ڳالهہ جو هزار ٻڌايو نہ؟ اَسان جي ٻڍاپي ۾ اَسان کي بہ ڪم ايندي اَها ترڪيب.

منهنجي سوال جو اثر نظر آيو. ستر سال جو، ٻڍاپي جي طرف وڌندڙ ڪمان وانگر شرير، تير وانگر سڌو ٿي ويو. موٽي فريم جي چشمي جي پٺيان لڪل ٻنهن اکين ۾ چمڪ صاف نظر اَچڻ لڳي، جيئن ڪنهن ننڍي ٻار جي اکين ۾ ڪنهن رانديڪي کي ڏسي ايندي آهي. هنن چيو.

”سائين منهنجا، منهنجو تہ سچو جيون ئي بدلجي ويو آهي، جيئن نہ ڪا نئين روشني اَچي ويئي هجي. مان جڏهن کان بانسري وڄائڻ شروع ڪئي آهي، تڏهن کان وني منهنجي پريوار جا سيئي ڀاتي اَچي ڪري، منهنجي پاسي ۾ ويهڻ لڳا آهن. منهنجي بانسريءَ کي ڌيان سان ٻڌندا آهن. منهناج پٽ، منهنجون نوهرون، پوٽا-پوٽيون، سيئي مون سان پيار ڪرڻ لڳا آهن. اِن ڪري مان پنهنجي نالي جي اڳيان روشن اکر جوري ڇڏيو آهي. سچ پڇين تہ منهنجي جوانيءَ جي وقت منهنجي اَچا هئي تہ مان پنهنجي نالي جي اڳيان ڪوئي خاص اکر جوڙيان، پر فرهست ئي ڪونہ ملي. جوانيءَ جي چاهت ٻڍاپي ۾ پوري ٿي آهي.

مان رميش کي گذريل ١٢ سالن کان سڃاڻندو آهيان. هفتي ۾ ٻہ دفعا هو منهنجي آفيس ۾ مون سان ملڻ ايندا هئا. آفيس ۾ ايندا هئا تہ سيني

اُتي چڙهي چڙهيو.

مهني کان پوءِ چانهه گوشٽيءَ ۾ هن مدي تي موهن، رام، گوبند ۽ سندر ۾ چرچا ڪئي. ڪجهه رشتا اچي رهيا هئا. هڪ ٻئي کان صلاح ورتي هنن سڀني. رات جو موهن پنهنجي زال کان پڇيو ته هن ٻڌاءِ جيڪي رشتا آيا آهن، ڪو پسند اچئي ٿو ڇا؟

ٿوري جاچ ڪيو ته ڪيئن آهن، اهي گهرا ڀگوان ڪري اسان کي رميش جهڙو ناٺي ملي وڃي، هن چاهيو.

رام، گوبند ۽ سندر جي گهر ۾ زال-مڙس جي وچ ۾ هن بابت ڳالهائڻ ٿيو.

صبح جو مندر ۾ پوڄا ڪندي وقت سڀني گهرن ۾ سڀني اڪيون ٻوٽي هڪ ئي پرارٿنا ڪئي.

سائين مهر ڪجاءِ. سڀ پهچ اسان کي رميش جهڙو ناٺي ملي وڃي ته اسان جي ڌيئرن جي زندگي تمام سٺي نموني گذريندي.

ٻئي ڏينهن ٽريِن هلڻ کان پوءِ رميش کي هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ڪري موهن ڇيو.

غلام رميش آسناٽي لڳي ٿو اڄ وري غايب آهي.

سائين غلام جو ڪم ٿيندو آهي چاڪري ڪرڻ چئي ڪري هو سڀ کلڻ لڳا.

===

مونکي ڏک پهچائيندي هئي، پر منهنجي بہ مجبوري هئي، سرڪاري ڪمن ۾ مشغولي ايتري قدر هئي، جو مان رميش روپاڻي روشن کي وڏيڪ وقت ڪونہ ڏيئي سگهندو هوس. منهنجي هن ورتاءَ کي ڏسي ڪري هن کي ڪڏهن ڪڏهن ڏک بہ ٿيندو هو، مگر گهروارن پاران مليل ڏکن جي اڳيان هنن کي باقي سڀ ڏک ننڍا نظر ايندا هئا. مان ٿاري رهيو آهيان هن ڳالهہ کي سمجهڻ جي باوجود هو ڪلي ٿاري ويندا هئا. گهٽيئي دفعا هنن مونکي پنهنجي ڏکن جون ڪهاڻيون ٻڌايون بہ هيون. ڪهاڻيون ٻڌائيندي وقت گهر وارن کان ملندڙ دڪارکي لڪائڻ جي گهٽيئي ڪوشش بہ ڪندا هئا.من جي اندر اُيرندر ٻوڏکي پنهنجي اکين جي ٻانڌ سان روڪڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، ڇا مجال جو هڪ ڦري بہ نظر اَچي سگهي، مجبورن مونکي پنهنجي اکين جي آڙآئڻ لڪائڻي پوندي هئي.

رٽائرمينٽ جي وقت مليل سرڪاري پئسا پنهنجي گهرواريءَ جي هٿ ۾ ڏيڻ هو پنهنجي سيني کان وڏيڪ چڪ ميچيندا هئا. گهرواري ننهن ۽ پٽن جي مايا جال ۾ ڦاسي سڀ لٽائي ڇڏيو. اڪثر اِهي اَخرهنن جي زبان مان هڪڙي يا ٻئي نموني نڪري ايندا هئا.

گهرواريءَ سيا رپيا-پئسا پٽن جي حوالي ڪري ڇڏيا. پٽن هن پئسي سان پراڻي گهرکي ٽورائي چئن ڪمرن وارو نئون گهر ٺاهي ڇڏيو. رميش روپاڻي هن کي حادثو ڇئي ڪلڻ جي ناڪام ڪوشش بہ ڪندا هئا.

مڪان نهڻ کان پوءِ سڀ ڪجهہ بدلجي ويو. مڪان جو انڱڻ تہ گم ٿيو. گڏوگڏ ٻارن مان پنهنجپائي بہ گم ٿي ويئي. ٽن پٽن هڪ هڪ ڪمري تي پنهنجو قبضو پڪو ڪري ورتو.

چوٿون روم ڊرائينگ روم ٺهي ويو. ماڻهون پنهنجي حقيقت کي لڪائڻ جي لاءِ ڊرائينگ روم جو استعمال ڪندا آهن. ترڪيب سان سجائيندو آهي ڊرائينگ روم تاڪ خوبصورتي هر پاسي کان نظر اَچي. اڪثر ٻڌن جو ڊرائينگ روم ۾ اَچڻ غيرقانوني گهوشت ڪيو ويندو آهي. ڪو بہ هن غيرقانوني

سان ڳالهائيندا هئا. حال چال پڇندا هئا ۽ پنهنجي رام ڪٿا بہ ٻڌائيندا هئا.

ڀيريون ڀيريون دفعو جڏهن مليا هئا، تڏهن هو نوڪريءَ مان تازو تازو رٽائر ٿيا هئا. چستي ۽ تندرستي برقرار هئي. تڏهن هڪ خاص شونق هنن جي زندگيءَ سان جڙي ويو هو. هو پراڻن وڻن مان ڳولهي ڳولهي نيون آڪرتيون ڪڍندا هئا. وڻ جون شاخائون. وڻ جا ٿنا ڪهڙي پکيءَ يا جانور سان ٿيون ملن، ڪيئن نظر ٿيون اَچن، ڪيئن اُنهن کي سنواري ڪري نئين آڪرتي ناهي سگهجي ٿي، اَهو شونق هنن کي هو. سچ پڇو تہ هي شونق هنن جي زندگيءَ جي هڪ ڪاميابي هئي، ورائي ورائي سيني کي ٻڌائيندا رهندا هئا. هنن جو سمهڻ وارو ڪمرو ڀيرين دفعي تہ ڪٻارخانو نظر ايندو هو. مگر رميش روپاڻي روشن واسطي تہ سڀ جيون جون بيشقيمتي شيون هيون.

رميش شرما روشن پنهنجي بيشقيميتي شين کي ڪنهن راشٽريہ سمارڪ يان سنگراهاليہ کي ڀيٽ ڪرڻ چاهيندا هئا. هنن جو شرط اِهو هو تہ جڏهن هو پنهنجي بيشقيمتي دولت کي ڪنهن سنگراهليہ کي مُفت ۾ ڏين تڏهن اَخبارن ۾ فوٽو ۽ سماچار ڇپجن. مالڪون اَچي هنن جي شڪرگذاري ادا ڪن.

هنن جي بيشقيمتي شين ۾ شامل هو ساڳي جهڙي هڪ جڙ شير جي منهن سان ميل کائيندڙ هڪ وڻ جو ٿنو، ٻڍاپي جي اڪيلائيءَ جو انتظار ڪندو هڪ اُجاڙ وڻ ۽ اَهڙيون ويهہ کن آڪرتيون.

مون وٽ هو ان ڪري اَچڻ لڳا، ڇو جي هنن کي پتو هو تہ مان سرڪار جو پرچار وڀاڳ ۾ ڪم ڪندو آهيان. هو مونکا پنهنجي هن بيشيقيمتي دولت جي باري ۾ ليک لکڻ جي ڳالهہ ڪندا هئا. شروع شروعءَ ۾ مون هن تي هڪ فوٽو فيچر بہ لکيو، جيڪو راشٽريہ اِسترجي هڪ مئگزين ۾ ڇپجي بہ ويو. تنهن ڏينهن کان هو منهنجي ڪم جا ديوانا ٿي ويا ۽ اَڪثر صلاح وٺڻ ايندا هئا.

شروع شروع ۾ تہ مونکي مزو ايندو هو. پرپوءِ مان هنن جي اچيان اَچڻ کي ٽارڻ لڳس. بهانو ڪري پڇي ويندو هيس. هنن کي ٽارڻ جي اِها ڪوشش

آهي، دنيا جا
گھڻيئي ماڻهو نام سک واسطي ترپندا آهن. پٽن واسطي دعا ڪندا آهن.

رميش روپاڻي جڏهن پنهنجي ننهي پٽن جو اِسڪول ۾ داخلو ڪرايو هو، تڏهن ڪنڌ مٿي ڪري نالو لکايو هئائين موهن، رميش روپاڻي، ومل رميش روپاڻي ۽ ڪمل رميش روپاڻي، رٽائرمينٽ تائين اِهي نالا هلندا رهيا زندا بہ هئا، گھر ۾ بہ ۽
گھر جي ٻاهر الڳ نيم پليٽ تي بہ. نئون مڪان نهيو تہ پراڻي نيم پليٽ ڦٽي ڪري، نئين نيم پليٽ ناراڻي هئي. نئين نيم پليٽ تي نالا لکيا ويا موهن-آر-روپاڻي، ومل-آر-روپاڻي ۽ ڪمل-آر-روپاڻي.

من ۾ احساس ننڍا ٿيا، نالا بہ ننڍا ٿي ويا. اينئي تہ رميش جو نالو سيني جڳهين تان عمر ٿي چڪو هو، پر اَڃان نيم پليٽ تي ”آر“ تہ پيل هو. هن آر لاءِ ماڻهون کهڙيون نہ حدون پار ڪري ويندا آهن. رميش روپاڻي سائين تہ خوش نصيب هئا جو ٽي ٽي آر گھرجي اڳيان ٽنگيل هئا. اهڙي رميش نالي جي اڳيان جڏهن روشن جوڙيو تہ مونکي آتم سنتوش جو احساس تہ ٿيو، پر اَصليت ۾ مونکي هيءَ سچائي
گھٽ ۽ اَجوبو وڌيڪ نظر اَچڻ لڳو. زندگي جي آخري مُڪام تي ڪنهن جي زندگ ي ائين بدلجي سگهي ٿي هن ڳالهہ کي محسوس ڪندي بہ مونکي وشواس ڪونہ آيو. مون فيصلو ڪيو تہ هن ڳالهہ جي اَصليت جو پتو لڳائڻ گھرجي.
رميش روپاڻي روشن ڪان پڇڻ بيڪار وقت وڃائڻو هو، ڇو جو هو اينتري قدر منتر مگن نظر اَچي رهيا هئا، جيئن هنن کي دنيا جا سيئي سک ملي ويا هجن. جڏهن بہ ملندا هئا، هڪ ڳالهہ کي ورائي چوندا هئا. سائين الائي ڪهڙو جادو ٿيو آهي. جڏهن بہ بانسري وڃائيندو آهيان پٽ، پوٽا، نوهرون، پوٽيون سيئي اَچي پاسي ۾ ويهندا آهن. سيئي پيار سان ورتاوَ ڪرڻ لڳا آهن. منهنجي پاسي ۾ اَچي ڪري ڏيري سان ڪن ۾ ٻڌايون هاڻي تہ ڊرائينگ روم ۾ وڃڻ جي منعي بہ ڪانهي“.

گهوشٽا جي ڪائي تختي تہ ڪونہ لڳائيندو آهي، مگر ٿيندو سڀ حساب سان
آهي. نئين زماني جو نئون سوچ ڇيو ويندو آهي هن ڪي.

رميش روپاڻيءَ جو گهر بہ هن گهوشٽا کان بچي ڪونہ سگهيو هو.

ننهن هڪڙي يان نئي طريقي سان هن ڳالهہ کي پنهنجي سس سهري
کي سمجهائي ڇڏيو هو تہ ڊرائينگ روم ۾ اچڻ صاف منع آهي، خاص ڪري
جڏهن گهر ۾ مهمان آيل هجن. سس سهري جو پاڇو بہ نظر اچڻ نہ کپي ڊرائينگ
روم ۾، فرمان جاري ٿي چڪو هو.

زندگيءَ جي سڄي جمع پونجي سان ٺهيل مڪان ۾ ماءُ پيءُ کي زندگ
ي گذارڻ واسطي مليو مڪان جو اُهو حصو جنهن کي اَسان اِسٽور روم چوند
آهيون. پراڻا ماڻهو يا پراڻا سامان گڏ رهي سگهن ٿا.

اِسٽور روم ۾ فقط هڪ دروازو ۽ هڪ ڇت تي ڪلڻ واري دري هئي. هن
دريءَ مان سياري، اونهاري ۽ برسات سيني کي اَچڻ جي اِجازت هئي. سڀ
منڊون هن دريءَ تي لڳل لوهي جي جاليءَ جي راستي بيخوف هن ڪمري ۾
ايندي يون هيون، جنهن جي هڪ ڪنڊ ۾ سس ۽ سهرو سمهندو هو ٻنهي کي ڪٽ
ڪسڪائڻ جي منع هئي. معنيٰ ڪرڻ وارا اُهي پيارا پٽ هئا، جن جو سڄو
ٻچپن هنن ڪٽن کي آلو ڪندي
گذاريو هو.

سائين گنيمت آهي تہ سرڪار پاران هڪ نيم ٺهيل آهي تہ پينشن
ڪاٽي ۾ ئي جمع ٿيندي. ”هي نيم نہ هجي ها تہ گهر جون اِهي بہ ڪنڊيون
ٻن وقتن جي ماني بہ نصيب ڪونہ ٿئي ها“. رميش سائينءَ جا ايهي ا
منهنجي اکيان سدائين بيٺا نظر ايندا هئا.

هنن پنهنجن ٻارن سان هڪ سمجهوتو ڪري رکيو هو. هن سمجهوتي
جي متابق هو پينشن جو ٽيون چوٿائين حصو ٻارن کي ڏيندا هئا. بدلي ۾ ٻا
هنن کي پٽن وارو سک ڏيندا هئا. اَڄ ڪلهہ جي زماني ۾ هن کي نام-سک چوند
آهن. پٽ جي پنيان پيءُ جو نالو جڙيل هجي. اِهو ئي تہ نام سک ٿيند

جيڪي پئسا بچائيندي هيس سڀ پوسٽ آفيس ۾ وجي جمع ڪرائيندي هيس. رٽائرمينٽ جي وقت بہ هنن سڀ رقم منهنجي هٿ ۾ اَچي ويئي. مان پٽن کي مڪان واسطي رقت تہ ڏيندي رهيس، پر ڪجهہ رقم پاسيري ڪري خاطي ۾ جمع ڪرائي آيس، ائين ڪندي ڪندي ٻہ لک روپيہ جمع ٿي ويا. هوءَ ٿوري دير چپ ٿي ويئي.

اکين مان ڳوڙها نڪري آيا هئا. ڳوڙهن کي اُگهندي هنن وري چيو مونکي پتو هو پئسا ختم ٿي ويندا تہ منهنجا پٽ ۽ ننهرون منهن مٽي ويندا، مگر ايتري قدر سنگدل ٿي ويندا هن جو خيال ڪونہ هو. جن ٻارن تي اَسان هٿ ڪونہ ڪنيو، اُهي ٻار پنهنجي پيءُ جي مٿان هٿ کڻڻ لڳا. اِهو مونکان برداشت ڪونہ ٿيو.

مون پنهنجي پٽن ۽ ننهرن کي اڳيان پنهنجي پاس بڪ ڪڍي رکيا. پنهنجن رشتن کي پاسيرو ڪري هڪ سمجهوتو ڪيو. پنهنجن سان مان هر مهني پنهنجي پٽن ۽ ننهر کي رقم ڪڍي ڏيندس. بدلي ۾ هو اَسان کي ماءُ پيءُ جو مان سنمان ڏيندا.

منهنجي سيني سوالن جا جواب مونکي ملي چڪا هئا. مان اُٿي بيٺس ۽ رميش سائينءَ جي گهرواريءَ کان اِجازت وٺي ٻاهر نڪري آيس. گهر جي ٻاهر نيم پليٽ تي آرجي جڳهہ تي رميش لکجي ويو هو.

===

مان سمجهي ويس تہ هن پروليءَ کي سلجهائڻ کنهن مکريءَ جي
جال جو شروعاتي سرو تلاش ڪرڻ جهڙو آهي. ناممڪن مان سڌو وڃي پهتس رميش
سائينءَ جي گهر مان اهڙي وقت تي پهتس جڏهن گهر ۾ رميش سائينءَ جي
گهرواري جي اَلوا ڪير بہ ڪونہ هو.

رميش سائينءَ جي گهرواريءَ سان منهنجي بہ ٽي دفعا ملاقات ٿي
هئي. هن کي هڪ ڳالهہ جو پتو هو تہ رميش سائينءَ جو مان ڏاڍو ڏيان رکند
آهيان ۽ سچو همدرد آهيان.

هن ڪري ٿوري نا نڪر کان پوءِ هوءَ راضي ٿي ويئي تہ مونکي سچ
ڪهاڻي کولي ٻڌائيندي. هن شرط رکي تہ مان ڪڏهن هن راز جو خلاصو ڪنه
اڳيان ڪونہ ڪندس.

هن ٻڌايو.

”سائين! زالن کي سهنشيلتا ڏيندي آهي. اسان رشتن جو ڪوڪلو پڻ
ڪالپڻ پختيءَ سان پي ويندي آهيون. ڪنهن کي ڪجهہ بہ ڪونہ چونديون
آهيون. پر مونکي هنن جو ڏک برداشت ڪونہ ٿيو. جڏهن مون ڏٺو تہ
پنهنجون سيئي حدون پار ڪري چڪا آهن تہ مان هنن اڳيان هڪ راز کولي
ٻڌايو.

راز؟ مون سوال ڪيو.

ها راز! جڏهن مان هن پريوار ۾ ننهن بڻجي آيس، تڏهن مون هڪ
فيصلو ڪري ورتو هو. هي درياد ل هئا. دل بہ کلي رکندا هئا، ڪيسا بہ کولي رکند
هئا. هر مهني جي شروعات ۾ سڄي پگهار اَچي منهنجي هٿ ۾ رکندا هئا، پو
جيتري ضرورت پوندي هئي پيا وٺند اهئا.

مان هر مهني پگهار مان ڪجهہ رپيا پاسيرا ڪري رکي ڇڏيندي هيس
اِهو سوچي تہ ڪنهن مشڪلات جي وقت ۾ ڪم ايندا.

سال ۾ ٻارهان دفعا ڪور ڳالهائڻو پوندو هو. هنن چيو

ٻارهان دفعا ڪوڙ؟ مان وري چپ ٿي ويس

ها ٻارهان دفعا ڪوڙ هر مهندي چوندي هيس تہ پئسا ختم ٿي وي

رهندو هو.

پهرين پهرين تہ پٽ بابا جي باري ۾ پنهنجين گهرواريَن جي ڳالهين تي ڌيان ڪونہ ڏيندا هئا، پر جڏهن ڪان گهرواريون رسي ڪري رهڻ لڳيون، تڏهن ڪان پٽن جي من ۾ ترڪ ترڻ لڳو. هو سوچڻ لڳا تہ بابا جيڪو بہ ڪجهہ خرچ ڪري رهيا آهن، اگر بچائين تہ پٽن واسطي ٿي تہ ڪم ايندو. بابا ڪهڙو پاڻ سان گڏ کڻي ويندا؟

پٽن ۽ نهرن فيصلو ڪيو تہ بابا کي مڪان وڪرڻ لاءِ چئي. مڪان وڪڻڻ سان جيڪي پئسا ملندا، انهن پئسن مان ننهرون ڪهڙو ڪهڙو خرچ ڪنديون.، اِها سوچي هنن ناهي رکي هئي.

بابا کي بہ اڪيلائي محسوس ٿيڻ لڳي هئي. جيستائين جانڪي گڏ هئي، تيسين تائين بابا پٽن-پوٽن لاءِ ايترو طرفندا ڪونہ هئا.

جڏهن ڪان جانڪي ساٿ ڇڏي هلي ويئي، تڏهن ڪان هنن کي اڪيلائي محسوس ٿيڻ لڳي هئي. هنن بہ من ئي من ۾ فيصلو ڪري ورتو هو تہ مڪان وڪڻي ڪري پٽن-پوٽن سان گڏ رهڻ گهرجي، مگر بنهي جي من ۾ هڪ هٻڪ تي رهي هئي.

پٽ ۽ ننهرون اِهو سوچي ڪري هٻڪي پيا تہ بابا ڪٿي هن ڳالهہ جو غلط مطلب نہ ڪڍي وٺن، ڪٿي هنن جو اصلي منسوبو پهچاڻي نہ وٺن. تڏهن بابا اِهو سوچي رهيا هئا تہ پٽن ۽ ننهرن جي پنهنجي زندگي آهي. ڪٿي ٻارن کي اِها ڳالهہ سٺي نہ لڳي ۽ هنن نا ڪري ڇڏي تہ؟ بابا ڪنهن بہ حالت ۾ نہ نہ ٻڌي سگهن ها. بابا هر ڀيري سوچيندا هئا تہ هن ڀيري پٽ پوٽا ايندا تہ من جي ڳالهہ کولي ڪري ٻڌائيندا، پر ڳالهہ دل جي دل ۾ ئي رهجي ويندي هئي. جڏهن دل جي ڳالهہ دل ۾ اٽڪي ويندي آهي تہ بيچئني دل کي ولوڙي وجهندي آهي.

رٽائرمينٽ جي وقت بابا کي جيڪي پئسا مليا هئا بابا هنن پئسن سان هي گهر خريد ڪيو هو. نوڪريءَ جي دوئران تہ بابا کي سرڪاري بنگلو مليل هو. ايمانداريءَ جي ڪري ٻارن جي پڙهائي ۽ گهر گرهستيءَ جي خرچن ۾

مهڪ

سچو ڏينهن گذري ويو. نه ٽيليفون جي گهنٽي وڳي نه ٽپالي آيو.
بيصبري سان انتظار ڪندا رهيا. سورج ۽ چنڊ وءِ ڪي وئي، پورا پنج ڏينهن
ويا هئا بابا پنهنجي طرفان گهٽيئي دفعا فون ملايو. گهنٽي وڳي پر ڪنهن
کنيو ئي ڪونه؟

پنج ڏينهن پهرين گهر ۾ ڪيتري نه ڌماچوڪڙي متل هئي.
پريتمداس جا پٽ ۽ ننهرون، پوٽا آنند ۽ اپيه، پوٽي مالا ۽ گيتا سڀ آيل
ڪائڻ پيئڻ گهمڻ ڦرڻ پاٺ پوڄا، ڦٽاڪن جي ڌا-ڌون. سچو ڏينهن
ڪجهه نه ڪجهه ٿيندو رهندو هو. ٻار پنهنجي بابا سان چيڪيا وينا
هئا. ڪڏهن ٽافي ته ڪڏهن آئيسڪريم، ڪڏهن دال پڪوان ته ڪڏهن
ٻئورا سچو ڏينهن ٻار فرمائش پيا ڪندا هئا. بابا روز شام جو ڍير ڦٽاڪا
ڏيندا هئا ٻارن کي. ٻارن سان گڏوگڏ بابا به ٻار بڻجي ويندا هئا. هو دل
سدائين ڪليل هئا. ٻارن جي اڳيان پنهنجا سڀ خزانا به کولي ڇڏيندا

هنن جي هن فراخ دليءَ جو ڪجهه حصو گهر جي نوڪرياڻيءَ
ٻارن کي ملي ويندو هو. بابا جي اِها ڳالهه ننهرن کي سٺي ڪونه لڳندي
نوڪرياڻيءَ جي ٻارن کان ڪم ته گهٽو ئي وٺنديون هيون پر هنن کي
ملي وڃي، اِها ڳالهه هنن جي برداشت جي ٻاهر هئي.

بابا جي سامهون ڳالهائڻ جي همت ته ڪنهن ۾ ڪونه هئي. پر
پنهنجي گهوٽ راجائن جا ڪن ضرور ڀرينديون هيون.

سڀ ڪجهه نوڪرائين جي پٺيان لٽائي ڇڏيندا ته اسان
بچندو. مڪان به ته پنهنجي نالي ڪرائي رکيو آهي بابا. وڏيءَ ننهن
وجهندي چيو.

باباکي پنهنجي نهرن جي هن روپ جو اندازو بلڪل به نه هو.
سامهون ننهرن هميشه مٺو ڏکي نظرون هيٺ ڪري هلنديون هيون
شام باباکي پيري پوڻ هنن جي ڪائڻ پيئڻ جو ڌيان رکڻ هنن کي

هئي، بابا پٽن جي فون جي انتظار ۾ ايتري قدر مشغول هئا، جو هنن کي فون جي گهنٽي لڳي.

ٽرن ٽرن ٽيون ڀيرو گهنٽي وڳي. بابا کي تورو غصو اَچي ويو.

اڙي ڀائي ڪير آهي، تورو صبر ڪيو اَچان ٿو.

بابا دروازو کوليو تہ دروازي تي ١٦-١٥ ورهين جي هڪ ڇوڪري بيٺي هئي. بابا ڪجهہ چون، تيسي تائين هن ڇوڪريءَ جي پاسي کان هڪ اِستري، جنهن جي عمر اَٽڪل ٤٥ ورهين جي هئي. بابا جي سامهون اچي بيٺي.

توهان ڪير؟ مون تہ توهان کي ڪونہ سڃاتو؟ بابا هن اَستريءَ کان پڇيو.

بابا پريتمداس جي. جئہ جهولي لال. هيءَ منهنجي ڌيءُ آهي جانڪي. مان پاروتي آهيان. اَسان هن شهر ۾ نوان نوان آيا آهيون. مان جانڪيءَ کي هڪڙي انسٽيٽيوٽ ۾ داخلو وٺي ڏنو آهي. انسٽيٽيوٽ توهان جي پاسي ۾ آهي. اَسان ڇٽيءَ دير کان ڪرائي جو مڪان پئي تلاشيو. ڪنهن چيو تہ توهان جي گهر ۾ هڪ ڪمرو خالي آهي. ڪرائي تي ملي سگهي ٿو. اِن ڪري توهان کي تڪليف ڏنيسين پاروتيءَ چيو.

مان تہ ڪرائي تي ڪمرو ڪونہ ڏيندو آهيان. ڪڏهن ڏنو ئي ڪونهي. بابا چيو.

بابا معنيٰ نہ ڪيو، پر اُنهن جي سُر ۾ هڪ بہ هئي، جنهن کي پاروتيءَ پنهنڇاڻي ورتو، هن چيو.

بابا پاڙيوارن توهان جي گهڻيئي تاريف ڪئي آهي. منهنجي ونتيءَ تي گوُر ڪيو. منهنجي ڌيءَ جانڪيءَ کي هڪ ڪمرو ڪرائي تي ڏيندا تہ وڏي مهرباني. مان اڪيلي آهيان. نوڪري ڪندي آهيان. هن سان گڏ نٿي رهي سگهان. هيءَ توهان جي گهر ۾ محفوظ رهندي.

هن جو پتا. بابا پڇيو.

منهنجو پيءُ ڪونہ آهي، رڳي ماءُ آهي جانڪيءَ جواب ڏنو. هن

پوري ٿي ويندي هئي. بابا شروع کان ئي ڪليءَ دل جا هئا، ٻار جيڪا بہ ڳ
ڪندا هئا، بابا جهٽ پوري ڪري ڇڏيندا هئا. ٻارن جي انجنيئرنگ ج
پڙهائي، هوسٽل جا خرچ، ڪپڙا-لٽا ڪنهن ڳالهہ ۾ بابا ڪڏهن گهٽتائي ڪو
ڪئي. جانڪي بہ ٻنهي پٽن کي بيحد پيار ڪندي هئي، پر ڪڏهن ڪڏه
بابا کي چوندي بہ هئي ڪجهہ تہ بچائي رکو. ٻڍاپي ۾ ڪٿي پٽ بدلجي و
تہ؟

منهنجا پٽ آهن. ڏسجاءِ ٻڍاپي ۾ توکي کٽ تي وهاري کارائيند
راڻي بڻجي رهنديءَ، راڻي. بابا کلي ڪري جانڪيءَ کي جواب ڏيندا هئا.

ٻئي پٽ انجنيئر ٿي ويا. نوڪريءَ تي لڳي ويا. نوڪريءَ کان پ
رشتا بہ اچڻ لڳا. پٽن سان گڏ پڙهندڙ ڇوڪرين سان هنن جا رشتا پڪا ٿي و
ننهرون بہ نوڪرين تي لڳيون تہ پٽ دلهيءَ وڃي وسيا.

شاديءَ کان پهرين پٽ هر مهني باباءَ امان سان ملڻ ايندا هئا. شادي
کان پوءِ ٽن مهنن ۾ هڪ ڀيرو اچڻ لڳا.

جانڪي کٽ تي ويهي ڪري راڻي بڻجي راڄ ڪرڻ جا سپنا ڏسند
ڏسندي کٽ تي اهڙي ڀيٽي جو اٿي نہ سگهي.

پٽن جي اچڻ جو دورَ سمٽي سال ۾ هڪ ڀيرو ڏياريءَ تي ٿي ويو.

نوهرون نوڪريءَ واريون هيون، هو سدائي سوچينديون هيون،
جي بابا هنن سان گڏ رهن تہ هڪ پنهنجو ماڻهو ملي ويندو ءَ گهر وڪرڻ س
جيڪي پئسا ملندا سو الڳ. گهر ۾ روز روز ٽالا لڳائڻ جو جهنجٽ. ڏياريءَ ت
بابا جي ڳوٺ وڃڻ جو جهنجهٽ، ٻارن جي ڊيک ڀال سڀ ڪم سولا ٿي وين

پهرين ٻار چٺي پتري لکندا هئا. فون جو زمانو آيو تہ هر هفتي ف
ڪرڻ لڳا. امان جي وڃڻ کان پوءِ تہ فون ڪرڻ بہ گهٽجي ويو. پٽن کي ف
ڪرڻ فالتو خرچ نظر اچڻ لڳو. اڪثر بابا ئي فون ڪندا هئا. ڀولي ڀٽڪ
ڪڏهن وڃي بابا جي فون جي گهنٽي وڄندي هئي.

ٽرن ٽرن آواز ٻڌي بابا جهٽ فون کنيو.

ٽرن ٽرن گهنٽي وري وڄي. دراصل گهنٽي فون جي نہ پر دروازي ج

مان، مان آهيان. بابا چيو.

جانڪيءَ بابا جي آواز کي سڃاڻي ورتو. هن دروازو کوليو.

هي وٺ چانهه ۽ اَخبار. اخبار پڙهندي آهين يا نه. بابا جانڪيءَ کان پڇيو.

جي نه. جانڪيءَ هٻڪي ڪري جواب ڏنو.

اَخبار پڙهڻ ڪپي. خير اَڄ کان روز صبح جي چانهه ۽ اَخبار منهنجي ذميواري. مان گهمڻ تو وڃان. تنهنجي انسٽيٽيوٽ وڃڻ کان پهرين اَچي ويندس، دروازو بند ڪري وٺ. بابا چيو ۽ هو گهمڻ نڪري ويا.

جانڪي اَخبار پڙهي ڪري سنان ڪرڻ هلي ويئي. اَڃان هن اِسنان ڪرڻ شروع مس ڪيو هو ته ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. اڪثر جانڪيءَ جي ماءُ هن وقت فون ڪندي هئي. ان ڪري جانڪي اِسنان جاءِ مان نڪري ڊڪ پائي ڪري فون تائين ويئي ۽ فون ڪڻي ڪري چيائين.

مان اِسناِن پئي ڪيو. تون آهين نه؟

ازات، ١١٠٠٤٤٢٢؟ ڪنهن مرداني آواز ۾ اَڇرج سان پڇيو.

جانڪيءَ کي به پنهنجي غلطيءَ جو اَحساس ٿي ويو. هن پنهنجي سر کي سنڀالي چيو جي ازات ١١٠٠٤٤٢٢.

توهان ڪير؟ هتي ڇا پيا ڪيو.؟ تڪي سر ۾ ڪنهن ٻئي طرفان مرداني آواز ۾ پڇيو.

مان جانڪي.

جانڪي! ڪير جانڪي؟

نئين ڪرائيدار.

نئين ڪرائيدار؟ بابا ڪٿي آهن؟

گهمڻ ويا آهن، توهان ڪير؟ هن ڀيري جانڪيءَ پڇيو.

مان پريتمداس جو پٽ چندو.

ايتري ۾ دروازي جي گهنٽي وڳي. جانڪي فون تي چيو. توهان بيهو شايد دروازي تي ڪير آهي. ٿي سگهي ٿو توهان جا بابا هجن. مان ڪپڙا پائي

جي آواز ۾ درد هو جنهن کي محسوس ڪري بابا هن باري ۾ وڌيڪ ڪجهه ن
پڇيو.

مان پنهنجي پٽن ۽ ننهن کان پڇي ڪري ڪمرو ڪرائي تي ڏيندس
بابا ناڻي جي ارادي سان چيو.

توهان جڏهن چوندا، اَسان اُن وقت ڪمرو خالي ڪري ڇڏينداسين
پاروتيءَ جواب ڏيندي چيو.

بابا جانڪيءَ جي طرف ڏٺو. جانڪيءَ جو نالو، هن جون نيرو اکيون
چهري تي پنهنجائپ ۽ مٺي آواز باباکي ها ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ لڳي. چ
اَچو. بابا چيو.

ڪرايو، اندر ايندي وقت پاروتيءَ پڇيو.

ڪرايو، ها ڪرايو تہ مون ٻڌايو ئي ڪونہ، مان پٽن سان ڳالهائيندس
پوءِ ٻڌائيندس. بابا چيو.

بابا هنن کي ٻئي مالي واري ڪمري جي چابي ڏني ۽ وري چيائين
هو ڪمرو منهنجي پوٽن ۽ پوٽين جو آهي.

''جي'' جانڪيءَ رڳو هڪ اکر چيو.

پاروتي هڪ ٻہ ڏينهن جانڪيءَ سان گڏ رهي. هن کي سيڙو سام
وٺي ڪري ڏيئي ويئي. پاروتيءَ هڪ ٽفن سينٽر واري سان ڳالهائي، ماني
جي ٽفن جي ويوسٿا پڪي ڪئي.

پاروتيءَ جي وڃڻ کانپوءِ بابا ۽ جانڪيءَ جي وچ ۾ ڳالهائڻ وڌڻ لڳ
جانڪي پڙهڻ، لکڻ ۾ تہ هوشيار هئي مگر صبح جو جلدي اُٿڻ هن جي و
کان ٻاهر جي ڳالهہ هئي.

هن سمسيا جو سماڌان بابا ڳولهي ورتو. ٻئي ڏينهن هو صبح س
چانهہ جو ڪوپ ۽ اَخبار کڻي ڪري جانڪيءَ جي ڪمري جي طرف ويا. ه
دروازو ڪٽڪٽايو.

جانڪيءَ کي ننڊ هئي. دروازي جي وڄڻ جو آواز ٻڌي ڪري ه
دجي ويئي. ڪير؟ ڪير آهي؟ هن اَندر پڇيو.

طئہ ڪري. هيءُ خبر ٻڌي ڪري ننهرون ڦاٽي پيون.
باباڪي پنهنجي عمر جو تہ ڏيان رکڻ گهرجي ها. وڏي ننهن چيو.
جوان ڇوڪري ۽ اڪيلي. بابا تہ ڦاسي ويا هوندا هن جي موهہ جار ۾.
ننڍيءَ چيو.
بابا جي دل لڳي ويئي تہ ڪهڙو پروسو مڪان وڪرڻ جو خيال ڇڏين. چندوءَ چيو.
اسان ڪي هتي ڪنهن پنهنجي ماڻهوءَ جي سخت ضرورت آهي.
وڏي ننهن چيو.
”بابا اهڙا ڪونهن جيڪو توهان سمجهي رهيا آهيو“. سورج بابا جو پاسو ڪنيو.
”رهڻ ڏيو، رهڻ ڏيو، پنهنجي پتا صاحب جون وڏايون نہ ڪيو. پنهنجيءَ اکين تان پترڀڳتي جو چشمي لاهي ڪري ڏسو، ٻڍاپو ڏاڍو خطرناڪ ٿيندو آهي“. سورج جي گهرواريءَ چئي ڏنو.
ڀابي توهان سهي ٿا چئو، ”پاڻي مٿي تان نڪري ويو تہ وينا پڇتائجو“. ننڍيءَ آهوتي ڏيندي چيو.
”ڇو نہ اَسان سڀئي گيتا جي جنم ڏينهن تي بابا وٽ هلون پنهنجي جنم ڏينهن تي گيتا طوفعي ۾ باباڪي دلهي هلڻ جو واعدو وني ۽ اَسان باباڪي وني اَچون هتي“. چندوءَ ”آئيڊيا“ ڏنو.
ها! ها بلڪل نيڪ چندوءَ گهرواري جي ها ۾ ها ملائيندي چيو.
”جانڪيءَ سان مُڪتي ملي ويندي. گهر وڪرڻ سان پئسا بہ ملي ويندا. بابا جي غلامي بہ نہ ڪرڻي پوندي ۽ مُفت ۾ هڪ پنهنجو ماڻهو بہ ملي ويندو“. وڏي ننهن چيو.
هيڏانهن بابا جا پٽ بابا جي ظلاميءَ سان آزاد ٿيڻ جو پروگرام ناهڻ لڳا. هوڏانهن بابا ۽ جانڪيءَ ۾ لڳاو وڌندو ويو.
هڪ ڏينهن بابا نفن واري ڪي موناٽي ڇڏيو. پاڻ ماني بڇائي ڪري ٽيبل تي لڳائي ڪري پوءِ جانڪيءَ ڪي سڏ ڪيائون.

ڪري درڪوليان ٿي؟

جانڪي واپس اَسنان جاءِ ۾ وڃي ڪپڙا پائي ڪري آئي ۽ پوءِ
دروازو کوليو.

دروازي تي بابا بيٺا هئا. جانڪيءَ باباکي چيو، توهان جي پٽ
فون آهي.

بابا فون کنيو تہ چندوءَ پهريون سوال پڇيو، بابا هيءَ جانڪي ڪ
آهي؟

پوءِ ٻڌائيندو سانءِ، پهرين تون ٻڌاءِ تہ ايترن ڏينهن کان فون ڇ
ڪيو. منهنجي فون جو بہ ڪنهن جواب ڪونہ ڏنو. باباکي ٿورو غصو بہ ا
رهيو هو.

بابا، ڏياريءَ تي اَسان سڀ جڏهن توهان وٽ آيا هئاسين تڏهن اَ
جي مڪان ۾ چوري ٿي ويئي. ٽي. وي. فرج، گئس، سڀ ڪٽي ويا چور. چن
چيو. سائين مهر ڪندو پر پٽ تو مونکي ٻڌايو ڇو نہ؟ بابا جي چنتا و
ويئي.

توهان کي ٻڌائڻ سان ڪهڙو فائدو ٿئي ها؟ پر توهان ٻڌايو تہ تو
ڪهڙي مصيبت گهر ۾ پالي آهي. چندوءَ چيو. هن جي دماغ ۾ اڃان جانڪ
ڀمي رهي هئي.

جانڪي مصيبت ڪونهي. جانڪي سٺي ڇوڪري آهي. منهن
اڪيلائي ورهائي ويٺي آهي. تنهنجي وڃڻ کان پوءِ تہ هيءَ گهر جيئڻ مس
وانگر ٿي ويو هو. بابا چيو.

گهٽي ۾ ڏنو اٿو ڪمرو.

گهٽي ۾ ڏيڻ کپي، تون ئي ٻڌاءِ. بابا چيو.

ڇا؟ توهان ڪرايو بہ طئہ ڪونہ ڪيو آهي؟

چندوءَ جي آوازءِ پڇڻ جو طريقو باباکي سٺو ڪونہ لڳو، پر فون ت
جواب ڏين، بابا اَڃان سوچي رهيا هئا تہ فون ڪٽجي ويو.

بابا هڪ جوان ڇوڪريءَ کي ڪرائي تي مڪان ڏنو آهي بنا ڪ

وڃي پٽن ۽ ننهن کي ڏيان آيو ۽ سيني باباڪان آشيرواد ورتو.

رات جو پٽن ۽ ننهن جي آپات بئنڪ ٿي.

”ائي الله. بابا تي هي ڪهڙو رنگ چڙهي ويو آهي هن عمر ۾“. وڏي ۽ چيو.

”بابا بدلجي ويندا ڪنهن ڪا چاڻ““؟ ننڍي چيو.

”اَسان کي ساوڌاني سان قدم کڻڻو پوندو““! سورج چيو!

چپ ڪيو. پتين کي به ڪن ٿيندي آهن. چندو ۽ چيو.

سڀ يوجنا ناهي ڪري پٽ ۽ ننهر سمهي پيا. صبح جو دروازي جي گهنٽي وڳي. ننڍي ننهن دروازو کوليو. دروازي تي اَجنبي اِستري کي ڏسي ڪري هو حيران ٿي ويئي.

ايتري سهڻي مائي، صبح صبح جو بابا وٽ؟ سوال ننڍي ۽ ننهن جي دماغ ۾ ڦيرا پائڻ لڳو.

”توهان ڪير“ ننڍي ننهن پڇيو.

”مان پاروتي، جانڪي ۽ جي ماءُ“. رما چيو.

توهان جانڪي ۽ کي ونڻ آيا آهيو ڇا؟ ننڍي ۽ اُونده ۾ تير هلائيندي چيو.

پاروتي ۽ ڪجهه به جواب ڪونه ڏنو، مٿي هلي ويئي.

ٻاڙهي مرچن جي تکي گند ته گهر ۾ ڀرين کان موجود هئي، پاروتي ۽ جو اچڻ مرچن کي باهه ۾ وجهڻ ٿي ويو. پاروتي ۽ جانڪي ۽ کي به هن ڳالهه جو اَنداز لڳي ويو هو.

ڏينهن جو گيتا جو جنم ڏينهن ملهائڻ کان پوءِ بابا گيتا کان پڇيو. پٽ توکي ڪهڙو طوفعو ڏيان؟

”ممي ۽ چيو ته مان توهان کي چوان ته توهان اَسان سان گڏ هلي ڪري رهو“. گيتا معصوميت ڀريو جواب ڏنو.

باباکي جواب ٻڌي ڪل اَچي ويئي. هن جو من ٿيو ته هو سيني کي ٻڌائن ته هو پاڻ به پوٽن-پوٽين سان گڏ رهڻ لاءِ بيتاب هئا. برهنن جلدبازي،

جانڪيءَ سوچيو تہ ٽفن وارو آيو هوندو. جهٽ هوءَ هلي آئي. جانڪي
ٽفن واسطي دروازو کولڻ لڳي تہ بابا جي ڪل ٻڌي رڪجي ويئي. بابا ڪلي چيو
''اَڄ کان ٽفن بند. مون تنهنجي ماءُ سان فون تي ڳالهائي ڇڏيو آهي. هاڻي
تون منهنجي پينگ گيسٽ، مان تنهنجي ماني ناهيندس ۽ اسان ٻئي ملي
ڪري ماني کائينداسين''.

جانڪيءَ گهڻيئي ضد ڪيو پر بابا جي اڳيان هن جي ضد بيڪار ٿي
ويئي. جانڪي ۽ بابا ماني کائڻ لڳا.

ٻنهي ماني کائڻ شروع ڪئي مس هئي تہ دروازي جي گهنٽي وڳي
ڪير بابا چيو.

جانڪي اُٿي ڪري دروازو کولڻ ويئي. جانڪيءَ گائون پائي رکيو هو
دروازو کولڻ کان پوءِ جانڪي دروازي تي بيٺل پلٽن کي ۽ سيني
جانڪيءَ جي سونهن ۽ جواني ڏسڻ لڳا.

''اڙي توهان سڀئي''. بابا جي نظر جيئن دروازي تي بيٺل پنهنجي
پٽن، ننهرن ۽ پوٽن-پوٽين تي پيئي، هن چيو.

''سرپرائيز بابا سرپرائيز'' بابا جي پوٽي اَيہ چيو ۽ ڊڪ پائيندي اچي
بابا سان گلي مليو.

''بابا! اسان گيتا جو جنم ڏينهن ملهائڻ آيا آهيون''. وڏي پوٽي
چيو!

''هيءَ تہ ڏاڍي سٺي ڳالهہ آهي'' بابا پوٽي کي ڪڇ ۾ ڪٽي چيو. وري
هنن کي ٻارن کي چيو.

''پٽ هاڻي توهان جي ڪمري ۾ جانڪي رهندي آهي. اَڄ کان وني
توهان جار چارئي ٻار مون سان گڏ منهنجي هيٺئين ڪمري ۾ سمهندا. نيڪ
آهي نہ؟ هنن ٻارن کان پڇيو.

پٽ ۽ ننهرون جانڪي کي گهورڻ جي چڪر ۾ بابا کي پلڃي ويا.

''مان پنهنجي ماني متي ڪٽي تي وڃان، توهان سڀئي ڳالهاي
ٻولهايو ويهي''. ائين چئي ڪري جانڪي جڏهن متي هلي ويئي، تڏه

روشني اَسان جي ڪتنب ڪي ايترو چمڪائيندي تہ ماڻهو ڏسندا. پرهيءُ تہ نيرو سج نڪتو. زهريري چڏيائين سيني جي دلين ۾.

مان تنهنجي چاچي جو نالو چندو رکيو هو تنهنجي امر چوندي هئي تہ چنڊ شيتل ٿيندو آهي. گهر ۾ سک شانتي ايندي، شيتلتا ايندي. پرهيءُ تہ ڪارو چنڊ نڪتو. اوندهہ گهٽائڻ جي بدلي اوندهہ وڌائي ويو.

توهان مونکان جانڪيءَ جو رشتو ٿا پڇو. پڇو ٿا تہ جانڪيءَ سان منهنجو ڪهڙو رشتو آهي. ڏنو وڃي تہ توهان جو حق ڪونهي تہ توهان مونکان رشتو پڇو. جڏهن مان توهان جي زندگيءَ ۾ خلل نٿو وجهان تہ توهان کي بہ ڪوئي حق ڪونهي تہ توهان سوال پڇو.

توهان جي حق جي ڪري نہ مگر منهنجي فرض جي ڪري مان توهان کي جانڪيءَ ۽ منهنجو رشتو ٻڌايان ٿو.

هن خط ۾ توهان جي سيني سوالن جو جواب آهي، جيڪو جانڪيءَ لکيو آهي ۽ مونکي ڏناءِ تہ مان پنهنجي پٽن کي موڪليان. گيتا پٽ تون هن خط کي کولي ڪري پڙهي ٻڌاءِ.

سنتان ٿيڻ جو ڪهڙو مطلب ٿيندو آهي. ماڻهن کي پتو تہ پوي. گيتا خط کولي پڙهڻ لڳي.

”مانوارا پياءُ سورج ۽ چندو،

مونکي سمجهہ ۾ نٿو اَچي تہ مان توهان کي پياءُ چئي ڪري ٺيڪ ڪيو آهي يان نہ. مان تہ توهان سان ڪڏهن ملي بہ ڪونہ آهيان.

منهنجو ڪوئي پياءُ بہ ڪونهي. نہ پتا آهن. مان جڏهن کان هوش سنڀاليو. مونکي منهنجي ماءُ پاليو آهي. پر مان ماءُ جي رشتي جي اَهميت، پاڪيزگي ۽ وشواس سان واقف آهيان. هن ناتي مان توهان کي پياءُ چئي رهي آهيان.

بابا ڪڏهن چوندا تہ ڪونہ آهن، پر مان گهٽيئي دفعا هنن کي پنهنجا

ڳوڙها لڪائيندي ڏنو اهي. توهان سيني جي جڏهن بہ ڪا ڳالهہ نڪرندي

ڪونہ ڪئي هنن چيو.

''توهان جي داديءَ جي وڃڻ کان پوءِ مان اڪيلو ٿي ويس. اڪ
ٿي مونکي ڪنڊن وانگر چڀڻ لڳي. جانڪيءَ جي اچڻ سان مونکيوري زندگ
جو آنند اچڻ لڳو. جانڪي منهنجي زندگيءَ ۾ ائين ملي ويئي، جيئن پاڻ
۾ ڪنڊ. منهنجي جيون جي مناس موٽي آئي آهي هاڻي اڪيلائي تنگ نـ
ڪري. هاڻي.....''

بابا ڪٿي حد پار نہ ڪري وڃن؟ ننڍيءَ اِشارو ڪندي وڏي ننهن
چيو. اِئنم بہ تيار هو بس باهہ جي دير هئي. چنگاريءَ جو ڪم چندوءَ ڪ
هن چيو

''بابا اِئين پرائي مائهن تي سڀ ڪجهہ لٽائڻ نيڪ ڪونهي.
عمر ۾ اِهڙا رشتا شوڀا نٿا ڏين''.

بابا اَچرج ۾ پئجي ويا. هو ڇا پيا چوڻ چاهين ۽ هنن جا پنهنجا
پيا سوچين. منهنجو رشتو ٿا پڇن جانڪيءَ سان؟ مون تي شڪ ٿا ڪن؟
سوالن بابا کي ڀوڪمپ جي ڌڏڪي وانگر هلئي ڇڏيو.

بابا غصي ۾ اُٿي بيٺا، بابا چوڻ لڳا مونکي جواب ڏيڻو پوندو؟
پهنجي پٽن کي جواب ڏيڻو پوندو؟ رشتو ٻڌائڻو پوندو؟ جانڪ
سان منهنجو رشتو؟ نيڪ آهي اَڄ سڀني کي ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ جانڪيءَ
منهنجو ڪهڙو رشتو آهي.

پاروتي بابا جي پاسي ۾ وڃي ڪري هنن کي دلسو ڏيڻ لڳي. ن
کي اِها ڳالهہ سني ڪونہ لڳي. وڏيءَ چيو.

''نانڪ ڇڏي ڏي جانڪيءَ جي ماڻ، اسان سڀ سمجهون ٿا''.

''نانڪ، سچ پچ نانڪ ٿي تہ ٿي رهيو آهي. اسان جي زندگ
نيڪ آهي، اَڄ وقت اچي ويو آهي تہ هن نانڪ جو آخري درشيہ بہ توها
ڏيکاري ڇڏيون''. بابا زور سان چيو ۽ ڪنبڻ لڳا. پوءِ بابا پنهنجي کيسي م
ڪاغذ ڪڍيا. هڪ ڪاغذ پنهنجي پوٽيءَ گيتا کي ڏيندي چيائون.

پٽ مان تنهنجي پيءُ جو نالو سورج رکيو هو سوچيو هو تہ سچ

سان منعيا ڪندي ڇيو.

نہ، پٽ نہ، مونکي همدرديءَ جي ضرورت ڪونهي. هي مڪان منهنجي موت کان پوءِ توهان جو ئي ٿيندو، ڪٽي وڃجو. ٿي سگهي تہ منهنجيءَ هن غلطيءَ کي ڀُولهي ڪڍجو، جيڪا غلطي مون توهان کي پالڻ ۾ ڪئي. مان توهان کي جنم تہ ڏنو، پر سنسڪار نہ ڏيئي سگهيس. توهان پنهنجي ٻارن کي ضرور ڏجو، اِهي سنسڪار، اِهي سنسڪارئي رشتن کي مهڪائي رکندا آهن. اِها مهڪ ضروري ٿيندي آهي، جيئڻ واسطي. بابا اِهو ئي چئي ءَ لڪڻ ڪٽي ڪري گهمڻ نڪري ويا.

===

آهي، بابا جون اکيون پرجي ويندڀون آهن. هو توهان جي آزاديءَ ۾ دخل
ڏيڻ چاهين. توهان جي آزاديءَ سان هنن کي پيار آهي. پتا تيڻ جي باو
هو پتا جو حق نڌا جمائڻ چاهين. هنن جي اِڇا آهي تہ هو مڪان وڪ
ڪري، توهان سان گڏ دلهيءَ ۾ رهن. پوٽي-پوٽين سان گڏ رانديون ڪن، پ
پنهنجي طرفان اِها ڳالهہ چوڻ ۾ هٻڪي رهيا آهن. ان ڪري مان هي
توهان کي لکي رهي آهيان. مان هنن کان ننڍي آهيان، پر مان هنن
سمجهايو آهي تہ جيڪا ڳالهہ چوڻ ۾ مشڪل لڳي، اها لکي ڪري ٻڌائ
پلٽي ٿيندي آهي.

هيءُ خط مان توهان کي موڪلي سگهان پيئي. پر هيءُ توهان
جاتي معاملو آهي. مونکي ڪو بہ حق ڪونهي، جو مان توهان جي ج
معملات ۾ دخل ڏيان. اِن ڪري مان هي خط لکي ڪري بابا کي ڏيئي چ
آهي. بابا واعدو ڪيو آهي تہ هو هي خط توهان کي موڪليندا. هنن مڪ
وڪڻ جو سودو بہ ڪري ورتو آهي ۽ مڪان وصيعت جي روپ ۾ پنهن
پوٽن-پوٽين کي ڏيئي ڇڏيو آهي. توهان واقعي خوش نصيب آهي
توهان کي اهڙو پيءُ مليو آهي''.

توهان جي پيڻ جانڪي.

گيتا خط پڙهي پورو ڪيو تہ ٿوري دير مسڪن واري شانتي ٿي وي
خط ٻڌي ڪري سڀ بيزبان ٿي ويا.

آخر بابا چيو.

ماڻهون پٽن جي آشا اِن ڪري ڪندا آهن تہ پٽ هن جي ٻڍاپي
سهارو ٿيندا. ٻڍاپي ۾ هنن کي اڪيلائي محسوس ڪونہ ڪرڻ ڏيندا.
تائين زندگيءَ ۾ پيار ۽ محبت جي مهڪ ملندي رهي.

جانڪيءَ ۾ اِها مهڪ آهي. پيار آهي، پنهنجپائي آهي. اِهو ئي
آهي منهنجي جانڪيءَ سان. جيڪا توهان سڀني واسطي پرائي آ
منهنجي واسطي هوءَ منهنجو اصلي پٽ آهي، اصلي پٽ.

چئي ڪري بابا روئڻ لڳا. سورج ۽ چندوءَ اکيان اُڇل لڳا تہ بابا ا

ڪان وڏيڪ ڏڪ لڳا هئا، باوجود هن جي هو پليسوارن کي چئي رهيو هو.

”سائين مونکي گهڻ نظر ايندو آهي. منهنجي غلطيءَ جي ڪري هيءَ نڪرتي. مونکي موٽرسائيڪل نظر ڪونہ آئي! منهنجو ڪير بہ ڪونهي، توهان بس مونکي ڪنهن اِسپتال ۾ وٺي هلو، بانهن ۾ ڏاڍو سور پيو ٿئي، منهنجو ۽ هن ٻارجو علاج ڪرائي، اَسان کي ڇڏي ڏيو، مونکي پٽليس ڪيس ڪونہ ڪرڻو آهي!“

پٽليس انسپيڪٽرکي هن بزرگوار جي ڳالهہ ٻڌي ڪري زرو بہ ڪياس ڪونہ آيو. پر غصو اَچي ويس.

”تون چپ ڪر، قانون کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏي. هيءَ جوان جوشيلا پٽ

(گار ڏيندي) هنن جي خون ۾ گرمي چڙهي ويئي آهي، گاڏيءَ کي ائين ٿا ڀڄائين، جيئن موٽرسائيڪل نہ ڪوئي هوائي جهاز هجي! ماريا پلجي ٿا وڃن تہ هوائي جهاز رفتارپڪڙي اڏامي تہ سگهي، آڪاش ۾ نہ ٽرفڪ نہ بتي، مگر روڊ تي تہ سيئي موجود آهن!

پهرين ٿاڻي هلنداسين، رپورٽ ٿيندي. پوءِ علاج! آخر اَسان جي بہ تہ ڪائي ”ڊيوٽي“ آهي يا نہ؟“

هو بزرگوار ۽ روي گهڻيئي چوندا رهيا، مگر سڀ بيڪار ٿاڻي ۾ انسپيڪٽر خود رپورٽ لکي ۽ بزرگوارکي درڪا ڏيئي، هن جو آنگوٺو لڳارائي ورتائين. روي پنهنجي موبائيل تي پنهنجي گهروارن کي ۽ آفيس وارن کي سڄي ڳالهہ چئي ٻڌائي.

پٽليس وارن بزرگ کي جنهن جو نالو نارائڻ هو چيائون،

”نارائڻ من توهان بہ پنهنجي گهروارن کي گهرائي وٺو، اِسپتال تڏهن هلنداسين“.

”سائين منهنجو ڪير بہ ڪونهي، ٻہ پٽ آهن، مگر مون سان ڳ نڊيندا ڪونہ آهن. منهنجي گهرواري ڏاڍي بيمار آهي. ڪٿ تان اُٿي ڪونہ سگهندي آهي. مان هوٽل ۾ باسڻ مليندو آهيان، مونکي علاج بہ ڪونہ کپي، شڪايت بہ ڪونہ ٿو ڪيان، توهان مهرباني ڪيو، هن ٻار ۽ مونکي ڇڏي ڏيو!“ هن بزرگ چيو،

روي ءَ بہ ڳالهہ جوڙيندي چيو،

ايڪسيڊنٽ

روي ۽ پنهنجي موٽر سائيڪل جي رفتار وڌائي. هو ڪڏهن دير سا
آفيس ڪونه پهتو هو. پهريون دفعو دير سان پهچندو. وقت جي پابند ماڻهوءَ
پنجين-ڏهين منٽ جي ديروڏي ڳالهه ٿيندي آهي.

”دلهيءَ جي ٽرئفڪ جو ڪوئي ڀروسو به ته ڪونهي“. روي سوچيو
روي ڪمپيوٽر پڙهائيندو هو. ڪلاس ۾ پڙهڻ واري ٻارن کي لڳ ڀڳ
روز چوندو هو ته وقت جو قدر ڪري سگهو، نه ته وقت توهان جو قدر ڪرڻ ڇڏي
ويندو. گهرءَ آفيس ۾ وقت تي ڪم پورو نه ٿيڻ وقت روي ءَ کي زبردست غص
ايندو هو. هن جي هن ڳالهه جي تاريف ڪرڻ وارا به هئا ته پٺيءَ پٺيان هن ک
گاريون ڏيڻ وارا به.

تاريف جو اثرهويان شوڪ جو پرصبح جو جڏهن تيار ٿي ڪري. روي
موٽرسائيڪل ڪڍي ته پهيو پنچر هو.

پنچر ٺهرائڻ ۾ گهٽ پندرهه ويهه منٽ لڳا. ايترو وقت لڳ
لازمي به هو. حالانڪ روي هن ڳالهه کي سدائين پنهنجي سوچ ۾ رکندو هو
آفيس ڏهه پندرهه منٽ پهرين ئي پهچي ويندو هو، پر اَڄ لڳي ٿو ته دير
اَڃان روي ئي سوچي ئي رهيو هو ته هن جي موٽرسائيڪل جي سامهون اَچان
هڪ بزرگ ماڻهو اَچي ويو. بريڪ هڻڻ ۽ موٽرسائيڪل کي روڪڻ-موڙڻ جي تم
ڪوشش جي باوجود روي ءَ هن بزرگوار ماڻهوءَ سان ٽڪرائجي ويو، ٻئي هيٺ
ڪري ۽ موٽرسائيڪل هنن جي مٿان. سڄو ٽرئفڪ جام ٿي ويو. ماڻهن اَچ
ڪري هنن کي اٿاريو. هڪ سائيڊ تي وٺي وهاريو، چوراهي سامهون هو جت
ٽرفڪ پوليس جي جيپ بيٺي هئي. سائيرن وڄائيندي جهٽ پهچي ويئي
روي ءَ هيلمٽ پاتي رکيو هو. هن جو بچاءُ ٿي ويو. ها هن جي ترين ۽ گو
مان رت وهڻ لڳو.

بزرگ ماڻهوءَ جو سڄو هٿ لٽڪي پيو هو. صاف نظر اَچي ر
تو ته ٻانهن ۾ فريڪچر ٿي ويو آهي. ڳنڍي مٿ ته هنن جي پٺيان هلندڙ ب
واري جا بريڪ مضبوط هئا. نه ته الئي ڇا ٿئي ها.

موٽرسائيڪل کي وڏيڪ نقصان ڪونه ٿيو. مگر هن بزرگوار کي سي

پُلیس وارا ضد تي اَڙي بيٺا، علاج جي چنتا ڪنهن کي ڪونہ هئي. نارائڻ جيٰ ٻانهہ سڄي وئي هئي. سورجو اثر هن جي مشڪل تي نظر اَچڻ لڳو هو، روپيءَ پنهنجي زخمن تي رمال ۽ پنهنجي خميص فاري ٻڌي ڇڏي هئي. اُهي ٻئي نڪر ٻاڙها تي چڪا هئا.

مجبوريءَ کي محسوس ڪندي، نارائڻ پنهنجن پٽن کي سوچنا ڏني تہ ٿوريءَ ديرمِ اَچي پهتا. روپيءَ جا گهروارا ۽ آفيس جا ٻيا ماڻهو بہ اَچي ويا.

روپيءَ جو پيٽوپو. سمجهدار ماڻهو هو. هن سپني کي ٻاهر ڪري سڌو انسپيڪٽر سان ڳالهايو.

طئہ ٿيو تہ نارايڻ هڪ ڪاغذ تي لکي ڏيندو تہ سائين مان پنهنجو ڪيس واپس ٿو ڪٽان. مٿي ڳالهہ طئہ ٿي تہ روپيءَ جا رشتيدار نارايڻ کي هڪ هزار هن جي پٽ کي علاج واسطي بہ هزار پُلیس وارن کي ٻہ هزار ڪل پنج هزار ڏيندا. پُلیس ڪيس رفع دفعا تي وڃي، اها خاصيت اَچ ڪلهہ جي زماني ۾ ڪنهن ''ڪي بي سيءَ جي ڪروڙپتي'' گيم جيتڻ يان ''انڊين آئيڊيل'' ٿهڻ کان گهٽ ڪونهي. ''روپيءَ جي پيٽوي جي روپيءَ جي ماءُ پيءُ کي، سمجهايو. پنج هزار ڏين روپي جا رشتيدار سيئي ٿاڻي تان ودا هئا! هلندي وقت روپي نارائڻ جي پاسي ويو. هن کي پيري پئي چيائين، ''بابا توهان تہ هٽئي چاهيو، مونکي بچائڻ جي ڪوشش بہ ڪيوَ. ايشور توهان کي سپ سک ڏئي، مان توهان جو اِهو احسان سڄي زندگي ياد رکندس.'' '' نارائڻ کي وئڻ اَچي ويو، هن چيو، ''توهان وڏا ماڻهو تي ڪري بہ مونکي مان تا ڏيو، ايشور توهان جي هر ڪامنا پوري ڪري. هر مشڪلات کان پري رکي. روپيءَ جي وڃڻ کان پوءِ نارايڻ جو پٽ نارايڻ کي وٺي هلڻ لڳو تہ انسپيڪٽر هن کي اِشارو ڪيو.

هنن پاڻ ۾ ڪجهہ ڳالهايو ۽ هٿ ملايائون. ٿاڻي کان ٻاهر اَچي ڪري نارايڻ جي پٽن نارايڻ کي هڪ بئنچ تي وهاريو. پنهنجي موٽرسائيڪل کڻين ويا. موٽرسائيڪل چالو ٿي تہ نارايڻ اُٿيو تاڪي موٽرسائيڪل تي چڙهي ڪري اِسپتال وڃي سگهي. اَڃان هو اُٿيو مس هو، هن ڏٺو تہ هن جا ٻئي پٽ موٽرسائيڪل ڪٽي نڪري ويا.

انسپيڪٽر ٿاڻي مان نڪري ٻاهر آيو. نارايڻ هن کي آواز ڏيئي روڪڻ

انسپيڪٽر صاحب مان موٽر هلائي سگهندس. مان وني تو وڃان هنن کي، مان هن جو علاج ڪرائي، هنن کي گهر ڇڏي ويندس. توهان اَسان ٻنهي کي اِجازت ڏيو.

”ساهڙن ۾ وينو آهي جو چويو تو اَسان کي اِجازت.... (گار ڏيندي)“ اَري اگر اَسان اِئين اِجازت ڏيڻ لڳاسين تہ سرڪار اسان کان اجازت وٺي ئي ڇڏي بند نہ ڪري ڇڏيندي. اِجازت ڇڏ، عزت جي ڳالهہ ڪر... (هن پُليس واري ڏيري سان چيو ۽ اِشارو ڪيو تہ ڪجهہ لين-دين جي ڳالهہ ڪرڻ تہ مان ڪوشش، ڪيان).

نارائڻ بہ ڳالهہ کي سمجهي ويو، هن چيو.

”سائين مون وٽ تہ منهنجي بيمار زال جي علاج واسطي بہ پئسا ڪونہ آهن، توهان کي ڪيئن....؟“

روي ۽ وچ ڳالهائڻ شروع ڪندي چيو، (هن ڪوئي بہ موقعو هٿ مان وڃائڻ ڪونہ ٿئي چاهيو).

”سائين مون وٽ هزار رپيا آهن. توهان رکو، ڪيس رفا دفا ڪيو، مان هن کي وٺي تو وڃان. علاج مان پاڻيهي ڪرائيندس، پنهنجو بہ هن جو بہ“.

”هزار رپيا، چاليهہ هزار جي موٽر سائيڪل، سورهن هزار جو موبائيل، ڏهين هزار جي سون جي چڻن ۽ تون چاهين تو هزار رپيا ۾ رفا دفا. هن نارائڻ جي شيوا لاءِ، اسان نارائڻ جي شيوا لاءِ. موٽرسائيڪل ڇڏڻ لاءِ، هن نارائڻ جي پٽ کي سمجهائڻ لاءِ، گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ-ٻارهان هزار....! تون فون بون ڪري گ هرائي وٺ، تيستائين اَسان اِسپتال ٿا هلون؟

روي ۽ گهٽيئي منٿون ڪيون، نارائڻ بہ هن جو پورو ساٿ ڏيندي چيو،

”سائين، منهنجا پٽ مون سان ڪوئي واسطو ئي ڪونہ رکندا آهن پوءِ هنن کي چو....؟“

”اَري لڳي تو تنهنجي ۽ ڪوپڙي ۽ ۾ بہ فريڪچر ٿي ويو آهي. چملو هڪ دفعو درج ٿي ويو تہ رفعا دفعا ڪرڻ لاءِ ڪوئي نوس آڏا ربہ تہ ڪپي. مکٽو پوندو تہ نارائڻ سوامي ۽ جا ٻار آيا، هنن سمجهوتو ڪيو ۽ نارائڻ کي پنهنجي ذميواري ۽ تي وٺي ويا. روي ۽ جا ملڻ وارا آيا، هنن نارائڻ جي گهروارن سان ڳ الهايو. فيصلو ڪيائون ڪيس ڪينسل ٿيو“.

حقدار

لئوڊ اِسپيڪر تي ڳانو وڄي رهيو هو ڳاني جي ڌن تي سيئي نچي
رهيا هئا. سڄو ماحول منگلميہ ۽ رسميہ ٿي ويو هو. منگلا جي شادي ٿي رهي
هئي. درشن سان. منگلا ڪرپالداس جي وڏي ۾ وڏي ڌيءُ. گهر ۾ پهرين شادي.
مسڪين هوندي بہ ڪرپالداس جي منهن تي ڪڏهن ڪي دک يا چنتا جي
هلڪي ريکا بہ نہ ڏٺي. هو سدائين پيو گل وانگر ٽڙندو هو. هن شاديءَ ۾ بہ دل
کولي خرچ ڪيو. هن جي هڪ وجهہ اِها هئي تہ درشن جي گهروارن ڪجهہ گهر
ڪونہ ڪئي هئي. هو سچا سڌا ماڻهون هئا. شاديءَ جي موقعي تي بہ ڪائي
شڪايت ڪونہ ڪيائون، پر ”خود مددگار“ تي ڪم ڪندا رهيا. اسان گهوٽيتر
آهيون. اِهو دنيا نہ تہ ڪنهن جي زباني هو، نہ ٻاهروارن ۾.

منگلا جو سهرو خود ڪم ۾ لڳو پيو هو. اهڙي حالت ۾ پلا ٻئي ڪنهن
جي همت جو ڪجهہ نقص ڪڍي ڏيکاري. اهڙيءَ خوش نما ماحول ۾ ودائي
ٿي منگلا جي ۽ شروع ٿي ويو نئين زندگيءَ جو صفر. منگلا جو گهوٽ درشن رنگ
روپ ۾ منگلا جي اکيان ايڪيهہ ئي هو. پر هو بہ پنهنجي پتا سمان سڌو سرل
انسان هو. زمين جائداد جو اِڪلوتو وارث. درشن جي ٻنهي ڀينرن جو وواهہ ٿي
چڪو هو.

ودائي کان پوءِ آيو نئينءَ زندگي جو پهريون پل. سڪ سان پريل اَنمول.
سُهاڳ رات درشن منگلا کي هن پهرين ملاقات ۾ سيني کان وڌيڪ سُهاڳ لڳو. هن
جي واٽيءَ ۾ ميناج ۽ ممتا هن جي جسماني سونهن کان وڌيڪ هئي. منگلا
کون تہ جيئڻ سيئي مرادون پوريون ٿي ويون. هن پهرين يادگار ملاقات جي
وقت، درشن منگلا کي چيو.

”منگلا اَڄ کان پوءِ تون منهنجي گهرواري ٿي ويئي آهين. زندگيءَ ۾
ڪانہ ڪڏهن بہ پري نہ هئڻ وارو حصو بڻجي وڃي تہ هين اَڄ کان اَسان ملي
ڪري
زندگيءَ هن نئين صفر کان، ئي شروع ڪري رهيا آهيون.

منگلا زندگي ڪڏهن ماسو تہ ڪڏهن تولو. دلبر جيڪي لکيو منجهہ
دل، تنهنجي کي ڪير وجهندو جهل پر زندگيءَ ۾ سدائين سڪي رهڻ جو هڪ

چاهيو، مگر هن نارايڻ جي طرف ڏنو بہ ڪونہ ۽ هلندو ٿيو.
نارايڻ کي سڄي ڳالهہ سمجهہ ۾ اَچي ويئي. هو پنهنجي ٻانهہ پڪڙ
ڏيري ڏيري ٿاڻي کان ٻاهر نڪري ويو. ٿاڻي جي اَندر ہ پُليس وارا پاڻ
الهائي رهيا هئا.
”ڪيترا مليا؟“
اَڙي پنج هزار مليا هئا. ڏيڍ هزار تہ نارايڻ جا پٽ ڪٽي ويا. ہہ ه
انسپيڪٽر صاحب ڪٽي ويا، ٿورو پاڻ رکندا، ٿورو ٻيان پهچائيندا. باقي ٻ
ڏيڍ تہ پاڻ ڏهہ جڻا آهيون ٿاڻي ۾، ڏيڍ ڏيڍ سوَ ملي ويندا!“.
”ڀڳوان ڪري ہہ-چار اَيڪسيڊنٽ روز ٿين“. چئي ڪري ٻئي پولي
وارا زردي جي پُڙي کولي، زردو تري تي مهٽي، اڌ خود کاڌائين، اَڌ پنهن
ساٿي ۽ کي کارايائين ۽ هو ڏنڊو کڻي ٿاڻي مان نڪتا!
نارايڻ کي ڏسي ڪري ٻنهي جي چپن تي مشق چڙهي آئي.
نارايڻ بي خبر هو!

===

اِسڪول ۾ ڪرائي ڇڏيو. پهرين ڏينهن جڏهن درگا اِسڪول وڃڻ لڳي، ڏاڏيءَ هن کي چمي ڏيندي چيو.

درگا هاڻي ته تون اَڄ ڏينهن اِسڪول ۾ گذاريندي پنهنجي ماءُ کي سمجهائي ته توکي هڪ ڀاءُ آڻي ڏين.

”ڏاڏي کي ڪپي ننڍو ٻار. نيڪ آهي“ ته درگا سر هلائي ها چئي ڏني. ڏاڏيءَ کي ڪل اچي ويئي. هنن چيو ڪيترو نه جلدي پنهنجو سر هلائي ها چئي ويئي ننڍڙي ڏاڏي. سوَ آنا پنهنجي پيءُ تي ويئي آهي. ڀلا ٻڌائي ته ڪڏان آڻي ڏيندوَ ننڍو ڀاءُ؟“

پوءِ هو درگا کي وٺي اِسڪول ڇڏي آيا. ٻن ٽن مهنن کان پوءِ سڀ واڌايون ڏيڻ لڳا. منگلا پيٽ سان آهي. جنهن کي پتو پيو، اَچي ڏاڏيءَ کي واڌيون ڏيئي ويا. پاڙي جون ٽي-چار مايون به آيون. واڌائيءَ سان گڏو گڏ منگلا جي سس کي ”سنيون صلحون“ به ڏيڻ لڳيون. هڪ چيو.

”اڙي اسان به پنهنجي ننهن جي سونوگرافي ڪرائي هئي پٽ نه هجي ها ته گهر ۾ ٻار جمڻ تورو ئي ڏيون ها. ڪيڏانهن ڪيون ها ها ٻه ٻه ڇوڪريون. ڪنيا دان واسطي ته هڪ ئي گهڻي تيندي آهي. ٻيءَ چيو.

”منهنجي ننهن ته سمجهدار هئي. پتو پوندي ئي ٻار کي ڪيرائي ڇڏيائين. جيئن پنجن مهنن کان پوءِ وري پيٽ سان ٿي ويئي. پتو لڳايوسين پٽ هو، پئدا ڪري ورتو. هاڻي پنهنجي وارس کي هنج ۾ کڻي وهاريندي آهيان ته سڄ پڇ سڪون ملندو آهي“. ٽئين چيو.

”اڙي اڄ ڪلهه ته ڏاڍو سولو ٿي ويو آهي هي ڪم. ڪيتريون مشينون لڳي ويون آهن. بس ڏيڍ به هزار خرچ ڪريءَ سڄي زندگي موج ئي موج.

پٽ هجي ته پئدا ڪجي ءِ جي نه هجي ته وري ڪوشش ڪجي. گهر جي ڪيتي آهي. جڏهن ڪيتي ڪري وٺ. هاڻي ته گهڻ ٻار پئدا ڪرڻ جو مئو رواج ٿي ويو آهي. سوچي سمجهي نه ڪيون ته ايشور ئي مالڪ“.

منگلا ڇانهه ناهي پي آئي. ماين جون ڳالهيون ٻڌي هن جا هٿ ڪنبڻ لڳا. لٽ ڪاندارجڻ لڳا. ڇانهه جا ڪوپ وڃڻ لڳا. هن کي اوچتو ڏسي چارئي زالون به گهٻڪي ويون. جهٽ ڇانهه پي وٺي پيئيون. هنن جي وڃڻ کان پوءِ منگلا جي سس هن کي چيو.

منتر مان توکي ٻڌايان ٿو. مونکي تہ هي منتري زندگيءَ جو مول منتر لڳندو
آهي، تي سگهي ٿو توکي بہ اَهڙو ئي اَحساس ٿئي.

اِهو منتري آهي تہ اَسان کي ذهن پنهنجي تلنا ٻئي ڪنهن سان نہ
ڪرڻ گهرجي. نہ اَسان کان ڪير سٺو، نہ اَسان کان ڪير خراب. اَسان جهڙا ب
آهيون. بس اَسان آهيون.

منگلا منتر مگد ٿي ڪري پنهنجي دلبرکي ڏسي رهي هئي. ٻڌي رهي
هئي، اَنمول وچن ''منگلا انسان غلطين جو پتلو ٿيندو آهي. غلطيون سيکن
کان ٿي ويندي آهن. زندگيءَ ۾ گهٽيئي پل اَهڙا ايندا. اگر پاڻ پنهنجي
غلطين کي مڃيون ۽ غلطيءَ کي سڌارڻ جو حوصلو رکون تہ رشتن جي وچ
ڪڏهن ڪا بہ ڏار ڪانہ پيئي سگهندي. ڪڏهن ڪو دائرو يان لڪير ڪنهِ
ڪينچي سگهندو.

توکي جيڪي سنسڪار مليا آهن. تون مونکي ڏج. مونکي جيڪ
سنسڪار مليا آهن، مان توکي ڏيندس.

منگلا سوچڻ لڳي تہ ضرور هن گذريل جنم ۾ ڪوئي سٺو ڪم ڪ
هوندو جنهن جو ملو ڦل درشن جي روپ ۾ مونکي مليو آهي. ٻنهي هن را
پنهنجو پاڻ سمرپت ڪري ڇڏيو. هڪ ٻئي لاءِ هڪ ٻي جي واسطي، ٻنه
شروع ڪيو نئون سفر من کي هن سنڪلپ کي ڏاري تہ هو هڪ ٻئي جي س
دک ۾ گڏ رهندا. سدائين گڏ. من ڌرتيءَ تي اَهڙا سنجوڳ ڪڏهن ڪڏهن
جڙندا آهن شايد.

شاديءَ کان پوءِ ٻي سال ڪيئن گذري ويا، ڪنهن کي پتو ڪونہ
ڪنهن ڏک ڪڏهن ليئو پائي ڪونہ ڏنو. اُنهن جي زندگيءَ ۾ منگلا سٺي
سنڀاليندي رهي، خوش ٿيندي رهي پنهنجي. هڪ سال جي ڌيءَ درگا
ڏسي ڪري.

درگا جي پهرينءَ جنم ڏينهن تي سڀني منگلا کي چيڙائيندي چ
پاپي! ٻن ڪان ٻي ٽيڻ ۾ سال لڳہ هاڻي ٽن ڪان چار ٽيڻ ۾ گهڻا سال لڳندا ''
درشن کي گهٽ نہ سمجهو، گهبرو جوان آهي وس هليس تہ ٽيين لنگهي ڇڏ
منگلا جي نراڻ جي گهوٽ بہ ڇيو.

درشن سمجهو هو. ٻڌئي سيني جي ڪمئيني من جي. ٻئي
جلدي ڪانہ ڪيئہ. درگا ڇئين سالي جي ٿي ويئي. هن درگا جو داخلو

خوش ڪونهي. مگر هن ڪجهه ڪيو ڇو نه؟ هن سوال جو جواب هوءَ درشن کان وٺي ڪونه سگهي.

هڪ سال وري گذري ويو. منگلا جي الوا سيٺي هن ”حادثي کي“ ڀلائي ڇڏيو، سچ پڇجي ته منگلا جي الوا گهر جي ٻين ميمبرن لاءِ ته هو حادثو هوئي ڪونه.

پٽ جون آنسو اُميدون رکي ڪري وري ڪوشش شروع ڪئي ويئي. جڙي ٻوٽي، ڀڀوتي، مون مندر جا درشن، ستيه نارائڻ ڀڳوان جي ڪٿا، نوراتريءَ جا ورت سڀ ڪيا ويا، ڀڳوان پٽ ڏجاءِ، ڏيءُ نه، ماتاراڻي پٽ. ڏجاءِ ڏيءُ نه، ماتا راڻيءَ کي چيو ويو ته ماتا راڻي نه ڪيي.

منگلا سڀ ڪجهه ڏسندي رهي. هن سنتان جو ٻيو پوکڻ واري هٿن کي روڪيو به ڪونه. سنتان ته هو چٽيندي، پر سونوگرافي هرگز نه ڪرائيندي، نه سونوگرافي ٿيندي، نه وري هڪ قرباني ٿيندي.

منگلا جي هن فيصلي سان گهر ۾ ڪوهرام مچي ويو. جنهن ٻڌو، ڪنن تي هٿ رکي چوڻ لڳو، ڇا نه نونهن آهي؟ سس جو مان نٽي رکي. سيٺي چيو منگلا ٻڌو، پر هن پنهنجو فيصلو بدلڻ سان صاف منعي ڪري ڇڏيو.

درشن کي به پڇتاوَ ٿي رهيو هو. هو منگلا سان گڏ اچي بيٺو.

”منگلا جيڪو چاهيندي سو ٿيندو“.

گهر ۾ ودروهه ٿي ويو. ودروهه ڦوڪٽي وانگر ڦلي وڌو ٿي ويو ۽ ”پٽ جو جنم ٿيو آهي“. خبر ٻڌي ڦس ٿي ويو. سڀ چپ ٿي ويا ۽ سيٺي جي سنهن تي جڻ مس هارجي ويئي. منگلا کي وري ڏيءُ جي اُپاڌي ملي ويئي.

رستي ۾ آيل هن بدلاوَ کي محسوس ڪري منگلا به حيران ٿي ويئي.

سميه ٻلوان ٿيندو آهي. سڀ ڪجهه تيزيءَ سان هلندو رهيو. منگلا جي ڏيءَ درگا جي شاديءَ جي فيصلي جو وقت آيو درگا جنهن ڪاليج ۾ ڊاڪٽري پڙهندي هئي. هن ڪاليج جو هڪ ڇوڪرو، جيڪو ايم-ڊي ڪري رهيو هو. درگا کي پسند اَچي ويو. پيار منڱٽي ۾ بدلجي ويو. ٻنهي جي شادي ٿي ويئي. سڀ خوش هئا.

سيٺي کان وڌيڪ خوش هئي. منگلا هن کي هن ڳالهه جي سيٺي کان وڌيڪ خوشي هئي ته هن ڏيءُ کي آزاد خيالن وارو ٺاهيو آهي. ڏيءَ کي فيصلو وٺڻ جو حق ڏنو آهي. ماءُ جي من ۾ ئي ڏيءَ واسطي پيار هو يان ماءُ

”پٽ زالن جي ڳالهه جو غلط مطلب نه ڪڍجانءِ. سچ ٻڌايون، ڳل کي تارڻ وارو ڪير ته ڪيي. مان درشن کي چٽي ڇڏيندس، تون وڃي پنهنجي سونوگرافي ڪرائي اَچجانءِ“.

منگلا جي سس جو سڀاءُ ڏاڍو سٺو هو. منگلا کي هن اَڄ تائين ڪنهن به قسم جي تڪليف ڪونه ڏني هئي. ان ڪري منگلا هن وقت سسٽس کي ڪوئي جواب نه ڏيئي سگهي، پر هن جي اَندر ۾ ته جيئن طوفان اَچي ويو.

منگلا سوچڻ لڳي. اگر جي سس ضد ڪري ويئي ته جاچ ڪرائڻي پوندي. جاچ تي ءِ جاچ ۾ پٽ جي جڳهه تي ڌيءُ نڪتي ته، تون هن جي...! نه نه! هرگز هو هو ڪنيا وڌ جو پاپ نه ڪري سگهندي. سوچيندي سوچيندي هن کي چڪر اَچڻ لڳا، ڄڻ ته ڪوئي ڀوڪمپ اَچي ويو هجي. سڄي ڌرتي ڪنبڻ لڳي.

چوڻ ۾ ڪجهه پاريوارن ۾ ننهن کي ڌيءُ جو درجو ڏيندا آهن، پر اِهو درجو تيستائين ئي قائم رهندو آهي جيستائين ننهن پٽ کي پئدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندي آهي. پٽ پئدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سات ڏيڻ واري ننهن ڌيءُ برابر نه ته ...!

منگلا جي پيٽ ۾ بار جون جڙيون ٽلشيون ويون. ڪنهن ڊاڪٽر جي ڪن ۾ ڦوڪ ڏني. ”اَسان کي پي ڌيءُ ڪانه ڪيي“. جڙيون اُڪاري ڇڏيون ڪاتلن، ٻچ کي ملي ڇڏيو ويو. مالي موڪ تي ڪري ڏسندو رهيو. ڌرتي ته سدا سداڪان بيزبان رهي آهي. شريرمان ٻاهر آيا هڪ ننڍي شرير جا ٽڪرا، جن اَجان ٿورو ساهه مس کڻي سگهيو هو. قدرت جي ڪرشمي، پيار جي جذبي کي سري عام موت مليو. ماٿهن ڏٺو، پر سڀ خاموش رهيا. قانون ڪتابن مان ڏسندو رهيو، پر هن جو سات ڏيڻ وارا هٿ ئي جڏهن هتيارا بڻجي ويا ته هو به ويچارو ڇا ڪري؟

ڪنهن کي پئسي جو سنتوش مليو، ڪنهن کي من جو سنتوش ءِ ڪنهن کي تن من جو سنتوش، ڪنيا-پٽ جي آس ٻلوان ٿي ويئي. ڌيءُ ٻلي چڙهي ويئي. ”ڏسجو هن دفعي پٽ ئي ٿيندو“. سس مانو-وڌ جي هن يگ جي پورڻ آهوتي ڏيندي چيو.

منگلا مورجهائجي ويئي. ايترن سالن ۾ جيترو سک ميري سگهي هئي سڀ پاڻي ٿي ويو. منگلا کي محسوس ٿي رهيو هو ته درشن به هن ڳالهه سان

ڏک پائي پنيان پيا. درشن جا پراڻ پکيرو اڏامي ويا هئا.

منگلا جا گوڏا سکي ويا. اکيون ڦاٽڻ لڳيون. زندگي هيئن پاسو مٽيندي، هن ڪڏهن سوچيو به ڪونه هو. پلا زندگيءَ جي سياهه پاسن جي باري ۾ ڪير سوچيندو به ڇو؟

رشم جي گهروارن ٻڌو ته هنن کي ڌڌڪو ٿي پيو. رشتي ٿيندي ئي حادثو ٿي ويو. هاڻي اڳتي رشتو نه ٽٽي وڃي. رشم جي مٿان منحوسين جو ٺپو نه لڳي وڃي. ائين ٿي ويو ته ڪير شادي ڪندو رشي سان.

من ۾ اُڀرندڙ مشڪلاتن جي انديشي سان گڏ هو ٽيئي جي بينڪ ۾ شامل ٿيا. واپس وڃڻ لڳا ته منگلا هنن کي چيو.

”توهان جي ڌيءُ اسان جي ڌيءَ ٿي چڪي آهي هنن خود هن کي پسند ڪيو هو. هون به ڌيئرون ڪڏهن منحوس ڪونه ٿينديون آهن. وقت جا ڦيرا هر هڪ کي سهڻا پوندا آهن. توهان بي چنتا ٿي ڪري وڃو. بس ٿورا ڏينهن نارڻا پوندا“.

ڳالهه کي چوندي چوندي منگلا کي روئڻ اچي ويو. اکين جي آلاڻ ۾ پتيءَ جي موت جو غم به هو هڪ ڌيءَ کي هن جو حق ڏيڻ جو گرو به هو. درگا پاسي ۾ ويٺي هئي. هن ماءُ جي ممتا ۽ عورت جي مهانتا کي گڏوگڏ ڏٺو.

ڇهه مهنا گذريا ته سادگيءَ سان رشي ۽ مهيش جي شادي ٿي ويئي. شادي ٿيڻ جي هڪ سال کان پوءِ منگلا کي ٻٽي خوشي ملي. هوءِ ڏاڏي به ٿي ويئي ۽ ناني به. درگا ۽ رشم، ٻنهي کي ڌيئرون ڄايون. منگلا اعلان ڪيو ته هو ٻنهي جي نامڪرڻ سنسڪار کي زور شور سان ملهائيندي.

اها ڳالهه رشي کي پسند ڪونه آئي. پنهنجي گهوٽ کي چيائين اسان جي ڌيءَ جو نامڪرڻ ٿئي. خرچ اسان جو. موج مائٽن درگا جي ساهري وارا.

مهيش جي من ۾ پنهنجي پرائي جا ٻج پوکڻ جي رشم جي ڪوشش ناڪامياب ڪونه ٿي. پنهنجي پرائي جو ٻج وڻ وڌڻ لڳو. رشم کاڌ-پاڻي سڀ وقت تي وجهندي رهي.

ننهن پٽ جي هن رک منگلا جي من ۾ مونجهه پيدا ڪئي. پر هن کي پنهنجا وچن ۽ درشن جون ڳالهيون ياد آيون. رشي کي ڌيءَ سمان رکڻ جو واعدو ياد آيس. هوءِ چپ رهي.

منگلا جي خاموشي ڏسي رشم جي همت وڌندي ويئي. منگلا هن کي

جو پڇتاءَ، اَجنمي ڌيءُ واسطي، منگلا جي الڳاڻ ڪنهن کي خبر.

منگلا جو پٽ مهيش پيءُ جو ڏنڊو سنڀالڻ لڳو. درشن پٽ جو سات

پائي جوان ٿي ويو. ڏنڊو وڌندو ويو.

درشن کي منگلا تي ڪياس اَچڻ لڳو هو. منگلا ڪم ڪندي

هاڻي ٿڪجڻ لڳي آهي. هن کي اِهو اَحساس به ٿي رهيو هو. منگلا کي هاڻي

ننهن جي ضرورت آهي. درشن مهيش جي رشتي جي ڳالهه ماڻهن سان ڪئي

ڳالهه ڪڍڻ جي دير هئي، رشتا اَچڻ لڳا. سٺي گهر جو ڇوڪرو سو به اِڪلوتو هو

سونهن ڏسي اکيون ٽڏيون ٿين. ڪافي ذميواري به نه بس جيئڻ ماءُ ماتا

سهڙو جهڙو ديوتا. اهڙي گهر ۾ رشتو ڪير نه ڪرڻ چاهيندو. رشتا ته گهڻي ئي

آيا. هڪ رشتو سيٺي ڪان وڌيڪ وڻندڙ هو، ڇوڪريءَ وارا ڪانپور جا هئا. بوٽن

جي وڏي فئڪٽري هئي. هنن کي به ٻه سنتانون هيون. ڌيءُ-پٽ رشم وڏي

هئي. پهرين شاديءَ ۾ اُسان دل کولي خرچ ڪنداسين. هن چيو

منگلا جواب ڏيندي چيو.

”جڏهن هي مونکي ٻنا ڪنهن گهر ۾ ڏيتي ليتيءَ جي ونڃي آيا ت

اَسان ٻلا پٽ جي شاديءَ ۾ خرچي جي ڳالهه ڪيئن سوچينداسين. نونهن ملي

ڌيءُ جهڙي بس“.

درشن به منگلا جي ڳالهه ۾ ڳالهه جوڙيندي چيو. مالڪ جي مهرباني

آهي. سڀ ڪجهه ڏنو اَٿائون. بس چاهيون ٿا ته جيئن منگلا اَچي ڪري گه

سنڀاليو هو، تئن رشما اَچي ڪري گهر سنڀالي. رشم جي پيءُ جواب ڏيندي

چيو، منهنجي رشم سشيل آهي، سياڻي آهي، پڙهيل ڳڙهيل آهي ۽ وڏي ڳالهه

ته هر گهرو هنر جي هن کي پوري پوري ٻوجهه آهي.

رشتو طئه ٿي ويو. ڪجهي سمسي به ورتائون. شاديءَ جي تاريخ طئ

ڪري، سيٺن ڪان ودائي ونڃي منگلا درشن ۽ مهيش موٽيا.

نيتيءَ اللئي چا منظور هو. سيٺن ڪان هوءِ ودائي درشن جي آخري

ودائي ٿي ويئي. ڪانپور ڪان موٽندي وقت ئي حادثو ٿي ويو. درشن ۽ ه

سيئي ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيا هئا. رات جو درشن ريل گاڏيءَ جي ڊبي جي

گيٽ جي پرسان بيهه ڪري، ڏند صاف ڪري رهيو هو. گيٽ تي بيني بيني

درشن کي جهٽڪو لڳو يان چڪر آيس، هو دروازي ڪان ٻاهر ڪري پيو. ٻه-ٽ

ماڻهون ٻيا به بينا هئا. شور مچي ويو. زنجير کينچي گاڏيءَ کي روڪايائون

ميڇيو وڃي.

رشم ۽ مهيش جي دل ڌڪ-ڌڪ ڪرڻ لڳي. ماءُ جيڪو چاهيو ڪري ويئي، هاڻي مڪان ۽ زمين ويئي هٿن مان.

درگا لفافو سيني جي سامهون کوليو. هوءَ پڙهڻ لڳي.

پياري درگا، مونکي ڪنهن سان به ڪائي شڪايت ڪانهي. مون جڏهن هن گهر ۾ قدم رکيو هو. مون وٽ منهنجي سنسڪارن جي الوا ڪجهه به نه هو. مون پنهنجي هنن سنسڪارن ۽ پتيءَ جي ساٿ جي سهاري، گهڻيئي خوشيون ماڻيون. اِلٽي ڪڏهن غلطي ٿي. شايد هو هڪ پاپ مونکان ٿيو جو مان ڪڪ ۾ پلجندڙ ڌيءَ کي موت جي هٿان بچائي ڪانه سگهيس. ماڻهن منهنجي اَڻ چائي ڌيءَ کي سنسار مان بي دخل ڪيو.

منهنجي پٽ مونکي جن شين کان بيدخل ڪيو، اُهي منهنجون شيون ڪونه هيون، پر جيڪو منهنجو آهي مان هن کان پنهنجي پٽ کي بيدخل ڪيان ٿي. اِهائي منهنجي وصيعت مڃي وڃي، منهنجيءَ وصيعت ۾ مان چاهيان ٿي ته.

(١) منهنجي اَرٿي منهنجي ڌيءَ جي گهران اُٿي.

(٢) مان پنهنجي پٽ کي هن حق کان بي دخل ٿي ڪيان. جنهن حق سان پٽ ماءُ کي ڪنڌو ڏيندا آهن.

(٣) مونکي مکاگن پنهنجي ڌيءَ ڏيندي، پٽ نه.

(٤) منهنجو پنڊدان به منهنجي ڌيءَ ڪندي، پٽ نه.

(٥) منهنجو پٽ نه ته منهنجي انتم ياترا ۾ شامل ٿيندو، نه مساڻن جي اَڇڻ جي هن کي اجازت ٿيندي. سڀ ٻڌندا رهيا. درگا پنهنجا ڳوڙها اُگهيا. هن جي گهوٽ هن کي اِشارو ڪيو. هن پنهنجو رئو پنهنجي ڪمري ۾ ٻڌو. پنهنجي گهوٽ سان ملي ڪري پنهنجي ماءُ جي آخري اِڇا پوري ڪرڻ جي تياري ڪرڻ لڳي.

===

بي مطلب جو بوجهہ لڳڻ لڳي. منگلا ننهن جون ڪارگذاريون ڏسندي رهي.
اِن طرح ٽي سال نڪري ويا. ڳوڙهن جون نديون وهائي سکن جي موسم موڪلائي ويئي. هڪ ڏينهن، جڏهن منگلا کي لڳو تہ سور آسماءَ تي ويا آهن. هن ننهن پٽ کي گهرائي چيو.
”جڏهن من پنڪل لڳي تہ رشتا ڪونہ نيندا آهن. شايد منهنجيءَ زندگيءَ ۾ جيترو سک هو، پورو ٿي ويو آهي مان توهان جا سک چو خراب ڪيان. مون فيصلو ڪيو آهي تہ منهنجي پٽيءَ جو سڄو ڏنڊو مان تنهنجي نالي ۽ هيءَ مڪان ۽ زمين درگا جي نالي ڪري هردوار ويندس“.
اَڄ تائين پٽ، ماءُ کي ماءُ سمجهي پئي نہايو. اَڄ جڏهن ماءُ فيصلو ورتو تہ پٽ کي پنهنجا حق نظر آيا. هن خلاصو ڪندي چيو. ڏنڊا ۽ هي سڀ مڪان، زمين مان بابا جي موت کان پوءِ پنهنجي سهري جي رايہ وٺي توهان کان سائين ڪرائي پنهنجي نالي ڪري ڇڏيا هئا. قانون جي مطابق درگا کي ڪجهہ بہ نہ ملي سگهندو. ها توهان جيسين چاهيو تيسين تائين هن گهر ۾ رهي سگهو ٿا. رشم سان ٿورو ٺاهي هلو تہ بهتر.
شاباش پٽ شاباش. تنهنجيءَ ڏاڏيءَ جنهن وارس جي ڪامنا ڪئي هئي، اَڄ سچ پچ ۾ اُهو وارث بڻجي ويو آهي. تنهنجي ڌن دولت توکي مبارڪ، پر مونکي روڪڻ جو حق بہ هاڻي توکي ڪونهي.
اِهو چئي منگلا گهر ڇڏي هلي ويئي. ماڻهن گهڻو ئي سمجهايس. ڪورٽ ۾ ڪيس ڪرڻ جي صلاح ڏنائونس پر هن صاف چيو. مان جڏهن هن گ هر ۾ آئي هيس تہ ڇاڪٽي آئي هيس. جيڪو مليو هتان مليو، هتي ئي ڇڏڻو آهي. مونکي ڪجهہ بہ ڪونہ کپي.
درگا گهڻيئي منٿون ڪيس تہ تون هن جي گهر ۾ هلي رهہ، پر هن صاف منع ڪري ڇڏيو. هردواروچي رهڻ لڳي هڪ ڪونيءَ ۾. ٿورو وقت مس گذريو هوندو. درگا کي ڪنهن خبر ڏني تہ منگلا جو آخري وقت اَچي ويو آهي. هو پنهنجي گهوٽ سان گڏ هردوار پهتي.
مهيش کي پتو پيو تہ هو بہ رشي کي وٺي پڳو تاکي ماءُ کي آخري وقت تي ڪندو ڏيڻ جو فرض پورو ڪري وٺي، نہ تہ دنيا ڇا چوندي.
منگلا موڪلائي ويئي، موت جي وقت درگا موجود هيس. هن کي لفافو ڏيئي ويئي ۽ چئي ويئي. هيءُ لفافو منهنجي وصيعت جو ڪاغذ

هئا، جن لاءِ جيل کيل جو ميدان ٿيندو آهي. سڄي رات ۽ جيل ۾ کل مسري تاش ۽ جوا هلندي رهي. هنن جو اَنتهاش ڀَڪهليل لوهي جيئان سوهن جي ڪنن ۾ گهسي رهيو هو. تڪليف جي آزمودي ۽ مشڪالتن جي اَنديشي جي پيشي ۾ هو جڻ سري ويو هو.

نيٺن ۾ ڏپ هجن تہ ننڊ ڪيئن ايندي. سوهن سڄي رات اکيون ٻوٽي جاڳندو رهيو. ڏاڍ ڏکيا ٿيندا آهن زندگيءَ جا اِهي ڪن پل.

صبح جو پوليس وارا گاڏيءَ ۾ پيري سيني سان گڏو گڏ سوهن کي بہ عدالت ۾ وٺي ويا. هنن سان گڏ بينا هئا. ضمانت ڏيڻ وارا گواهي ڏيڻ وارا ۽ وڪيل. سوهن جي اللوا سڀ خوش نظرپئي آيا. ڪائي چنتا، ڪم، پريشاني ڪجهہ بہ ڪنهن جي مک تي نظر ڪونہ پئي آيو.

پيڙ ۾ سيني کان الڳ مايوسيءَ جي چادر ۽ سوهن هڪ ڪنڊ ۾ اوڪرون تي ويٺو هو. پراڻي ڦاٽل خميس، چتي لڳل پتلون ۽ ڦاٽل ڪپڙي جو بوٽ، جنهن جا پئي پادر الڳ الڳ قسم جا. اکين جي دشا ۽ ڳاڙهي رنگ رت لڳي جو ثبوت ڏيئي رهيا هئا. عدالت جي هن وراندي ۾ تڪي اُس هئي. اُس جو ڪلوپن سيني کي تپائي رهيو هو. هسوهن کي اُس کان وڌي تاپش تي رهي هئي ڏپ جي. چنتا جي ٻانهن چئني طرفان هن کي گهري رکيو هو.

هن کي سيني کان وڌيڪ چنتا هئي پنهنجي ڏهاڙيءَ جي (روزاني محنتاڻي). اگر سڄو ڏينهن ڪورٽ ڪچهريءَ ۾ گذري ويو تہ هو ڪم ڪيئن ڪندو. ڪم نہ ڪندو تہ ڪمائي ڪٿان ٿيندي. ڪمائي نہ ٿيندي تہ گهر ۾ چلهہ ڪيئن ٻرندي. چلهہ نہ ٻرندي تہ سيني کي بکيو سمهڻو پوندو.

خير سوهن کي تہ عادت ٿي ويئي هئي بکيو سمهڻ جي. هن جي زال بہ مهني ۾ ڏهن ٻارهن ڏينهن مجبوريءَ ۾ ورت رکندي هئي. پر هن جي ڪملا ڇا ڪائيندي.

سوهن کي پتو هو تہ ڪملاڪان بک برداشت ڪانہ ٿيندي اهي. ڪملا جي بک الڳ ۽ عجيب ڪسم جي هئي، ڪڏهن اکيلي ڪانہ ايندي هئي. جڏهن بہ ايندي هئي تڏهن پنهنجيءَ ساهڙيءَ گهبرائٽ کي سان ڪٺي ايندي هئي.

ثبوت

سوهن حاضر تي. عدالت جي وراندي ۾ آواز گونجيو. ٽيهن-پنجٽيهن ماڻهن جي ڀيڙ مان هڪ ڄڻو ٻاهر نڪتو ۽ آواز جي طرف وڌيو. هڪ ڪمري جي دروازي تي وڃي بيٺو. اُهو ڪمرو جج جو هو. ڪمري جي دروازي تي بيٺل چپراسيءَ هن کي روڪيندي ڪڙڪ آواز ۾ پڇيو.

تون آهين ڇا سوهن؟ هن جي ڪڙڪ آواز ۾ ڊُرتا جو رنگ شامل هو.

ها سائين! مان ئي آهيان سوهن. چئي ڪري سوهن اڳيان وڌڻ لڳو تہ چپراسيءَ هن کي ٻاهر ڌڪيندي چيو.

هاڻي ڪيڏانهن ٿو وڃين. تنهنجو نمبر تہ اَڃا ڊي. عادتن هڪ ڳار بہ هن جي وات مان نڪتي.

سوهن هڇڪي ڪري هتي ئي ويهي رهيو. آسي پاسي بيٺل ماڻهن جي ڀيڙ کي ڏسڻ لڳو. هيءَ ڀيڙ هنن ماڻهن جي هئي جن کي گذريل رات پليس شهر جي وسيعيت مو دنگو ٿيڻ کان پوءِ شڪ جي آڌار تي گرفتار ڪيو هو.

گذريل رات بستيءَ ۾ ٿيل دنگو (فساد) صبوح جو اخبار جو هيرو بڻجي ويو هو چار ڄڻا سڙي ويا، بہ ٻار پنج مايون ۽ چار مڙد ڪل يارهان ڄڻا زخمي ٿيا. ڪجهہ ٻين ماڻهن کي هلڪا-ڦلڪا ڌڪ بہ لڳا. قسمت سان پوليس مهڪمي جو گشتي دل موقعي تي پهچي ويو. هن ڪري دنگي تي قابو ٿي سگهيو. پوليس دنگي ڪري جي آروپ ۾ پنجويهن ماڻهن کي گرفتار ڪيو ۽ جيل ۾ وڌو، اَڄ سيني جي پيشي ٿيندي.

گرفتار ٿيڻ پنج ويهن ماڻهن ۾ سوهن بہ شامل هو. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ هڪ رات گذارڻي پيئي هئي سوهن کي. هو ڪوٺڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ هيسيل چپ چاپ ليٽيو پيو هو سڄي رات. ٻگهڙن جي وچ ۾ هيڻن ڪوئي سهو ڦاسي ويو هجي. اکيون ٻوٽي پنهنجن گوڏن کي پيٽ سان چيڪائي سمهڻ جي انڪٽنگ ڪندو رهيو هو سڄي رات.

ڪوٺڙيءَ ۾ هن کانسواءِ باقي سڀ جهونا اَپراڌي ۽ گوري قسم جا ماڻهون

بيٺو رهيو. ڪارڻ اِهو تہ ٻاهر جي ڪلي اُس ۾ اوسات مان نڪري ڀِرين دفعو هو اَهڙي ڪمري ۾ گهڙيو هو، جيڪو ڪولر جي ٿڌي هوا سان ڀريل هو. جيئن ڪنهن ماڻهون کي ٿار جي ريگستان مان ڪڍي سڌو ماشرووا جهيل ۾ ڦٽو ڪري ڇڏجي، سوهن جي بہ ساڳي حالت ٿي ويئي هئي.

سوهن کي هوش تہ تڏهن آيو، جڏهن مئجسٽريٽ جي چپراسيءَ هن جي ڪن جي پاسي ۾ پنهنجو منهن ڪري چيو.

اڙي بيوقوف! ڇا ٿو ڪرين؟

سوهن هبڪي ويو. پاڻ کي سنڀالي ورتائين. هٿ جوڙي وري ڪنن کي هٿ ڇهائي معافي ورتائين.

سامهون واري مخمولي ڪرسيءَ تي مئجسٽريٽ ويٺو هو. هن جي پاسي ۾ بيٺو هو، وڪيل، هڪ جوان ڇوڪرو، بہ گنڊن سريکا ماڻهون.

اڙي هي تہ شيرو ۽ گوپو آهن. سوهن ٻنهي گنڊن جهڙن ماڻهن کي سڃاڻي ورتو. اِهي ٻئي ئي تہ دنگا ڪرائيندا آهن. بستين ۾، سوهن کي ياد آيو.

اَڃان تائين سيئي هن کي گهوري رهيا هئا. هن وري پنهنجا هٿ ڪنن تي لڳائي ڪري چيو.

معافي حضور.

سيني ٻڌو ۽ عجيب طرح سان منهن کي ڦيرو ڏنو. ڪملا بہ تہ روز صبوح جو اِن طرح منهن ناهيندي آهي. سوهن کي ياد آيو.

روز صبح جو ڪني نالي جي ڪناري وهٽو پوندو هو هن کي. آسي پاسي ۾ ڦهليل ماڻهن جي وسنا، مکيون مڇر موقعي جي تلاش ڪندا. سوئر پاڻيءَ جي بوتل رکڻ جي جڳهہ بہ ڪان ملندي هئي.

بابا هن کان تہ نرگ بہ سٺو هوندو. ڪملا اڪثر هن ئي سوال پڇندي هئي.

بابا ستيءَ ۾ پڪو ڪاڪوس ڪڏهن نهندو؟ توهان تہ وڏا آهيو. سوئرن کي پڇائي ڇڏيو ٿا. اَمان ۽ مونکي تہ هر گهڙي اُٽو پوندو آهي. بابا پڪو ڪاڪوس ڪڏهن نهندو بستيءَ ۾.

بک ۾ ڪملا ترينديون هئي. ننڊ ڪانه ڪري سگهندي هئي.
رات ڀئي پاسا وراينديون هئي. سوهڻ سڄي رات پنهنجي ڏيءُ کي
ورائيندي ڏسندو رهندو هو. هن جو مٿو پنهنجن هڏن سان سهلائيندو
هو. اڄ ٻه ڪملا سمهي ڪانه سگهندي. ڪير سهلائيندو هن جو مٿو؟

سوهڻ هن ڳالهه کي ٻلڻ جي گهٽيئي ڪوشش ڪئي پر ڪملا
شڪل هن جي اکيان گهمندي رهي. گڏ اچي بيٺو هو. ڪورٽ ڪچهريءَ
ڊپ. هن ڪورٽ ڪچهريءَ مقدمي جي باري ۾ ٻڌو ته گهڻوئي هو. اڄ
رهيو هو. هر گهڙي سوچي رهيو هو. الائي ڇا ٿيندو؟

ڪورٽ ۾ ضمانت ڏيڻي پوندي آهي. سچائي ٻڌائڻي پوندي
ڪير ڏيندو هن جي ضمانت؟ ڪيئن ٻڌائيندو هو پنهنجي سچائي؟
ڇڏائيندو هن مقدمي کان؟ نه ڪوئي وڪيل آهي، نه ڪوئي گواهه؟

ٻاهر آهي تڪي اُس ۽ اندر ۾ چنتا ۽ ڊپ جي باهه سوهڻ جو
انگوڇو به ٻلا ڪيتري دير پسينو اُگهي سگهي ها؟ تار تار ته پهرين ئي ٿي
هو.

سوهڻ حاضر ٿي. چپراسيءَ وري آواز ڏنو.

هو اُٿي بيٺو هن جو انگوڇو پٽيان ڪري پيو. انگوڇو کڻڻ واسطي
پٽيان مڙيو ته هن جي نظر سامهون بيٺل ماڻهن جي هجوم تي وڃي اٽڪي
ڪجهه گندا قسم جا ماڻهون سوهڻ کي ڏسي مشڪي رهيا هئا.

اِهي گندن سريڪا ماڻهون گذريل رات هن سان گڏ جيل ۾ به هئا. هن
ڪلڻ سڄي پچ تيجابي ڪلڻ هو. ڏسڻ واري کي سموچو ساڙڻ وارو. سوهڻ پنهنجو
منهن فيري ورتو ۽ جهٽ ڪمري ۾ گهسي ويو. ڪمري ۾ گهسندي ئي سوهڻ
زبردست ڇڪ اچي ويئي. ڪمري ۾ ويٺل مئجسٽريٽ بيٺل وڪيل ۽
ٽي ماڻهو هن کي گهوري ڪري ڏسڻ لڳا.

سوهڻ کي ڇڪ اُچانڪ آئي هئي. ڇڪ کي روڪڻ ۾ ڪامياب
ڪامياب ماڻهون به ناڪامياب ٿي ويندا آهن. پوءِ ٿي ته ويچارو سوهڻ
ناڪامياب ماڻهون. هن کي ته ساري ڇوڻ به ڪونه ايندو هو.

سڄ ٻڌائجي ته ڇڪ اُچڻ ۾ سوهڻ جو ئي ڪسور ڪونه هو.

وندا. چوويهہ ڪلاڪ نشي ۾ ڌت رهندا آهن. وڏيون وڏيون گاڏيون هنن کي بستيءَ مان وٺي ويندڀون آهن. هو بئي منتريءَ جا خاص ماڻهون آهن تڏهن تہ خاص ماڻهن جي ضمانت واسطي خاص ماڻهون مڙيا آهن. دنگو بہ ضرور هنن ڪرايو هوندو. سوهن سوچڻ لڳو.

پر هنن جي تہ وڏي سڃاڻپ آهي، هيءَ تہ ڇُٽي ويندا. هنن جي ضمانت بہ ٿي ويندي. مان ڪيڏانهن ويندس. مونکي ڪير ڇڏائيندو؟ اِهو سوال وري سوهن کي وري پريشان ڪرڻ لڳو. ٿڌي ڪمري ۾ بہ سوالن جي گرمي وڌڻ لڳي. سوهن کي پسينو اَچڻ لڳو.

هو سوچڻ لڳو تہ هن وٽ ڪجهہ بہ ڪونہ آهي، نہ وڪيل نہ پهچاڻ پتر، نہ راشن ڪارڊ، نہ متداتا پتر.

راشن ڪارڊ نهيا تہ هئا. ڪڏهن ڪڏهن هن جي گهرواري گاسليٽ وٺي بہ ايندي هئي. ڪڏهن مٽيءَ جهڙي ميري کنڊ بہ ملندي هئي. ٿورا ڏينهن پهرينءَ جي ڳالهہ آهي. هن جي زال هڪ ڏينهن هن کي ٻڌايو هو تہ راشن ڪارڊ بہ دڪاندار پاڻ وٽ جمع ڪري ڇڏيندو آهي.

دڪاندار ڇو جمع ڪيو آهي راشن ڪارڊ، سوهن کي ٿورو غصو اَچي ويو هو. جوٽس جواب ڏيندي ٻڌايو هو تہ دڪاندار چوي پيو تہ سرڪاري هفتيہ آيو آهي. راشن ڪارڊ تي راشن جون شيون رڳو هنن کي ملنديون جيڪو انڪامن ٽڪس (انڪم ٽيڪس) نہ ڏيندو هجي. هن جي گهرواريءَ کي اِهو اکر انڪامن ٽڪس چوڻ ۾ ڏاڍو زور آيو هو. چيائين. ماڙيو چوي پيو پنهنجي مرد کان هڪ ڪاغذ تي درخواست لکائي اَچجاءِ پوءِ توکي ڪارڊ تي ٺپو هڻي ڪارڊ موٽائي ڏيندس.

سوهن سوچڻ لڳو تہ هن جي گهرواري اَٺو درجو پاس هئي. انڪامن ٽڪس چئي ويئي. هو پاڻ تہ ٽيون درجو پاس ڪونہ ڪري سگهيو. هن کي ڇوٽو پيو تہ ڪيئن چوندو. هن اکر کي، ڪيئن اچاريندو؟

سوهن تڏهن پاڙيوارن جي صلح وٺي ڪاغذ تي پنهنجو اَنگوٺو لڳائي دڪاندار کي ڪاغذ ڏيئي ڇڏيو هو. تڏهن کان وٺي اَڄ تائين راشن ڪارڊ گم آهي، گڏوگڏ راشن وارو بہ دڪان کلي ها تہ ڪارڊ ملي ها.

ڪملا جي هنن سوالن جو ڪوئي جواب ڪونہ هوندو هو سوهن وٽ.

ٽي سال گذري ويا. ٽي سال پهرين پارشدن جون چونڊيون ٿينديون هيون. اُن وقت ڪجهہ نيتا آيا هئا بستيءَ ۾ منيون سٺيون ڳالهيون ڪري ويا هئا. جنهن جا پيٽ ڳالهين سان نہ پري سگهيا، تن کي دارونءَ جون بوتلون ڏيئي ويا. نہ ڪجهہ ٿيڻو هو نہ ڪجهہ ٿيو. بدبوءِ کي وڌڻو هو. بدلوَ جي گنجائش ڪونہ هئي. بدبوءِ وڌي ويئي، نيتا جيتي ويا. جيتي اِهڙا ويا جو موٽڻ جو نالو وسري وين.

توهان ڏيندا هنن جي ضمانت مئجسٽريٽ هن جوان ڇوڪري کان پڇيو. اَڃي ڪرتي پجامي ۾ هو جوان ڇوڪرو نيتا پي لڳو.

سوهن مئجسٽريٽ جي آواز ٻڌي ڪري پنهنجي ويچارن جي دنيا مان نڪري ڪري ٻاهر آيو.

وڪيل هڪ فائيل مئجسٽريٽ جي سامهون رکي.

مئجسٽريٽ فائيل ڏٺو، پنهنجو چشمو ٺيڪ ڪندي چيائين.

شيرو ۽ گوپو نالا آهن نہ هنن جا. ڇا ڪندا آهن. ڪجهہ اَهڙو ڪاغذ ڏيکاريو، جنهن سان هنن جي سڃاڻپ جو ڪوئي ثبوت ملي سگهي. راشن ڪارڊ يان مت داتا پتر. سرڪار تہ هاڻي سڀني کي پنهنجاڻ پتر ڏيئي ڇڏيا آهن.

وڪيل جواب ڏيندي چيو.

سائين منهنجا راجيش پائي آيو آهي. هنن جي ضمانت ڏيڻ. هي پنهنجي قانون منتريءَ جو سالو آهي. مان بہ چڱيءَ طرح سان سڃاڻان هنن ٻنهي کي. هي ٻئي سدائين وڏن ماڻهن جي وچ ۾ اُٿندا وهندا آهن. دنگي ۾ تہ هنن ٻنهي جو ڪوئي هٿ ٿي ئي نٿو سگهي سائين.

سوهن حيرانيءَ ۾ پئجي ويو. هوءِ ڪڏهن وڪيل کي تہ ڪڏهن شيرو ۽ گوپوءَ کي ڏسڻ لڳو. ڪيتري نہ چاپلوسي پريل هئي وڪيل جي زبان ۾. وڪيل جو وس هلي ها تہ هو مئجسٽريٽ کي سستانگ پيري پوي ها. ڳ الهائيندي ڳالهائيندي ڪيترو تہ اَيان جهڪي ويو آهي وڪيل. سوهن سوچڻ لڳو سورج مکيءَ جو گل تہ پلا سج ڏانهن ئي جهڪندو نہ. ۽ شيرو گوپو، ماريا گ

پيئڻ ۽ دنگو ڪرڻ بس اِهي ٻه ڪم ايندا آهن توهان جهڙن ماڻهن کي.
مئجسٽريٽ سوهن جي نبض پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندي چيو سچ سچ ٻڌاءِ تو لوهي جي چئن سان ڪنهن ڪنهن کي زخمي ڪيو هو؟

مئجسٽريٽ جي آواز ۾ رُوب وڌي ويو هو. آروپ غلط هو. سوَ آنا ڪوڙ. سوهن کان برداشت ڪونه ٿيو. هن جي طاقت موٽي آئي. هن صاف آواز ۾ مئجسٽريٽ کي جواب ڏيندي چيو.

نه سائين نه. مان ته شراب پيئندو ئي ڪونه آهيان. مان ته هٿ رڪشا هلائڻ وارو آهيان. صبح جو ڇهين کان رات يارهين-ٻارهين بجي تائين رڪشا هلائيندو آهيان. سائين صبح ۽ ڏينهن جو اِسڪولي ٻارن کي وهاريندو آهيان ۽ باقي وقت اسٽيشن تي.

مئجسٽريٽ جيڪو چيو هو هن کان اَلٽو جواب ڏنو سوهن. هن جواب ٻڌي، مئجسٽريٽ کي غصو اَچي ويو، هن سوهن کي وچ ۾ ٽوڪيندي چيو

پنهنجي رام ڪهاڻي بند ڪر. منهنجي سوال جو جواب ڏي. مونکي توکان پڇيو هو ته لوهي جي چئن سان ڪنهن کي زخمي ڪيو هو. پُليس وارن رپورٽ ۾ لکيو آهي ته هنن جڏهن توکي پڪڙيو هو تڏهن تنهنجي هٿ ۾ لوهي جي چئن هئي.

مئجسٽريٽ جو غصي ۾ ڀريل آواز ۽ دڙڪا ٻڌي سوهن گهٻرائجي ويو. هٿ ٻڌي چوڻ لڳو.

سائين لوهي جي چئن سان ته مان پنهنجو رڪشو ٻڌندو آهيان. روز رات جو هٿ رڪشي کي وڻ سان ٻڌڻو پوندو آهي. چوريءَ جو ڊپ ٿيندو آهي. مون رڪشو ٻڌوئي پي ته بستيءَ مان چيڪون آيون. ڪملا منهنجي اِڪلوتي ڌيءَ جي چيڪ ٻڌي مون کي صبر ڪونه ٿيو. مان رڪشا کي ڇڏي سڌو ڀڳس، چئن منهنجي هٿ ۾ هئي، اِن وچ ۾ پُليس مونکي پڪڙي ورتو.

مئجسٽريٽ جو غصو اَجان ٺڏو ڪونه ٿيو هو. هن چيو سني ڪهاڻي ٻڌائي تو. تون رڪشا هلائڻ وارو آهين نه؟ هل مونکي پنهنجو پهچان پتر ڏيکار. تنهنجو نه ته ڪوئي وڪيل آهي نه ڪوئي ضمانت ڏيڻ وارو، نه توکي ڪوئي سڃاڻي. مونکي نه تنهنجي ڳالهه تي ٽڪو به وشواس ڪونه ٿو اَچي.

متداتا ڪارڊ بہ نهيو هو. هڪ ڏينهن پورو ڪوني ڪرڻو پيو هو سوهن

هن جي زال کي. ڪجهہ نيتا سريڪا ماڻهون آيا هئا بستيءَ ۾. جيپن ۽ مني

بسين ۾ پري ڪري بستيءَ وارن کي وني ويا. وڏي لڳين لڳي هئي. هنن ج

فوٽو کنچايا هئا.

پارشدن جون چونڊون ٿيون تہ نيتا اچي ڪري متداتا ڪارڊ ورهائي

ويا ۽

گڏوگڏ سيني کي لڏن جا دٻا بہ ڏيئي ويا هئا. سوهن جي ڪارڊ تي فوٽو ت

سوهن جو هو، پر شڪل ٿوري منجي ويئي هئي. فوٽو ڏسي ڪمل زورسان کل

هئي. هن چيو هو

بابا توهان جو منهن آهي يان بانسي انڊو. ڏاڏي جو نالو پرهلاد ه

جيڪو پاد ٿي ويو آهي.

چونڊيون پوريون ٿي ويو تہ نيتا وري آيا، چيائون

توهان ڪارڊ ڇا ڪندا. گم ٿي ويندوَ. ڏند ڏيڻو پوندوَ ۽ وري ڪارڊ نه

ڏاڍو ڏکيو ٿيندو. ٿاڻي ۾ رپورٽ لکائڻي پوندوَ. اسان ڪٽي ٿا وجون، سنڀال

رکنداسين. ڪارڊ سان گڏوگڏ نيتا بہ گم ٿي ويا.

اڙي سائين منهنجا، توهان جي مهرباني، شيروءَ جو آواز ٻڌي سوه

سجاڳ ٿيو.

مئجسٽريٽ ڪان ضمانت جو آرڊر وني وڪيل، نيتا شيرو ۽ گوپو ٻا

نڪري ويا، ڪمري ۾ باقي بچيا ني ڄڻا. چپراسي سوهن ۽ مئجسٽريٽ

هل اڀيان چپراسي سوهن کي اڀيان ڌڪيندي چيو. سوهن پاڻ ک

سنڀالي نہ ها تہ سڌو مئجسٽريٽ جي مٿان وڃي ڪري ها. چپراسي پنهن

ڪم ڪري ٻاهر هلي ويو.

مئجسٽريٽ پهرين سوهن کي ڏٺو، وري هن جي فائيل کي. هن پڇ

ڇا نالو، سوهن هن کي پنهنجو آواز گهٽيل ۽ خشڪ محسوس ٿي رهيو هو.

مئجسٽريٽ بہ هن جي گهبراهٽ کي پڙهي ورتو. هن پنهنجو چش

هيٺ ڪري سوهن ڏانهن ڏٺو. سوهن پنهنجون اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون

هائي چو ٿو ڊڄين، دنگا ڪندي وقت ڊپ ڪونہ لڳو هئي ڇا؟ دا

سچائي

پارتيءَ جو رشتو پڪو ٿي ويو. اِها خبر ٻڌي ڪري پارتيءَ جو تن من رومانچت ٿي ويو. هي رومانچ ان سهرن کان الڳ هو. جيڪا هڪ خاص عمر ۾ اهڙن رشتن جي جڙڻ سان ٿيندي آهي.

پارتيءَ جو رومانچ تہ ننڍي عمر ۾ ڪنهن نئين شيءِ جي ملڻ تي ٿيڻ وارو رومانچ هو. شاديءَ جو جيڪو اَرٿ هن کي معلوم هو، اُن اَرٿ جي دائري ۾ شامل هئا. نوان نوان ڪپڙا، رشتيدارن جو جمگهٽ، ميهينديءَ جي خوشبوءِ، سڄي گهر ۾ سجاوٽ، رنگ رنگيلا بلب ۽ روشنيءَ جون ڪتارون. ڳوٺن ۾ ٻالپڻي ۾ ٿيڻ وارين شادين جهڙي هئي پارتيءَ جي هيءَ شادي.

پارتيءَ جي وڏي ڀيڻ موهني. هن شاديءَ جي خلاف هئي. هن جي خلافت جي وجهہ هئي، هن جي پنهنجي زندگي. ٻالپڻ ۾ شادي، بيروزگار گهوٽ ۽ ٻہ سنها سڪرا ٻار. هن جو پنهنجو شرير بيمارين جو گهر بڻجي چڪو هو، ڏکن جي اَٿاهہ سمنڊ ۾ درد جي طوفان ۾ اُلجهي گوتا کائيندي هن جي جيون روپي ٻيڙي جرجر بڻجي ويئي هئي.

اَهڙو جيون هن جي ڀيڻ کي ملي، اِها ڳالهہ سوچي سوچي هوءَ پريشان ٿي رهي هئي.

”مان خلافت ڪونہ ڪري سگهيس، پر پارتيءَ کي خلافت ڪرڻي پوندي“. هن من ئي من سوچيو.

موهنيءَ اِن ڳالهہ کي جيترو سوچيو، اوترو هن جو اِرادو پختو ٿيندو ويو.

موهني اَڄ تائين پنهنجي زندگيءَ جي هنن سياهہ سچاين کي پنهنجي من ۾ دٻائي رکيو هو. پر اَڄ سڀ سچايون کولي پنهنجيءَ ڀيڻ کي ٻڌائڻ جو وقت اَچي ويو هو.

اِهو سوَ في صدي سچ آهي تہ ڳوٺن ۾ ريتي رواجن جو ٻنڌن ۽ ساموهڪ پريوار جون ذميوارين ۽ مرياداٿون سيني کان مٿي شاديون آهن. هنن کي نوڙڻ

مونکي خبر آهي تہ توهان سيني کوڙ ڳالهائڻ ۾ اُستادي حاصل ڪري
آهي. تو جهڙا گهٽيئي ڪوڙا ايندا آهن، روز عدالت ۾ ڪوئي ثبوت هجي
تہ پيش ڪر. نہ تہ سزا ۽ جيل.

سائين! مون وٽ ڪوئي پهچان پتر ڪونہ آهي. غريب جي ڪه
سڃاڻپ حضور. مان غريب رڪشا وارو. منهنجي سڃاڻپ جو ثبوت تہ منهن
هي بہ هٿ آهن سائين! گڙگڙائيندي سوهن پنهنجا ٻئي هٿ مئجسٽري
جي اکيان کولي ڪٽي ڏيکاريا.

سوهن جون ٻئي هٿيليون ڇالن سان ڀريل هيون. هٿن جا ڇالا
جي سڃاڻپ هئا. بہ پڪا ثبوت. پڪا ۽ سچا گواهہ جن کي ڪنهن بہ وڪي
منتري ءِ جي رشتيدار جي ضرورت ڪانہ هئي. جن کي سڀ ڪجهہ چوڻ اي
هو. اهڙا ثبوت اهڙو پهچاڻ پتر. اهڙا گولاهن مئجسٽريٽ پنهنجيءَ زندگي
پهريون دفعو ڏٺا هئا.

مئجسٽريٽ جون اکيون پرجي آيون. مونکي محسوس ٿيو تہ ا
جي آلڻ چشمي کان ٻاهر اچڻ تي بيتاب ٿي رهي آهي. هن چشمو لاهي هي
رکيو ۽ پوري ڪوشش ڪري پنهنجي ڳوڙهن کي لڪائي ويو. هو آخر ڪار ن
جي ڪرسيءَ تي ويٺو هو. ڳوڙها نڪري اچن ها تہ نياءَ ڪيئن ٿئي ها.
پنهنجو پاڻ کي سنڀاليندي آديش ڏنو.

سوهن کي بري ڪيو ٿو وڃي.

سوهن جون اکيون پرجي آيون. ڪجهہ چئي نہ سگهيو، پر هٿ جو
نياءَ جي فيصلي جو سنمان ڪيو. هن جيڪو ٻڌو هو، سڀ غلط لڳو هن
نياءَ تہ سچ پچ سچي ماڻهوءَ جو ساٿ ڏيندو آهي. سوهن من ئي
مئجسٽريٽ کي پرڻام ڪيو.

مئجسٽريٽ بہ پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي ڪري ٻئي ڪمري ۾
هن کي پنهنجي اکين جي آلڻ اگهڻي هئي. هڪ نئين قسم جو سڪون م
هو ٻنهي کي. نياءَ جي مورتي مشڪي رهي هئي.

رهي نہ تہ سڄو ڳوٺ ۾ بدنامي ٿي ويندي“.

پارتيءَ کي رڻ اَچي ويو. اکين مان ڳوڙها نڪري آيس. هنن ڳوڙهن کي ڏسڻ وارو ڪير بہ ڪونہ هو. ڳوڙهن کي اُڃ جي طاقت تہ پارتيءَ جي پنهنجي هٿن ۾ بہ ڪانہ بچي هئي. هن هڪ دساهس ڪيو. پنهنجي شاديءَ جي باري ۾ پنهنجو فيصلو چئي ٻڌائڻ جو، پر هن دساهس کي هن جي پنهنجن ئي دفنائي ڇڏيو.

پارتيءَ جي شادي ٿي ويئي.

وداڻيءَ جي وقت موهنيءَ هڪ ڪوشش وري ڪئي. هن چيو ”پارتي، ڏيئرون تہ ٿينديون ئي آهن وداڻيءَ جي واسطي. جوان ٿيون نہ ٿيون، شادي ڪرائڻ گهر وارن جو پهريون حق ٿيندو آهي. شادي ٿيندي تہ پريوار بہ جڙندو. اَڄ بہ تہ سياڻي ٿي ٿيندا. پر توکي سمجهداريءَ همت سان ڪم وٺڻو آهي. جيستائين تنهنجو گهوٽ ڪجهہ ڏنڊو يان نوڪري ڪري ڪرڻ شروع نہ ڪري، تيستائين ٻارن جي پيدائش کي ٽارڻ ۾ ئي سمجهداري اَٿئي. مان تہ اڻ پڙهيل هيس. نہ سمجهہ. تنهنجي پيٽويي کي سمجهائڻ جي ڪوشش ئي ڪانہ ڪئي. تون اِها ڪوشش ضروري ڪندي رهجاءِ، لَلِ سائين توکي ضرور ڪاميابي ڏيندو“.

پيڻ جا چيل لفظ پارتيءَ جي ڪنن ۾ گونجڻ لڳ. سوچڻ لڳي تہ هن گهر ۾ هڪڙو شخص تہ هو، جيڪو هن جي باري ۾ سوچيندو هو. هن گهر ۾ تہ اللي ڇا ٿيندو هاڻي هن کي ٻئي گهر جو سواد بہ چکڻو پوندو. ٻک نہ هجي. ماني ڪاڻي پوي تہ مانيءَ ۾ سواد اَچي سگهندو آهي ڇا؟ هاضمو بگڙي ويندو آهي سو الڳ. شاديءَ جو مطلب تہ هن جي پيڻ هن کي سمجهائي ئي ڇڏيو هو. پر هاڻي پارتيءَ کي هن مطلب ۾ پنهنجي مقصد کي ڳنڍڻو هو. هوءَ پنهنجي من ئي من ۾ سهڻن اکرن جو گلدستو تيار ڪرڻ لڳي. هن گلدستي کي پنهنجي گهوٽ راجا جي اڳيان پيش ڪرڻ جي همت بہ هن ميڙي ورتي.

راجيش ڪمري ۾ داخل ٿيو. دروازو ڪليو ۽ بند ٿي ويو. ڪمري جي بتي گل ٿي ۽ پوءِ.... مُشڪل ڏهہ منٽ مس گذريا هوندا. هنن ڏهن منٽن ۾ پارتيءَ سان سڀ ڪجهہ ٿي ويو. پارتيءَ جو گلدستو پڪڙجي ويو.

وارو ڪوئي ورلو ئي ٿيندو آهي. ڏُساهسي.

آتم نربرتا ئي اِهڙي ڍال ٿيندي آهي جنهن جي سهاري هنن پرمپرائن ۽ ريتي رواجي جي حملي سان بچاءَ ڪري آتم نربره جي سک جو مزو وٺي سگهبو آهي. آتم نرنيه سان ئي وڌندو آهي آتم وشواس، جيڪو زندگيءَ کي ڪامياب بڻائيندو آهي.

موهني آتم فيصلي جو سواد ڪڏهن وٺي ڪونه سگهي هئي. پر هن جي ڀيڻ کي اِهو سک نصيب ٿي سگهي. هن مقصد کي من ۾ رکي ڪري هن پنهنجي زندگيءَ جي سچائيءَ جو ڪللسو پارتيءَ جي اڳيان ڪري ڇڏيو.

سچ سدائين ڪوڙو ٿيندو آهي. موهنيءَ جي زندگيءَ جي چتر ڏسي ڪري پارتيءَ جو سڄو رومانچ ڪافور ٿي ويو.

موهنيءَ پارتيءَ کي چيو.

”ڏس پارتي! مان ته شروع کان ئي ڪمزور رهيس. پنهنجي من جي ؟ الهه ڪڏهن به ڪنهن کي چئي ڪونه سگهيس. توهان اَمان کي چئي ڏس. ٿي ٿو سگهي ته تنهنجي هيءَ همت تنهنجي زندگيءَ کي برباد ٿيڻ کان بچائي سگهي“.

موهني جي اکين مان وهندڙ ڳوڙهن کي اُهندي پارتيءَ چيو“. مان چپ ڪانه رهندس“.

پارتيءَ پنهنجي اندر جي سڄي همت کي ميڙي، من کي مضبوط ڪري ماءُ جي اڳيان ڪولي چئي ڏنو.

”مان شادي ڪانه ڪندس. مان اڃان ننڍي آهيان. منهنجو گهوٽ بيروزگار آهي“.

تڙڪ زوردار آواز آيو.

اِهو آواز هن چماٽ جو هئو، جيڪو پارتيءَ کي همت واري فيصلي جي جواب ۾ مليو. پارتيءَ جي پيءُ فيصلو ڏنو.

”پنهنجي ڌيءَ کي سمجهائينس. هوءَ اَسان کي بدائيندي چا ت شادي ڪڏهن ۽ ڪنهن سان ڪرڻي آهي“؟

”هن زور ڏيندي چيو ڌيان رکجاءِ پارتيءَ جي ماءُ، اِها ڳالهه گهر ۾ ئي

پيارينديي آهي. پي ماکي چتائيندو آهي پوءِ ماءُ تيڄ ڏينديي آهي.

پارتيءَ جي بي چئني وڌڻ ويئي. پارتيءَ جي اِها بيچيني بي سبب ڪانه هئي. سهڻيون سهڻيون نيريون اکيون وڏيڪ وقت ماءُ کي نهاري ڪونه سگهيون. هميشه لاءِ بند ٿي ويون.

پارتيءَ جي اکين جا ڳوڙها سڪي ويا. پر نيريون اکيون هن جي اڳيان گهمڻ لڳيو. هر هر سوال ڪرڻ لڳيون.

مونکي زنده رکڻ جي طاقت توهان وٽ ڪونه هئي ته پوءِ مونکي پئدا ڇو ڪيو؟ ڇو پئدا ڪيو؟ ڇو... ڇو....؟

ٻارکي ڳڏاري مس هڪ مهنو ٿيو هو. گهر جي ڪمن کي پورو ڪري پارتي وڃي سمهي پيئي. ننڊ ۾ هن محسوس ڪيو ته ڪوئي هن جي بدن کي ڇهي رهيو آهي. پارتي سوچيو ته ڪوئي برو خواب آهي.

پارتي جنهن کي خواب سمجهيو، اَصل ۾ اها حقيقت هئي. هوءَ ڪجهه چئي سگهي. هن کان پهرين هن جي گهوٽ پنهنجو پتي ڌرم پورو ڪري ورتو.

هن ”پتي ڌرم“ کي روڪڻ جي همت ته شايد شهر جي پڙهيل زالن ۾ به ڪانه ٿيندي آهي، پوءِ پارتيءَ جي ڇا مجال، هوءَ ته ڳوٺن جي رهاڪو هئي.

بس هوءَ ايترو چئي سگهي. هڪ به سال انتظار ڪري سگهو ته مهرباني. وري ٻار پئدا ڪرڻ جي همت منهنجي شرير ۾ ڪانه آهي.

نڙاڪ زوردار آواز ٿيو.

اِهو آواز هن چماٽ جو هئو، جيڪا پارتيءَ کي اينعام بطور پنهنجي گهوٽ کان ملي. ٻيو اِنعام. پهريون اِنعام پيءُ جي هٿان ۽ ٻيو گهوٽ جي هٿان هن کي مليو.

چپ چاپ سمهي پوَ. وڏيڪ ڳالهائڻ لڳي آهين تون ٻارکي روڪڻ پاپ ٿيندو آهي. شهر وارا پلي ئي چاهين ته هي پاپ ڪن مان ته ڪونه ڪندس.

مڙس جو دنپ ڳالهائي رهيو هو. زال جي چپي ٻڌندي رهي. پارتيءَ

شاديءَ جو مطلب اِهو ئي ٿيندو آهي؟ هن سوال جو مطلب ڪنهِ
ڪان پڇي پارتي؟ راجيش تہ سڀ ڪجهہ ڪري پاسو ورائي سمهي پيو. نئي
زندگيءَ جي شروعات ٿي ويئي. پنهنجي جيون جي باري ۾ پاڻ فيصلو و
جي. ہي ڪوشش بہ ناڪامياب ٿي ويئي پارتيءَ جي.

هن ناڪاميابيءَ جو جشن ملهائڻ جي تياري ٿيڻ لڳي گهر ۾ نون
پيٽ سان آهي. تہ منهن ڪان پوءِ سيني واڌايون ڏنيون.

پارتيءَ جي من تي رکيل بوجهہ ڪنهن کي بہ نظر نہ آيو.

موهنيءَ پارتيءَ کي سمجهايو. جيڪو ٿي ويو هن کي ڀلجي وڃ
ئي پٽي. ”جيڪو ٿي رهيو آهي هن کي سنڀالڻ جي ضرورت آهي“.

”تنهنجي عمر ننڍي آهي. ننڍي عمر ۾ ٻارکي پيدا ڪرڻ زوخم
ڪم آهي. توکي وڏي اِسپتال ۾ ڪنهن سٺي ڊاڪٽرکي ڏيکارڻ کپي“.

پارتيءَ جي سس اِها صلاح ٻڌي ڦاٽي پيئي، ”اَسان بہ تہ اَٺ-اَٺ
ڄڻيا آهن. سڀ ڳوٺ ۾ ئي تہ ڄڻيا. ڪهڙي ڊاڪٽرکي ڏيکاريوسين“.

گهروارن جي هن مرضيءَ اڳيان ڪنهن جي نہ هلي سگهي. پارتيءَ
ڊليوري ڳوٺ ۾ ئي ٿي. ٻارکي ٻاهر اچڻ ۾ پورو هڪ ڪلاڪ لڳو. ڊپ جي ڪ
پارتي بيهوشيءَ جي حالت ۾ پهچي ويئي. هن کي هوش ۾ آڻي ٻارکي ٻ
ڪينچڻ جي ڪوشش ۾ پارتيءَ جي شريرکي ڪيترو نقصان پهتو، ڏسڻ
ڪير بہ ڪونہ هو. سيني جو ڌيان ٻارجي سونهن تي هو. پٽ جي آس پهر
دفعي ۾ ئي پوري ٿي ويئي هئي.

پارتيءَ جو من چوي پيو تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ غلط ٿيو آهي، ٻار
ڪنهِ ڊاڪٽرکي ڏيکارڻ گهرجي.

پارتيءَ جي من جي ڳالهہ من ۾ ئي دٻجي ويئي. گهر وارن ٻار
پنهنجي رواج موجب گهڻي پياري پوءِ هن کي پارتيءَ جي اڳيان سمهاريائ

پارتيءَ گهڻيئي ڪوشش ڪئي تہ ٻارکي ماءُ جي ٿڃ جي اَلوا ڪ
نہ ملي. پر هن ڪوشش جي جواب ۾ هن کي تانا ٻڌڻا پيا“. اِسڪول
ڪتابن ۾ لکيل ڳالهيون اسڪول جي اِمتحانن جي ڪم جون ٿينديون آ
اِسان جي ڳوٺن ۾ تہ رواجي آهي. ٻارکي سيني ڪان پهرين هن جي ڏاڏي

پارتي پنهنجن حقن کي حاصل ڪرڻ لڳي. هن راجيش کي ڪليو چئي ڏنو تہ پلڪ جي اِسڪول وڃڻ تائين هوءَ ٻئي ٻارکي ڪانہ ڇڏيندي.

گهر ۾ پارتيءَ جي هن فيصلي تي ڏاڍو هنگامو ٿيو. سس-سهري، پاريوارن
گهڻيئي طرڪ ڏنا. ڪل کي تارڻ واري ڪُل ديپڪ جون ڳالهيون ڪيون، پر پارتيءَ پنهنجي همت جي روشنيءَ جي سهاري سڀني سوالن جا جواب ڏنا.

پارتي روز پلڪ کي سنان ڪرائي، تيار ڪرائي کيت ۾ ويندي هئي. هڪ ڏينهن هوءَ کيتن ۾ ويئي تہ هن جي وڃڻ کان پوءِ هڪ درگهٽنا ٿي ويئي.

پلڪ ۽ پلڪ جي ڏاڏيءَ کان سواءِ گهر ۾ ڪير بہ ڪونہ هو. ڏاڏيءَ کي ننڊ جو جهونڪو اَچي ويو. پلڪ گهر کان ٻاهر نڪري آئي. هن جي هٿ ۾ هڪ بال هو. ايتري ۾ گهر جي سامهون هڪ ماڻهون آيو. پنهنجي موٽر سائيڪل دروازي جي پاسي ۾ بهاري ڪنهن ڪم سان گهر جي اَندر هلي ويو. پلڪ بال سان کيڏڻ لڳي. اَچانڪ بال هن جي هٿ مان ڇڏائجي ويو. بال لڙڪندو لڙڪندو موٽرسائيڪل جي پٺيي وٽ وڃي اَنڪي بيٺو. پلڪ بہ بال جي پٺيان پٺيان هلندي موٽرسائيڪل جي پاسي هلي ويئي. بال کي کڻڻ واسطي هن جو هڪ هٿ سڌو وڃي موٽرسائيڪل جي سائلينسر تي پيو. سئلينسر گرم هو. پلڪ جو هٿ ڪومل. پلڪ جو هٿ سڙي ويو. هوءَ زور زور سان روئڻ لڳي. هن جي روئڻ جي آواز تي ڏاڏيءَ جي ننڊ کلي ويئي. هوءَ اُٿي ڪري ٻاهر آئي.

هن ايندي شرط هڪ چماٽ پلڪ کي هنئي ۽ هن کي ٻانهن کان پڪڙي اَندروني ويئي. ڏاڏيءَ هن اَبوجهہ ٻالڪا کي درڪا ڏيندي چيو.

تون تہ پنهنجي ماءُ وانگر تيز ٿي ويئي آهين. موقعو مليو ۽ ٽنگ ڳ
هر کان ٻاهر.

ڏاڏيءَ جي چماٽ ۽ زور زور سان ڳالهائڻ ٻڌي ڪري پلڪ پنهنجي هٿ جي جلن کي لڪائي ورتو. هن جو جيڪو هٿ موٽرسائيڪل جي سائلينسر سان سڙي ويو هو. هن هٿ کي پلڪ زور سان دٻائي بند ڪري ڇڏيو. آڱرين جو جليل حصو ۽ هٿيلي پاڻ ۾ چپڪي ويون.

ڏاڏيءَ کي پنهنجي پوٽيءَ سان بلڪل بہ لڳاوَ ڪونہ هو. هن ڪري

پوءِ ٿن مهنن كان پوءِ كي چپ رهڻو پيو. گهوٽ پنهنجي فرض ادائگي كندو رهيو.
گهر ۾ وري واڌايون ڏيڻ وارا اَچڻ لڳا.

ڪجهه هن كي گهٽيئي ڪجهه ڪري چڪي هئي. پارتي گهڻو ڪجهه سهن
گهوٽ سهڻ ڪرڻ جي عادت پئجي ويئي هئي. پيءُ جي گهوٽ جي چمات گهوٽ
جو طرفان روز ٿيندڙ كوئنس (بلاتكار) جا ئي سوري بارجي موت، من جي مسيءَ
ڪجهه دتكار سس جا تانا، پاريوارن جي كن پرائيءَ جون عادتون ۽ گهٽيئي
شروع پرهاڻي پارتيءَ جي پيٽ ۾ پلجندڙ پنهنجو بارتي ڏيان ڏيڻ
كان كري ڇڏيو هو. هوءِ گهر وارن كان لكي كري هڪ مشهور ليڊي ڊاڪٽر
كي پهنجي جاچ كرائي آئي هئي. بارجي سلاميتءَ جي چنتا هن جي ڊپ
هن هٽائي ڇڏيو هو. هن همت ٻڌي كري پنهنجن ساهرن كي ٻه چئي ڏنو ته
دفعي بارجي سنڀال (پئدائش) ڊاكٽر جي سنڀال ئي كرائيندي.
ٻ پهرين بار جي موت جو ڊپ پارتيءَ جي سس-سهري جي من ۾
سمهايل هو. پلي ئي مٽي من سان. هنن پارتيءَ جي ڳالهه جي ٿوري خلافت
كئي، پر جيت آخر پارتيءَ جي ٿي. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو جيت جو سواد
چكي سگهي هئي. پارتي. پارتيءَ كي هن دفعي ملي سهڻي ۽
تندرست ڌيءُ. ڌيءُ جون نيريون اکيون ڏسي كري هن كي پنهنجي پهرين
بارجي ياد اَچي ويئي. پهرين بارسان جيڪا زيادتي ٿي هئي. اُها زيادتي هن
دفعي كانه كرڻ ڏيندي كنهن كي به هوءِ پئدا ٿيڻ كان پوءِ ڌيءُ كي هن
۽ پنهنجو ئي كير پياريو. گهر ۾ پارتي خوش هئي. پارتيءَ جي الاوا سيئي
ناخوش. نه دهلي وڳا، نه كنهن كي رسمون نڀائڻ جي ضرورت محسوس ٿي.
گهروارن جي ڏكيانوسي پارتيءَ لاءِ وردان ثابت ٿي. كنهن كي به ڌيءُ سنڀال
جي ياد كانه آئي. پارتيءَ كي پنهنجي ڌيءَ جي پنهنجي من موافق
سنڀال كرڻ جو موقعو ملي ويو.

وقت گذرندي پارتيءَ جي ڌيءَ پلڪ ٻن سالن جي ٿي ويئي. ڌي
سان گڏو گڏ پارتي به وڌي ٿيڻ لڳي.

پارتيءَ جو گهوٽ اَڃان بيروزگار هو. بي روزگاري هن كي بوجهه لڳڻ
لڳي. هو به ٿورو ٿورو پارتيءَ جي اکيان جهكڻ لڳو.

جي نظرداريءَ ۾ ئي رهندا. گهر ۾ ٻيو ڪير آهي، جيڪو ٻار کي ڏسندو. هن چيو.
وڏيڪ نہ ڳالهائي. ڏيئرون تہ پاڻيھي پلجي ويندیون آهن. اَسان بہ تہ هيترن ٻارن کي پاليو آهي، پارتيءَ جي سس جواب ڏيندي چيو.
پلڪ وري روئڻ لڳي. پارتيءَ پهنجي سس کي جواب ڏيڻ ٿي چاهيو، پر پلڪ کي روئندي ڏسي هوءَ هن کي چپ ڪرائڻ لڳي. هن هٿڊ-گيهہ گرم ڪري پلڪ جي هٿ تي لڳايو.
رات ٽيڻ واري هئي. پلڪ جو پيءُ ۽ ڏاڏو ٻئي گهر ڪونہ موٽيا هئا. ڊاڪٽر بہ ڳوٺ کان ڪافي پري رهندو هو.
سڄي رات پلڪ کي سور سهندي گذارڻي پوندي، ان ڳالهہ کي سوچي ڪري پارتيءَ جي پريشاني وڌي ويئي. سور جي ڪري پلڪ سڄي رات نہ سمهي سگهي.
پارتي بہ سڄي رات پلڪ جي هٿ کي ڦوڪون ڏيئي سهلائي ڪري هن کي تسلي ڏيندي رهي. پارتيءَ کي تسلي ڏيڻ وارو تہ ڪير بہ ڪونہ هو گهر ۾.
سڄي رات پنهنجي حالت ۽ مجبوريءَ کي ماپيندي رهي پارتي. شاديءَ جي فيصلي کان وٺي اَڄ تائين ڪيئن گذري هن جي زندگي. ڇا عورت سدائي ٻين جي سهاري ئي جي سگهندي آهي؟ ڇا عورت کي پنهنجا فيصلا وٺڻ جو حق نہ آهي؟ جسماني رشتن جي اَلوا بہ ڪوئي رستو ٿيندو آهي زال مرس ۾؟ ڇا عورت جي فرض اَدائگي ٻار پيدا ڪرڻ تائين ٿيندي آهي؟
پارتيءَ دل پلڪ جي سڏڪن سان ۽ پارتيءَ جو دماغ هنن سوالن سان ولوڙجي رهيو هو. هن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ فيصلو ڪرڻو هو. جيئن جيئن پارتي هن مدي تي سوچيندي رهي، تيئن تيئن هن جو اِرادو پڪو ٿيندو ويو.
صبح جي پهرين ڪرڻ وشواس جو پيغام کڻي آئي. هن وشواس جي روشنيءَ ۾ پارتيءَ کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد ۽ منزل صاف نظر اَچڻ لڳي. بس دير هئي تہ هوصلو رکي پيرن کي اَڳيان وڌائڻ جي. هن مقام تي پهچڻ کان پوءِ ڪنهن بہ عورت کي روڪڻ مشڪل ٿيندو آهي. شايد ناممڪن.

هن پلڪ جي درد کي محسوس ئي ڪونہ ڪيو. ڊپ جي ڪري پلڪ بہ ڪجهہ ڪونہ چيو، بس سڏڪا ڀري ڀري ڪري روئڻ جاري رکيو. رئندي رئندي هوءَ سمهي پيئي.

شام جو پارتي ڪيٽ مان موٽي تہ هن ڏٺو تہ پلڪ سمهي پيئي آهي. هن کي هن ڳالهہ تي اَچرج ٿيو، ڇو جو اڪثر هن ٽائيم تي پلڪ رانديڪن سان ڀٽي کيليندي هئي.

پارتي پلڪ جي پاسي ۾ ويٺي تہ هن کي محسوس ٿيو تہ پلڪ سڏڪا ڀري رهي آهي. پهرين تہ پارتيءَ سوچيو تہ ننڊ ۾ ڪو خواب ڏسڻ ڪري رئندي هوندي، پر پلڪ جي ڳلن تي ڳوڙهن جا نشان ڏسي ڪري هن جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. هن پلڪ کي آواز ڏنو.

”پلڪ پٽ روئي ڇو ٿي. ڇا ٿي ويو راڻي“. پائوءَ جو آواز پنهنجي مٿي تي ماءُ جي هٿ جي گرماهٽ محسوس ڪندي ئي پلڪ جهٽ اکيون کوليون ۽ پنهنجو اُهو هٿ ماءُ جي اڳيان ڪري روئڻ لڳي. جيڪو هٿ موٽرسائيڪل جي گرم سائلينسر سان سڙي ويو هيس.

پلڪ جي مٺي بند هئي. ماءُ مٺي کولڻ چاهي تہ پلڪ جو هٿ سڙي ويو آهي.

ماءُ جي ممتا ۾ طوفان مچي ويو. پارتيءَ پنهنجي سس کي زور سان آواز ڏيئي چيو،

”اَمان پلڪ جو هٿ ڪيئن سڙيو؟“

هڪ تہ پارتيءَ جي سس کي پتو ئي ڪونہ هو، ٻيو پارتيءَ جي آواز ۾ مليل غصي سس جو پارو وڌائي ڇڏيو.

”مونکي ڪهڙي خبر. گهر ۾ پير ٽڪن ته ڇا ماءُ ۽ ڌيءُ جا ۾ ڪجهہ لڳو بہ هوندس تہ ايترو چلائين ڇو ٿي. مري تہ ڪانہ ويئي تنهنجي لاڏلي.

پارتي سدائين نونهن جي مريادا جو ڌيان رکندي هئي. هن ڪڏهن سس کي جواب ڪونہ ڏنو هو. پر ڌيءَ جي ڳالهہ تي هن جي صبر هن جو ساٿ ڇڏي ڏنو.

مان گهر ۾ ڪمن سان ئي تہ ٻاهر تي وڃان. اَهڙي وقت پارتہ توهان

من ۾ ودروهہ جو اَنڪر ۽ پيٽ ۾ ٻار جو اَنڪر وڌڻ لڳو. مرد جي پهل ڪرڻ جي طاقت ۽ عورت جي مرضيءَ جي موت جو کيل وري کيڏڻو پيو پارتيءَ کي. هن کيل کي ڏسڻ وارا سيئي پٽ جي آس لڳائي وينا هئا. جپ تپ، پيٽ پوڄا، ايشور کي منائڻ جا سيئي طريقا اپنائي چڪا هئا.

پارتيءَ اِسپتال ۾ ٽئين ٻار جي روپ ۾ ڌيءَ کي جنم ڏنو. سيني جا منهن لهي ويا. نراشا نچڻ لڳي. سس پورڻ آهوتي ڏني.

”هل هينئر نہ تہ ٻي دفعي سهي. پٽ جي بنا پار توروئي لڳي سگهبو“.

”امان! نہ پٽ نہ ڌيءَ“ نرس چيس.

پاڳل ٿي ويئي آهين ڇا؟ ”سرڪار تي ڪارائي ڇا اَسان کي“؟ اَسان جي مرضي جيترا چاهي ٻار ڄڻيون. سس هٿ کي نچائي ڪري نرس کي جواب ڏنو.

”پر توهان جي نونهن تہ آپريشن ڪرائي ڇڏيو ٻار پيدا نہ ڪرڻ جو“.

”آپريشن ڇا جو آپريشن. ڪنهن کان پڇي ڪرايائين آپريشن“؟ سس غصي ۾ تپي ويئي.

”ڇو راجيش، توکان پڇيائين ڇا؟ سهري راجيش کان پڇيو“.

”نہ! نہ! مان ڪيئن.... راجيش ڳالهہ پوري نہ ڪري سگهيو.

پر پارتيءَ کي هاڻي ڪنهن ڳالهہ جو فڪر ڪونہ هو. اَجان تائين هن جي زندگيءَ جا فيصلا ٻيا ڪندا هئا. هن پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ خود فيصلو ڪيو هو. پهريون دفعو هن کي مليو هو آتم سنتوش جو آنند. عورت جي اَصل پهچاڻ، سچاڻپ.

===

صبح ٿيندي ئي پارتي پنهنجيءَ ڌيءَ کي کڻي ۾ کڻي ٻوڙ
پاسي واري اِسپتال ۾ ويئي. ڊاڪٽر سان ڳالهائي پنهنجيءَ ڌيءَ جي م
پٽي ڪرائي گهر موٽي آئي.

اَڪيلي هجڻ جي ڪا به گهبرائٽ ڪانه محسوس ٿي هن کي.

پارتي گهر پهتي ته ڏنائين گهر ۾ مهاڀارت ڇڙي ويو هو. پارتيءَ
ڏسي ڪري هن جي سس جو سُروڏي ويو.

”ٿورو به شرم حيا ڪونه بچيو آهي هن گهر ۾. گهر ۾ ٻن ٻن مردن
هوندي پنهنجيءَ ڌيءَ کي وٺي اڪيلي ئي اِسپتال ويئي هلي. ٿورو صبر
ها ته ڇا ٿي وڃيس ها؟ ٻوڙ وارا ڇا چوندا؟

”ٻه ٻه مرد، مردن جي مردانگي ته بس ڪٽ تي اَچي جاڳندي آ
پارتيءَ من ئي من ۾ سوچيو، پر چئي ڪانه سگهي.

هاڻي تون ئي سمجهائينس پنهنجي زال کي سوچي سمجهي ه
سهري پنهنجيءَ مردانگيءَ کي ڏيکاريندي چيو.

ٻڌي ٿي؟ سڀ ڇا ٿا چون؟ پيءُ جي سر ۾ سر ملائيندي راجيش
پارتي پلڪ کي وٺي اَندر هلي ويئي. اُن رات جي ڳالهه آهي. پلڪ ۽ پارتي
ٿي سمهي رهيا هئا. اَچانڪ پلڪ جو آواز ٻڌي ڪري پارتيءَ جي ننڊ
ويئي.

هن ڏٺو ته راجيش پلڪ کي هنج ۾ کڻي ڌرتيءَ تي سمهاري رهي

”مس مس ته سمهي آهي ويچاري“. هن چيو

چپ ڪري ويچاريءَ جي ماءُ. راجيش جي ڳالهائڻ مان هن جي
جي منشا سمجهي ويئي پارتي.

راجيش هن کي ڪجهه چوڻ جو موقعو ئي ڪونه ڏنو. هن پنهن
مردانگيءَ جو پردرشن ڪيو ۽ سمهي پيو. پلڪ جي باري ۾ هن پارتي
ڪجهه به ڪونه پڇيو.

پنهنجي هن حالت سان پارتي اَڄ تائين سمجهوتو ڪندي
هئي. پر هاڻي هن جي من ۾ ودروهه جو سلو ڦٽي ويو هو. ٻچه ته گه
ورهيه پهرين پوکيل هو.

ڪنهن هجي تہ دماغ جي درستيءَ جي ضرورت هوندي آهي.

مان هن فيهرست ۾ هنن ماڻهن کي شامل نٿو ڪيان، جنهن جون اکيون سڪي ويون آهن يان سڪي چڪيون آهن. هنن اکرن جا ٻہ مطلب آهن. توهان کي خبر ناهي تہ ڪهڙي معنيٰ سمجهي آهي. هن ڳالهہ جو دارومدار تہ توهان تي آهي. اکين جو پاڻي سڪڻ نئين ڳالهہ ڪانهي. اَحساس ٿيڻ بند ٿي وڃي يان من سونيہ وڪارسان گرست ٿي وڃي تہ اکين جو پاڻي سڪي ويندو آهي. اَسان اَڪثر چئي بہ ڏيندا آهيون تہ ڪهڙو پٿر دل ماڻهون آهي.

پر اَڄ جي هن نئين زماني يان چئجي تہ نئين صديءَ ۾ اکين جو پاڻي سڪڻ هڪ قسم جي بيماري بڻجي ويئي آهي. اکين جي ماهر ڊاڪٽرن مطابق، اسان جون اَکيون جنهن ٽي-وي ۽ ڪمپيوٽر جي پردي تي طرح طرح جا فئملي ڊراما ۽ فلمون ڏسي ٻوڙهن سان پرجي ويندڀون آهن. اُهي پردا اَهڙي قسم جو اَثر اکين تي وجهندا آهن، جو اَکيون سڪي ويندڀون آهن. اکين جي قدرتي آلاڻ سڪي ويندي آهي.

اَسان اَحساس کي جاڳائڻ جي ڪائي دوا يلي ايجاد نہ ڪري سگهيا هجون. پر سڪل اَکين کي وري آلو ڪرڻ ۽ اَکين کي پاڻي-پاڻي ڪرڻ واسطي بزار ۾ نقلي ٻوڙها وڪامڻ لڳا آهن، ڪنهن بہ ڪيمسٽ ڪان مول وني سگهجن ٿا اِهي نقلي ٻوڙها. جنهن کي اَکين ۾ وجهڻ سان اَکين جي قدرتي آلاڻ قايم رهندي آهي.

ٿوري لمبي ٿي ويئي ٻوڙهن جي اِها ڪهاڻي. اِن کي ٻڌائڻ ڪان ڀهرين هن پومڪا جي ضرورت محصوس پئي ٿي. اِن ڪري ٻوڙهن جي قسم ۽ قسمت کي سامهون رکڻو پيو.

مان جنهن ڳاڏي ۾ ڪوٽا ڪان ويٺس، اُنهيءَ ڳاڏي ۾ رتلام اِسٽيشن پڄڻ ڪان پوءِ گهڻي اُٿل پٿل ٿي ويئي. اونهاري جو مهنو ڇُٽين موج مستيءَ ۽ همڻ-ڦرڻ جو مهنو ٿيندو آهي. هر ڪوئي شخص پنهنجي نموني هن کي لنگهائڻ چاهيندو آهي ۽ هر ڪوئي ان واسطي ڪجهہ نہ ڪجهہ محنت شفقت بہ ڪندو آهي.

پاڻي پاڻي

هر سفر جي ڪا نہ ڪا خاصيت ٿيندي آهي. سفر پورو ٿي ويندو آهي
تہ ڪجهہ يادون ڇڏي ويندو آهي گذريل اِهي پل اِهي ڪن ڪڏهن تہ من کي
سڪون ڏيندا آهن ۽ ڪڏهن سوال بڻجي سالن تائين، ڪڏهن ڪڏهن سڄي
عمر من جي اَنترڪش ۾ پيا ڀٽڪندا آهن. ڪنهن رستي ڀليل انترش يان وانگ
پنهنجي منزل جي تلاش ۾ پيا گهمندا آهن.

ڪونا ڪان ممبئيءَ جو سفر بہ ڪجهہ اَهڙا سوال ڇڏي ويو. جن اکي
هنن سوالن کي اُٿندو ڏٺو. اُهي تہ گهٽيئي دفعا پاڻي پاڻي ٿي چڪيون آهن
پر جن اکين ڪري هي سوال اُٿيا، اُهي بہ سڄي عمر پاڻي پاڻي ٿينديو
رهنديون، ٿي سگهي ٿو توهان جون اکيون بہ هن ۾ شامل ٿي وڃن.

اَسان جي اکين ۾ آلاڻ ڇو ايندي آهي؟ هڪ تہ اُن وقت، جڏهن نع
سات ڏيڻ ڇڏي ڏيندي آهي يان ڪوئي پنهنجو سات ڇڏي ڏيندو آهي
تڏهن ڪنهن کي رُئندو ڏسي ڪري يان کلندي کلندي جڏهن کلڻ جي حد
ٿي ويندي آهي تڏهن من ۾ ڪجهہ ڪرڻ جي تمنا هوندي بہ ڪجهہ
ڪري سگهڻ جي مجبوري هوندي آهي، تڏهن يان ڪنهن جي مجبوريءَ ک
محسوس ڪندي وقت، يان ڪنهن ٻارکي منائڻ جي ڪوشش ڪندي وقت
يان ڪنهن ٻار جي روئڻ جو سبب بڻجي وڃڻ تي. منيءَ جو گبار اَچانڪ اک
۾ گهسي ويندو آهي، تڏهن يان يادين جو ڪو گبار دل منجهان گذرندو آهي
تڏهن بصر ڪٽيندي وقت يان ڪنهن کي ڪنجندي ڏسڻ وقت پوءِ ڀلي
اصل زندگيءَ جي ڪائي گهٽنا. دُرگهٽنا هجي يان ڪنهن سونهري پردي ت
ڪنهن فلم جو ڪوئي سين ڌيءَ جي ودائي جي وقت يان ڪنهن ڌيءَ ج
هميشهہ هميشهہ لاءِ جڳ ودائي جي ڪائي گهٽنا اکين آڏيان اَچي وڃي تڏه

اکين ۾ آلاڻ جي فيهرست ڏاڍي لنبي آهي. مگر سچ آهي تہ اکين
آلاڻ اَحساس سان ڀڙيل هجي تہ دل کي آٿت ۽ آرام ڏيندي آهي ۽ جي

پاران جاري ٿيندڙ فرمانن جي ڄاڻ آهي؟ پڻ اسٽيشن کان پڇيو ته اسٽيشن جي اِسٽيشن ماسٽر چيو.

”يس مئڊم“. پوءِ جڏهن مون هن اِسٽيشن ماسٽر جي سامهون هڪ خلاصيءَ کان پڇيو ته ٻڌاءِ توکي تنهنجي ورديءَ (سرڪاري پوشاڪ) جي بابت آيل سرڪاري آرڊر جي ڄاڻ آهي، ته هو خلاصي ڪڏهن مونکي، ته ڪڏهن اِسٽيشن ماسٽر کي ڏسڻ لڳو.

مون خلاصي کان وري سوال ڪيو ته اِسٽيشن ماسٽر اڳيان ٿي وري چيو، يس مئڊم هن کي سڀ پتو آهي“. پوءِ ته مونکي جيڪو غصو آهي (وڏو ٺهڪ ڏيئي) ڇا ٻڌايانوَ (کلي ڪري) مون هن اِسٽيشن ماسٽر کي اهڙي لتاڙڏنو جو هو ساري ساري جي اَلوا سڀ پلجي ويو. (وڏو ٺهڪ ڏيئي).

توهان ٻڌايو توهان جو ڏينهن ڪيئن گذريو. مان في الحال ته ٽرڊ اي- سي- ڪوچ ۾ ويٺي آهيان. ڏسان ٿي سيڪنڊ ۽ اي- سي- ويندس. هتي ته زبردست پيڙ آهي. منهنجو ته ساهه ٿو نڪري. (پنهنجو پسينو اُگهندي. حالانڪ پسينو پري پري تائين نظر ڪونه پئي آيو.

هلو صبح جو ملنداسين، هاڻي ته لڳي ٿو ته موبائيل جو سگنل به گم ٿي ويندو. جيئن هن اِسٽيشن ماسٽر جو هوش گم ٿي ويا (کلي ڪري) چڱو راڪيش. باءِ باءِ اِ گڊ نائيٽ ڊيئر.

موبائيل تي ڳالهائيندي وقت هن جو ٺهڪ ڏيڻ ۽ وارن کي هر گهڙيءَ پنيان ڪرڻ جو نرالو اَنداز، هن جي ڳالهائڻ جو خاص اِسٽائيل، هٿن کي جهٽڪڻ، ڪير به اَندازو لڳائي سگهي ها ته هوءَ مائي ريلوي جي ڪا ”نئين نئين“ وڏي آفيسر آهي ۽ ممبئيءَ کان ننڍين ننڍين اِسٽيشنن جو انسپيڪشن ڪرڻ ويئي هئي، هاڻي موٽي رهي هئي.

ٿوريءَ دير کان پوءِ هوءِ اُٿي ۽ سيڪنڊ اي- سي- ڊٻي جي طرف ويئي. تقريباً ١٥ منٽن کان پوءِ واپس آئي. جڏهن موٽي، غصي سان هن جو چهرو ڳاڙهو ٿي چڪو هو. موبائيل تي هن جي جهاڙ-ڪٽا ٻڌندي وقت مونکي هن جي چهري تي جيڪا ٿوري گهڻي معصوميت نظر آئي هئي، اُها پوري

مگر سيني کان وڌيڪ مشقت وارو ڪم ٿيندو آهي اونهاري جي ه
مهني ۾ ٽرين ۾ رزرويشن حاصل ڪرڻ. گرمين جي موقعي تي ڪنهن ٽرين
هڪ سيٽ حاصل ڪرڻ چوندن ۾ ڪنهن پارٽيءَ جي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ ج
برابر ٿيندو آهي.

منهنجي گاڏي ۾ اَٺ مسافر اهڙا هئا، جن ڪجهه چانهه پاڻيءَ ت
خرچ ڪري رتلام تائين سيٽ حاصل ڪري ورتي هئي. رتلام تي هڪڙي حاڪ
فرمان جاري ڪيو تہ هاڻي چانهه-پاڻيءَ تي خرچ ڪرڻ سان بہ ڪوئي فائ
ڪونہ ٿيندو. ممبئيءَ تائين گاڏي ويندي، جنهن ڪي سيٽ ڪپي اَچي بوريولي
۾ وني، هن کان پهرين سيٽ ملڻ ناممڪن آهي. اُن ڪاري ڪوٽ واري حاڪ
اِهو جملو ڪلي ڪري سيني ڪي چٽي ٻڌايو ۽ رتلام تائين سيٽ ڏيڻ جي بدل
۾ مليل چانهه پاڻيءَ جي خرچي ڪي کيسي ۾ رکي هليو ويو.

گاڏي ۾ جيڪي مسافر وينا هئا، اُنهن سيني حاڪم جي فرمان
پنهنجي دماغ مطابق اَلڳ اَلڳ مطلب بہ ڪڍي ورتو. جيڪي اَٺ مسافر ه
هنن مطلب ڪڍيو تہ رتلام کان اڳيان وڃڻو هجي تہ کيسا وڌيڪ خالي ڪ
پوندا. اِهو چٽي ڪري اُهي اٺ مسافر پنهنجو سامان کڻي ٻئي گاڏي ۾ سي
جي تلاش ۾ نڪري ويا. رتلام کان چڙهيل ڏهہ نوان مسافر گاڏي ۾ اَچي وينا.
پهرين اُٿل پٿل هئي.

هڪ ''سونيڊ-بونيڊ'' ماڻهون سان گڏ هڪ سپاهي بہ هو، جيڪو
ماڻهوءَ ڪي وهارائي، سلام ٺوڪي هميو ويو.

هڪ سهڻي، سجيل-سنواريل مائيءَ گاڏي ۾ وهندي ئي پنهنج
پوري رام ڪهاڻي پنهنجي منهنگي واري موبائيل تي مزو وني-وني پنهنج
گهوٽ ڪي ٻڌائڻ شروع ڪئي.

''پتو اَٿو اَڄ تہ مون سيني جي اهڙي ڪنچائي ڪئي، جو سڀ لڳ
۾ لڳي ويا. (زور سان ڪلي ڪري) پلا هنن ڪي ڪهڙي ڄاڻ تہ ڪوئي مون ج
وڏو آفيسر اَچانڪ پهچي انسپيڪشن ڪري وندو. مون اِسٽيشن تي پهچند
ئي سين ڪم ڪرڻ وارن ڪي گهرائي پڇيو تہ ٻڌايو توهان سيني ڪي سر

هن جو اندازو لڳائي رهيو هيس.

وڏو حاڪم سمجهه وارو هو. ڳالهه کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. مئڊم ساري. هن کي اڃان گهٽوئي سگهٽو آهي. مان پوري ڪوشش ڪندس ته سفر ۾ توهان کي ڪائي پريشاني نه ٿئي.

وڏا آفيسر سمجهه وارا ٿيندي آهن. ڪڏهن به ڪوئي فيصلو ظاهر ڪونه ڪندا آهن. ڪشتي جي ڪناري لڳي ويئي ته پوءِ مسافر ناويڪ جو خيال ڇو رکندا. ڪشتي ڪناري ڪان پري رهي ۽ لڏندي رهي ته مسافر ڪشتي هلائڻ واري جو پورو ڌيان رکندا آهن. هوءَ چپ رهي.

حاڪم هليا ويا. هٽ جوڙي، ”گڊ نائيٽ“ جو مکڻ لڳائي ويا. مئڊم جي پاسي ۾ جيڪو ماڻهون ويٺو هو، هن ڳالهائڻ شروع ڪيو.

مئڊم مان پارٽي راجسوَ شيوا جو آفيسر آهيان. انڪم ٽئڪس ڪمشنر. پريچيه ٻڌندي ئي ڪنيل صوفن جهڙا لڳل وري گلاب وانگري ٽري ويا. هڪدم بدلوَ. سچ پچ ڪنهن آفيسر جي هن گڻ سان منهنجي واقفيت پهريون دفعو ٿي هئي. هن ڪان وڌيڪ وقت ته سانڊي کي لڳندو آهي رنگ بدلڻ ۾. مون سوچيو.

”توهان ڪهڙي بئچ جا آهيو“. مئڊم پڇيو.

”١٩٩٦“.

”سر! مان ٢٠٠٣ ۾ جئائن ڪيو آهي“. مئڊم پنهنجي پوري نرمائيءَ جو اظهار ڪندي چيو.

هنن جو ڳالهائڻ-ٻولهائڻ هلندو رهيو. ڳالهائڻ جو دائرو پرشاسن هلائڻ جو طريقو هو. پاسي ۾ هڪ نوجوان ويٺو هو. هن چيو.

”سر! مان پوني ۾ ايم- بي- اي ڪيان پيو. اسان کي به اهو سيکاريو ويندو آهي ته پرشاسن هلائڻ واسطي ٿوري سختي به ضروري ٿيندي آهي يان ته اوارڊ، انڪريمينٽ هجي يان دڙڪا-برڪا، ميمو-شيمو“.

هن ڳالهه تي هو ٽئي کلڻ لڳا.

ايتري ۾ هڪ ويٽر آيو. پاڻيءَ جون به بوتلون مئڊم کي ڏنائين ۽ هلڻ

طرح غم تي چڪي هئي.

مان اَڃان ڳالهہ جو اَندازو لڳائي رهيو هيس تہ ڏٺم تہ ڪاري ڪو
وارو حاڪم اَچي رهيو هو. هن دفعي هن سان گڏ هڪ ٻيو حاڪم بہ هو. جيڪ
ڀهراوي ۽ رُوب-داب جي حساب سان وڏو حاڪم نظر پئي آيو. هن جي هٿ
هڪ ''واڪي ٽاڪي'' بہ هو. هن چيو.

''ساري مئڊم، اَسان توهان کي سڃاتو ئي ڪونہ. ويري ويري سا
مئڊم. ڇا ڪريون. سيٽ کي ائڊجيسٽ ڪندي ڪندي، اَسان پريشان ٿي
وڃون جو... ساري، اَسان توهان کي سڃاڻي ڪونہ سگهياسين''.

''ڳالهہ. ساري چوڻ سان ختم ڪونہ ٿيندي. توهان جو وهنوار ئي غ
هو. توهان کي ڪنهن سان ڪيئن ڳالهائڻو آهي، ايندو بہ آهي يا نہ''؟ ت
رکي ۽ دڙڪا ڏيڻ واري اَنداز ۾ هن مئڊم حاڪمن کي چيو.

''مئڊم سچ پچ ساري. هي ۽ اونهاري جي سيزن ئي ڏاڍي خر
آهي. ماڻهن کي ائڊجسٽ''... هن جواب پورو بہ نہ ڪيو هو، مئڊم غصي
وري چوڻ لڳي.

''پر توهان کي اِهو تہ ڏسڻ کپي ها تہ مون وٽ ڪهڙي پاس آهي.
سان توهان کي پتو لڳي وڃي ها تہ توهان ڪيتري وڏي آفيسر سان ڳالها
رهيا آهيو''.

''مئڊم جي، صاحب ٻڌڻ ۾ غلطي ڪئي، توهان چيو تہ چيف پر
آفيسر.. اَسان ٻڌو تہ پرسنل آفيس ۾ ڪم ڪندا آهيو. اَسان کان وڏي غلطي
ويئي مئڊم. ساري مئڊم جي''. ننڍي حاڪم پنهنجي وڏي حاڪم جو پ
ڪٽيندي چيو.

هن ڳالهہ کي ٻڌي مئڊم جو پارو وڌي ويو. گلاب وانگر نظر ايند
ڪنيل صوفن جهڙا ٿي ويا. اُهيون سرخ ڳاڙها ٽماٽر.

''يو شٽ اَپ! توهان کي وچ ۾ ڳالهائڻ جي ضرورت ڪانهي. يو گو
ممبئي هلي ڪري ڏسنداسين.

آفيسر هٺ ۽ تريا هٺ ملي ڪري ڪهڙو روپ اختيار ڪندو آهي.

تمنا

بڙودا جو ريلوي اِسٽيشن هاٿي ڇاتل-سڄاتل لڳندو آهي. برودي کان ڪوٽا وڃڻ لاءِ مهني ۾ هڪ ڀيرو هن اِسٽيشن تي اچڻو پوندو هو! هر ڀيري جدا جدا گاڏي پڪڙڻي پوندي هئي. هن ڪري هر ڀيري جدا جدا پليٽفارم تي وڃڻو پوندو هو. هر ڀيري الڳ الڳ مسافر ملندا هئا. الڳ الڳ مصيبتون بہ. مسافرن سان ملاقات بہ ٿيندي هئي تہ ٽڪر بہ.

ٽڪر جي ڳالهہ بڌي اچرج ٿيڻ لازمي آهي. اِسٽيشن تي نهيل پليٽفارم، گاڏين ۾ چڙهڻ جو اِنتظار ڪرڻ لاءِ ٿيندا آهن، نہ ڪ مسافرن کي ٽڪر هڻڻ واسطي، سچ آهي پر گهڻيئي موقعا اهڙا بہ ايندا آهن، جن موقعن تي پنهنجي ڪنهن غلطيءَ يان ٻئي ڪنهن جي غلطيءَ جي وجهہ سان اسان کي ڌڪ پائي ڪري گاڏيءَ ۾ چڙهڻو پوندو آهي اهڙن موقعن تي مسافرن سان ٽڪر ٿيڻ قدرتي ڪريا لڳندي آهي!

ڦيريون دفعو منهنجي غلطيءَ جي ڪري ٽڪر ٿيو. ٿيو ڇا هو نہ هن ڏينهن ڪوٽا وڃڻ واسطي ٽڪيٽ بڪ ڪرائڻ مان ءِ پوجا ديدي اِسٽيشن ويا هئاسين!

پوجا ديدي ءِ مان بروڊا جي مهاراجا سيا جي راوَ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندا هئاسين. يونيورسٽيءَ جي هوسٽل ۾ هڪ ڪمري ۾ رهندا هئاسين.

پوجا عمر ۾ مونکان هڪ سال وڏي بہ هئي ءِ پڙهائيءَ ۾ بہ مونکان هڪ درجو اڳيان هئي. پر اسان جي دوستيءَ کي ڏسي هوسٽل واريون سڀ ڇوڪريون رشڪ کائيندڙيون هيون.

پوجا ديديءَ جو سڏو سنڌو، سچ هر قدم تي سات نڀاهڻ جو جذبو ءِ وهنوار ۾ صاف گوئي اهڙا گڻ هئا جو ڀيريں ملاقات ۾ ئي مان هن سان جڙجي ويئي هيس.

اِسٽيشن تي پهچندي ئي پوجا ديدي رزرويشن جي لائين ۾ لڳي ويئي. مني ڪلاڪ کان پوءِ نمبر آيو ٽڪيٽ وٺي ساهن پنهنجي ٻتوءَ ۾

لڳو تہ مئڊم چيس ”پئسي“.

ڪجھ دير چپ رهڻ کان پوءِ هن چيو،

مئڊم رهڻ ڏيو، صاحب موڪلي آهي“.

توري دير ۾ حاڪم هڪ بئي ويٽر سان گڏ آيو ۽ بہ ٽي مئگزينون ۽ دن

جو سرڪاري ٽال، مئڊم اڳيان رکارائي ڇيائين.

”مئڊم! ٻي ڪا شيوا“.

”صبح جو وقت سان اُٺاري ڇڏجو“. مئڊم جواب ڏنو ۽ مئگزينون

ڏسڻ لڳي.

رنگم ۾ مئڊم جي سامهون چار ماڻهون اچي وينا هئا، جن ۾ هڪ ۱۲ ۱

۱۱ ورهين جي ڇوڪري بہ هئي، جيڪا سڀ ڪجھہ ڏسي رهي هئي، مئ

چپ هئي. هن اچانڪ مئڊم کان پڇيو.

آنٽي! هن پاڻيءَ واري توهان کان بوتل جا پئسا ڇو نہ ورتا. اسان کي

ڏهين روپئي واري بوتل ۱۲ روپين ۾ ڏنائين.

پهرين هو حاڪم پاڻي پاڻي ٿي ويا هئا. هاڻي مئڊم جي واري هئي

===

ويندو آهي.

هن سپني جي شروعات بہ برودا جي ريلوي اِسٽيشن تان ٿي.

اَسان جي يونيورسٽيءَ ۾ ''يوٿ فيسٽيول'' ٿي رهيو هو سپني ساهڙين پاڻ ۾ طئہ ڪيو تہ پورو هفتو هن ۾ گذارڻ ڪان بهتر ٿيندو تہ گهران ٿي اَچجي. چو جو پوجا ديديءَ اَسان کي ٻڌايو تہ هن ''فيسٽيول'' ۾ سواءِ ڏماچوڪريءَ جي ڪجهہ ڪونہ ٿيندو آهي.

اَسان پنج ساهڙيون هڪ گاڏيءَ سان ڪوٽا ويندا هئاسين. اُن ڏينهن بہ اَسان سيئي مقرر وقت تي اِسٽيشن پهچي وياسين. رات جو وقت هو. هوسٽل بند ٿيڻ ڪان پهرين اِسٽيشن پهچڻ جي اَلوا ٻيو ڪوئي وڪلپ ڪونہ هو، گاڏيءَ جي روانگي بابت اَسان ڪجهہ ڪونہ پڇيو.

اَسان اِسٽيشن پهتاسين تہ پتو پيو، جنهن گاڏيءَ سان اَسان کي وڃڻو هو، اُها گاڏي اَنڪل ٽي-چار ڪلاڪ دير سان ايندي. جنهن رستي هوءِ گاڏي اَچڻي هئي اُن رستي تي هڪ مال گاڏي جي پٽري تان لهي پوڻ جي ڪري اُها گربڙ ٿي هئي.

''هاڻي تہ اُلوءَ وانگر سڄي رات جاڳڻو پوندو''. پريتيءَ چيو. ''اُلو! اُلو تہ مرد ٿيندو آهي، اَسان تہ عورتون آهيون''. راڻيءَ ٽوڪيندي چيو.

منهنجي سياڻي جي ڊيٽنگ، ويئي ڪڏي ۾ سونل جنجهلائي چيو. وئشاليءَ هن کي چنهنڊري پائيندي چيو مال گاڏيءَ جي پٽري تان لهي پوڻ جو نتيجو تہ نظر اَچي ويو، بواءِ فرينڊ پٽريءَ تان لهي وڃي تہ ڇا ٿيندو آهي، سونل.

''اِها ڳالهہ تہ مٽي واري کي خبر'' سونل وئشاليءَ کي واپس چنهنڊري پائيندي چيو.

مٽي وارو؟ ''پريتيءَ کي ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ آئي''.

''اَڙي سونل لاءِ مٽي وارو پيڱوان ۽ اَسان لائي مٽي وارو'' ٽي راڻيءَ مٽي الڳ اِسپيڪر ڏانهن اِشارو ڪندي چيو.

گاڏي صبح جو ڇئين لڳي ڪان پهرين ڪانہ ايندي. نيڪ اُن وقت مٽي واري مائيڪ (اِسپيڪر) مان گهوشڻا ٿي.

وڃي ڇڏي هٽي هن ٻه ويچاري ٽڪيٽ جي ڪهڙي غلطي، جتي رڪنداسين
اُتي ئي رهندي ڪائي ڪاري لڪشمي (بليڪ مني) تہ ڪانہ هئي، جو گپ
چپ پوڄا جي ٻٽوءَ مان نڪري منهنجي ٻٽوڻ ۾ پهچي وڃي هان.

مان جڏهن اِسٽيشن پهتس ۽ ٽڪيٽ ڪڍڻ واسطي هٿ ٻٽوڻ ۾
وڌم تہ منهنجو متو گهمي ويو. مون موبائيل تي پوڄا سان ڳالهايو. پلو ٽٽي
موبائيل ناهڻ وارن جو جيترو جلدي منهنجي ڳالهہ پوڄا تائين پهتي، اوترو
جلدي پوڄا ٽڪيٽ کڻي مون وٽ پهتي. اَسان جو هاسٽل اِسٽيشن جي پاسي
۾ هو. جيڏانهن پليٽفارم تي ٽرين پهتي، هوڏانهن پوڄا، ٽرين اِسٽيشن تي ٻ
منٽ بيهندي هئي. پوڄا زور سان چيو ايس سيون ۽ اَسان ٻنهي زور سان ڊڪ
پاتي. ''ايس سيون'' تائين پهچندي پهچندي اسان گهڻن مسافرن سان
ٽڪرياسين. هن ڳالهہ کي ياد ڪري اَڪثر کلندا آهيون.

ٻيو دفعو مسافرن سان ٽڪر جي وجهہ ريلوي وارن جي غلطي هئي
هن ڏينهن مان جنهن پليٽفارم تي بيهي ڪري گاڏيءَ جو انتظار ڪري رهي
هئس، اين وقت تي گهوشڻا تي تہ گاڏي ٻئي پليٽفارم تي اَچي ويئي آهي
ٻئي پليٽفارم تي پهچڻ جي جلدي مونکي بہ هئي ۽ ٻين مسافرن کي بہ ٽڪ
نيڻ قدرتي ڳالهہ هئي.

مسافرن سان ٽڪرن سان اهي ڪجهہ آزمودا تہ ڪڏهن ڪڏهن ياد
ايندا آهن، مگر هڪ آزمودو جيڪو منهنجو اکين آڏيان تي گذريو، مان اُن کي
سڄي عمر ڀلائي ڪونہ سگهيس، اُهو واقعو منهنجي تمنا بڻجي سدائين گ
رهندو. هو منهنجي نيڻن ۾ وسي ويو آهي.

منهنجي اِها تمنا جڏهن پوري ٿيندي تڏهن ڪيترو سک ۽ سنتوش
ڏيندي، اِهو چئي ٻڌائڻ لفظن جي دائري جي ٻاهر جي ڳالهہ آهي. پرهن تم
کي سپني ۾ پورو ٿيندو ڏسڻ منهنجي وس ۾ آهي ۽ جڏهن بہ مان پنهنجي
(اِڇا) تمنا سپني ۾ پوري ٿيندي ڏسندي آهيان. پاڻ کي تروتازا محسوس
ڪندي آهيان.

اَسان جيڪو ڪجهہ ٻڌندا آهيون، جيڪو ڪجهہ پڙهندا آهيون
محسوس ڪندا آهيون، سڀ ڪُجهہ خود بہ خود اَسان جي سپني سان جڙ

مهڪ جو مزو مون تائين به پهتو.

ماڻهن جو جوش، جراءَ، جذبات، زبان بس هر طرفان منٽي مهڪ ۽ مرڪ، ميناج ۽ صحبت دل کي ڇهي رهي هئي. سونهن ۽ سڳنڌ اکيون ڏسي رهيون هيون. من محسوس ڪري رهيو هو.

گلن سان هنن جو سواگت ڪرڻ وارا وڌندا ويا. هنن ويهن-ٻاويهن ماڻهن کي ايتريون مالائون پئجي چڪيون هيون جو هنن جي شڪل جي اللوا ڪجهه به نظر ڪونه اَچي رهيو هو.

هنن اَچا ڪپڙا پائي رکيا هئا ۽ چئني طرف هئا. ائين پئي لڳو ته ڪوئي وڏو گلدستو هجي. ٻاهرين پاسي ڳاڙها گل ۽ وچ ۾ اَڇا.

گاڏي آئي، هو ويهه-ٻاويهه ماڻهون گاڏي ۾ وينا گاڏي ويئي هلي، سڀ ماڻهون به. باقي بچيا هئا رنگ ۽ خوشبوءِ گلاب جي پتن جي. پنهنجيءَ سنسڪرتيءَ لاءِ هڪ خاص قسم جي چاهت، سڀ ڪجهه ڀلائي ڪري دعا ڪرڻ جي. هڪ پرمپرا جي نرواهه ڪرڻ جي، هڪ پرمپرا کي مضبوطي ڏيڻ جي.

هن خوشبوءِ جو اَثر هو يان دل ۾ اُٿندڙ اَحساس جو منهنجون اکيون بند ٿيڻ لڳيون.

ڪليل اکين جي انڌڻ ۾ سپني جو سلو ڦٽڻ کان محروم نه ٿي وڃي، شايد اِهو سوچي منهنجي پلڪن اُن سپني جي سلي کي پنهنجيءَ هنج ۾ لڪائي ڇڏيو.

سپنو ساڪار ٿيڻ جي راهه تي وڌڻ لڳو. هن کي آڪار ڏيڻ لاءِ گڏ ٿي ويا. منهنجي اَندر جا جذبا. اُهي اکيون جيڪي ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ ٻڌايون هيون، اُهي يادون جيڪي ناني نانيءَ سان سدائين گڏ بيٺيون نظر اينديون هيون. اُهي ڪويتائون، ڪهاڻيون، ناٽڪ جيڪي منهنجي پاپا مونکي ڪتابن جي روپ ۾ ڏنا. اُهي سڀ رنگ برنگا پويٽ ٿهي منهنجي ڪلپنائن جي آڪاش ۾ اُڏامڻ لڳيون. منهنجي يادن جي گلن تي ڦيرا پائڻ لڳيون. سوپڻن کي ڏسي يادين جا گل سچاپ ٿي ويا. آڪاش ۾ نه اُس هئي نه مـ...ـن پر اِندر ڌنش صاف نظر اَچڻ لڳو.

سونل کي ڏاڍي بک لڳندي آهي. گهوشٽا ٻڌي هن گهوشٽا ڪئي
”ٻڌو! ٻڌو! صبح تائين اسان تہ جاڳنداسين. مجبوري آهي پرهيءَ ڪئنٽين
وارا پڃي ويندا. هلو هلي ڪري رٽائر روم ۾ ويهون ٿا. پليٽفارم تان ڪائڻ-پيئڻ
جو سامان بہ وٺي ٿا ڇڏيون“.

مائيڪ تي جيڪا گهوشٽا ٿي هئي، اُن کان پوءِ گهٽيئي مسافر
هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويا. اسان سيني کي سونل جي ڳالهہ پسند آئي. سڀ
سامان کڻي رٽائر روم پهتاسين، جيڪو پهرين پليٽفارم تي نهيل هو.

رٽائرنگ روم جي حالت ڏسي پريتيءَ چيو سچ پچ هن کي ڏسي لڳي
تو تہ آباديءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ جو ضروري آهي.

نسا نش پريل رٽائرنگ روم ۾ گهسڻ جي همت اسان مان ڪنهن ۾ ب
ڪانہ هئي. ويچار ڪيوسين باهر پليٽفارم تي چادر وڇائي وهڻ نيڪ ٿيندو
هوسٽل ۾ رات جو روز جشن ٿيندو هو. هڪ ٻين لڳي تائين ڪنهن نہ ڪنهن
جي ڪمري ۾ ڌماچڪري پئي هلندي هئي. سو ٻي لڳي تائين سڀ جاڳند
رهياسين. ٻي لڳي تائين اهو ظئہ ٿيو تہ مان ۽ سونل جاڳنداسين. هڪ ڪلاڪ
باقي ٽئي سمهندا، پوءِ اسان ٻئي سمهنداسين.

منهنجي پاپا جي ڪري هڪ سٺي عادت منهنجي زندگيءَ جو حص
بڻجي چڪي آهي. مون وٽ سدائين سنڌي ڪهاڻي، ڪوتائن يان ناٽڪ
جو ڪتاب هوندو آهي. مان ڪتاب ڪڍي پڙهڻ لڳس. سونل معگزين پڙهڻ
لڳي. اٽڪل ڏهن-پندرهن منٽن کان پوءِ سونل کي ننڊ اچي ويئي.

ٿوري دير کان پوءِ هڪ گهوشٽا ٿي تہ ٻئي پاسي کان هڪ گاڏي پليٽفا
نمبر هڪ تي اچي رهي آهي. گهوشٽا ٿيڻ کان ڏهہ منٽ پوءِ ماڻهن جو و
هجوم پليٽفارم تي داخل ٿيو. جيہ ڪارا ۽ فڪرا لڳائيندو. اٽڪل سٺ س
ماڻهون هئا، جن جي وچ ۾ هلندڙ ويهارو کن ماڻهن کي مالا پاتل هئي. هنن ۾ ٻ
وارمرد بہ هئا ۽ عورتون بہ. اٽڪل پنجاهہ في صدي نوجوان ۽ ٻار هئا. جيہ ڪ
ڪرڻ وارا، جيہ ڪاري سان گڏوگڏ گلاب جي گلن جون پتيون هنن ماڻهن ج
مٿان اُڇلي رهيا هئا. ٿوري دير کان پوءِ نظارو من موهيندڙ هو، ماڻهن ڪ
وڏيڪ نظر اچي رهيا هئا، گلاب جا گل ۽ پتيون، سرخ ڳاڙهو رنگ ۽ مهڪ

وجود

سيني جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. سيني کان وڌيڪ روئڻ درگا جي ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ کي اچي رهيو هو. ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ ڇهين مهني جي درگا کي پالي-پوسي هيڏو وڏو ڪيو هو. اڄ هوءَ ڪنوار بڻجي ودا ٿي رهي هئي.

اکين جي آلاڻ ۾ ودائيءَ ڏيڻ جو غم به شامل هو ته درگا جي فيصلي تي ٿيڻ وارو گرو به درگا جو فيصلو، عورت جو وجود.

اهڙو فيصلو اڄ تائين ڪنهن ڏيءَ ڪونه ورتو هوندو. اهڙو فيصلو جنهن هڪ پل واسطي ڏاڏي ڏاڏيءَ جي اکوا سيني کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو هو. پر جڏهن ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ درگا جي پٺي ٿپٿپائي ته سيني چيو ”شاباش درگا“.

پنهنجي گهوٽ راجيش سان گڏ ڪار ۾ ويٺل درگا جي اکين ۾ گهٽيئي خواب اڀرڻ لڳا. نئين زندگيءَ جا خواب. سهاڳ جي جوڙي ۾ اَڳ جهل ملائبند ڙ. ستارن جي چمڪ وڌي ويئي هئي، جيئن نه هو ستارا به درگا سان گڏ ملي منائڻ چاهيندا هجن، اُهي اونداهه پل، جن گهٽيئي مرتبا، درگا جي زندگيءَ ۾ ڪوراڻ پري ڇڏي هئي. گهٽيئي مرتبا.

ڇهن مهنن جي هئي درگا، جڏهن هن جي ماءُ هن جو ساٿ ڇڏي، هن دنيا کان هلي ويئي. ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ جو پيار وٽ ورڪش وانگر سدائين ڇانوَ ڏيندو رهيو. زندگيءَ جي تکي اُس کان هن کي بچائيندو رهيو. ڏاڏي جي آنڱرءِ ڏاڏيءَ جي هنج، ڏاڏي ڏاڏيءَ جي ٻانهن تي سمهي اکائيون ٻڌندي ڏريو هن جو ٻالپڻ.

”دادو“! اسان راکي ڇو ٻڌندا آهيون؟ درگا جي هن سوال کي ٻڌي ڏاڏي کلي ڪري چيو،

”جيڪو سيني کان وڌيڪ پيار ڪري، جيڪو هر گهڙيءَ ڌيان رکي، جيڪو هر مصيبت کان بچائي، اُن کي راکي ٻڌائينديون آهن ڀيڻرون.

اَڙي ڪنب ڪرڻ جي ماءُ اُت. ڳاڙي اڇڻ واري آهي تنهنجي پروسي
رهون ها تہ .... پريتيءَ مونکي زور سان ھلائي ڪري اُٿاريو.

سپنو پيئي ڏسين سونل ڇيو.

سپني ۾ ڳاڙي تہ آئي ڪونہ هوندي، هن جو بوءِ فرينڊ... وئشاليءَ
مونکي چنهنڊري پائيندي چيو

مان سچ پچ اَڄان خواب ڏسي رهي هيس. هن ڳالهہ جو ڪوئي ڳ
ڪونهي تہ منهنجو سپنو پورو ٿيندو يان نہ. مونکي خوشي اِن ڳالهہ تي آهي تہ
مون ڏٺو تہ. حقيقت ۾ اَسان پنهنجي پنهنجي زندگيءَ ۾ ايتري قدر مشغول
رهندا آهيون. اَهڙن سپنن کي ڏسڻلاءِ. اَسان کي فرست جا پل ڪپندا آهن. ضرورت
ٿيندي آهي. هنن
ڳالهين ٻولهين جي جيڪي جذبا جاڳائيندا آهن. مان شڪرگذار آهيان. فرست
جي اُنهن پلن جي جيڪي اِسٽيشن تي مونکي نصيب ٿيا، شڪرگذار آهيان
هن ماڻهن جي جيڪي اِسٽيشن تي مونکي نصيب ٿيا. شڪرگذار آهيان هنن
ڪهاڻين، ڪويتائن، ناٽڪن جي ڪتابن جي ۽ پنهنجي گهرواري جي جن
جي وجهہ سان مان ڏسي سگهيس اُهو سپنو.

مان ڏسي رهي هيس ماڻهن جو هجوم، گلاب جا گل جيہ ڪارا. اُهي
سڀ ماڻهون اَسان جي پريوارڪي اِسٽيشن تي ڇڏڻ آيا هئا. ڇاڪاڻ تہ اَسان
وڃي رهيا هئاسين. هن مٽيءَ کي ڇوهڻ، چمڻ جنهن مٽيءَ ۾ منهنجي ڏاڏي
جو جنم ٿيو. منهنجي ڏاڏيءَ جو ٻالپڻ گذريو. منهنجي ناناءِ نانيءَ جي شادي
ٿي.

سپني ۾ سنڌ جي سڳنڌ کي محسوس ڪري رهي هيس جنهن ک
ڇهڻ، چُمڻ جي منهنجي تمنا سپني ۾ئي سهي پوري تہ ٿي. هج ڪرڻ وڃ
وارن هنن ويهن ٻاويهن ماڻهن کي جيئڻ ٻيا سيئي ڇڏڻ آيا، گلن جي برسا
ڪري ويا، سپني ۾ئي سهي، اَسان جي پريوارکي بہ مليو اُهو سنمان، مهڪ
محبت، سنڌ مرڪي رهي هئي.

ڏاڏي چيو.

ڏاڏي-ڏاڏيءَ سان گڏ رهندي درگا کي ڪڏهن به ماءُ-پيءُ جي ڪمي محسوس ڪانه ٿي. هنن درگا کي هميشه خوش رهڻ سيکاريو. سنسڪار به ڏنا ۽ پنهنجي سنسڪرتيءَ کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ جا موقعا به. هوءَ ٻارهين درجي ۾ سڄي ضلعي ۾ اَول آئي. سنڌي پاشا ۾ سيني کان وڌيڪ مارڪون مليس هن کي. گهڻن سنستائن هن جو سنمان ڪيو. سيني طرفان واڌايون مليون هن کي، سواءِ هن جي پيءُ جي.

درگا اِها ڳالهه پنهنجي ڏاڏي کي چئي ڏني. ڏاڏي درگا جي پيءُ کي فون تي خبر ڏني. پر هو الٽي کهڙي متيءَ جو نهيل هو، هن جواب ڏنو.

”توهان سيني سان منهنجو رشتو ته تڏهن ختم ٿي ويو هو جڏهن توهان درگا جي ماءُ جي موت کان پوءِ درگا جي ماءُ کي مليل سرڪاري پينشن تي پنهنجو حق جتايو“.

جواب ٻڌي ڏاڏي کي غصو ته آيو، پر هن نرمائيءَ جو اظهار ڪندي چيو ”پٽ! مون ته درگا جي ماءُ جي آخري اِڇا موجب فيصلو ورتو. هي سڀ تنهنجي ڌيءَ جي سٺي آئينده لاءِ سوچي ڪري ڪيو هو“.

”ها! ها! جنهن ڌيءَ لاءِ ڪيوَ هن ڌيءَ کي واڌايون به توهان ڏيو. مونکان ڪائي اُميد چو ٿا رکو“؟

رکو جواب ڏيئي درگا جي پيءُ پرڪاش فون رکي ڇڏيو.

هن ڳالهه کي ٽي ورهيه ٿي ويا. درگا بي. اي جو امتحان پاس ڪري ورتو. هن دفعي اَول اَچڻ جي باوجود هن ڏاڏي کي پنهنجي پيءُ لاءِ ڪجهه به ڪونه چيو دنياداريءَ کي سمجهڻ لڳي هئي درگا.

بي. اي جو نتيجو ٻڌي ڏاڏي-ڏاڏيءَ درگا جو منهن منو ڪرائي پنهنجي خوشيءَ جو اِظهار ڪيو. ڏاڏيءَ هڪ لفافو درگا کي ڏيندي چيو.

”پٽ اَڄ موقعو اَچي ويو آهي ته مان توکي تنهنجي ماءُ جو هي خط ڏيان“.

درگا اَچرج ۾ پئجي ويئي. ڏاڏي هن جي مٿي تي هٿ ڦيرائيندي

اِهو سوال ٻڌي ستين سالي جي درگا ڊڪ پائي ٻئي ڪمري ۾ ويئي
مونِي تہ هن جي هٿ ۾ هو هو ٻاڙهو پيلو ڌاڳو، ڏاڏو ڏاڏي ڪجهہ سمجهن
هن ڪان پهرين هن ڏاڏي جي ڪرائيءَ ۾ ڌاڳو ٻڌي ڇڏيو.

”توهان منهنجا ڏاڏا بہ آهيو، پاپا بہ ۽ اَڄ ڪان ياءُ بہ ٽري-اِن-و
دادو“ چئي ڪري ٽري-اِن-ون دادوءَ جي ڪڇ ۾ لڪي ويئي درگا.

درگا پنهنجي جيون جو پهريون فيصلو ورتو هو. ڏاڏي-ڏاڏيءَ هن ک
شاباشي ڏني. ڏاڏيءَ پنهنجي ٻٽوڻ مان سوَ جو نوٽ ڪڍيو تہ درگا چيو،

”نہ ڏاڏي نہ! نو چيٽينگ! منهنجو ياءُ ڪير؟“

”ڏاڏو ڏاڏيءَ“ ڪلي چيو

تہ پوءِ خرچي توهان ڇو ڏيندا! خرچي تہ وٺندس پر منهنجي ٻُڌي
ڪان. سڀي آهي نہ منهنجا وڏا ٻڍا؟ درگا پنهنجي ڏاڏي جي ڪاڏي پڪڙي چ

”جي منهنجي گڏي پيڻ“ ڏاڏي بہ اُنهيءَ لهري ۾ جواب ڏنو.

ٽنهي ڪي ڪل اَچي ويئي.

درگا ننڍي هئي. ڏاڏي ڏاڏيءَ جي اکين جي آللڻ ڏسي ڪونہ سگه
راڪيءَ تي جيڪا حونسلا افزائي درگا کي ملي، اُن درگا جي من ۾ چ
پئدا ڪري ڇڏيو. هن ڳالهہ جو اَثر سيني تيوهارن تي نظر اَچڻ لڳو.

درگا ٻارهين سالي جي ٿي ويئي هئي. هاڻي تيوهار ملهائڻ سان
گڏ هئا تيوهارن تي نيائڻ واريون رسمون. رواج بہ سکڻ لڳي. ستهين تي ڏاڏ
سان گڏ ويهي ڪري مٺيون ڪوڪيون، بيسڻي ماني، ڪنو پٽ، سڀ ن
سکي.

ساڳيو جوش ڏياريءَ، اُترائڻ ۽ چيٽي چنڊ تي نظر آيو. سيني
وڏيڪ خوش هئي ڏاڏي هن ڏاڏي کي چيو.

”ٻارن کي وقت ڏيڻ، جيئن رشتن جي وڻن کي پاڻي ڏيڻ سدا
ساوا“.

”سچ ٿي چوين، اَسان کي جيئڻ واسطي جيئن آڪسيجن
ضرورت ٿيندي آهي، تيئن رشتن کي ڪپندي آهي. سنگ جي آڪسي

هلي ويئي.

تنهنجو پيءُ منهنجو پٽ اَهڙو موهه ڇاريم قاتل هو جو هو نه تنهنجو پيءُ تي رهيو ۽ نه منهنجو پٽ تي. تنهنجي نئين ماءُ جي برتاوَ ۽ وهنوار سان تنگ تي ڪري اَسان اُهو گهر ڇڏي ڏنو، جيڪو تنهنجي ماءُ جو گهر هو. تنهنجي ناني جي وسيعت.

منهنجي پٽ اُن گهر تي نه قبضو ڄمايو ئي سهي پر گڏوگڏ اَهڙيون ڪوششون به ڪيائين ته توکي ڪنهن اَنات آشرم ۾ ڇڏي اَچي. تنهنجي ماءُ جي سيني پئسن تي به هن حق ڄمائڻ چاهيو. تنهنجي ڏاڏي جي همت ۽ هوشياري جي ڪري هو ڪامياب ڪونه ٿي سگهيو.

''تنهنجي ڏاڏي هڪ ڪم ٻيو به ڏاڍو سنو ڪيو، جنهن جو ملو قل هاڻي توکي ''سواد ڏيندو''. ڏاڏي ڳالهه پوري ڪري ڏاڏي ڏانهن ڏنو. ڏاڏي چيو. ها پٽ! هيءُ وٺ. ''اَپائنٽمينٽ ليٽر''. تنهنجي ماءُ جي سرڪاري نوڪري هاڻي توکي ملي رهي آهي.

''او دادو'' چئي ڪري درگا ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ کي پاڻ سان چنبرائي ورتو.

درگا نوڪريءَ تي وڃڻ لڳي. شروع شروع ۾ هن کي ڏورو عجيب لڳو. پر پوءِ هن کي مزو اَچڻ لڳو.

هن سان گڏ هڪ مهلا آفيسر رجني هن کي ڌيءَ وانگر پيار ڪرڻ لڳي. رجني جي ڌيءُ ياوڪا، جيڪا وڪيل هئي، درگا جي پڪي ساهري ٿي ويئي.

هن آفيس ۾ ڪجهه مهنن کان پوءِ هڪ نوجوان آفيسر آيو. صاف، سرل سلجهيل ويچارن وارو، جيڪو پاڻ اَنات آشرم ۾ پلي وڏو ٿيو هو.

هن آفيسر راجيش جي وهنوار جي هر ڪوئي تاريف ڪندو هو. هن ڳالهه جو درگا تي به اَثر پيو. هو ٻئي هڪ ٻئي کي پيار ڪرڻ لڳا. آفيسرن کي به نئين رشتي جي ڄاڻ پيئي، سيني هن رشتي کي وڌائڻ ۾ ڪائي ڪثر ڪانه رکي.

رجنيءَ ڳالهه کي اڳيان وڌايو. راجيش ۽ درگا جي ها ڄاڻي ڪري هن

اِشارو ڪيو. هوءَ خط پڙهڻ لڳي.

”پياري درگا،

منهنجو هيءُ خط پڙهندي وقت تون عمر جي هن دور مان گذري
رهي هوندينءَ، جنهن دور ۾ پهچندي پهچندي اَسان جيون جي هر رنگ کي
سڃاڻڻ لڳندا آهيون. خود فيصلا وٺڻ لڳندا آهيون. مونکي پتو آهي ته زند
يءَ جي هن مقام تي بيهه ڪري ڪجهه فيصلا ڪندي وقت اَسان کي ماءُ جي
ممتا ۽ پيءُ جو پيار جي ضرورت به محسوس ٿيندي آهي.

تنهنجي ڏاڏو ڏاڏي هن سنسار جا سڀني کان سٺا ماءُ-پيءُ آهن
توکي به هن ڳالهه تي وشواس ٿي ويو هوندو.

درگا! سپنا ڏسڻ جيون جي زميني حقيقت ٿيندي آهي ۽ سچ اِهو ب
آهي ته سڀني جا سڀ سپنا پورا ڪونه ٿيندا آهن. منهنجو به هڪ سپنو پور
ڪونه ٿي سگهيو. مان اُميد ٿي ڪيان ته تون هن خواب کي پورو ڪرڻ جي ل
ڪوشش ضرور ڪنديءَ. ڪوشش ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ پهرين ڏاڪڻ ٿيندي
آهي. مونکي پتو آهي ته هن سنسار مان منهنجي وڃڻ کان پوءِ ويهه سال وڌ
وقت ٿيندو، گهڻيئي ڪجهه بدلجي ويندو. پر عورت جي آزادي، تڏهن
شايد گهٽ واسطي سپنو ئي رهندو. جيئن منهنجو رهيو.

اسان پنهنجي زندگيءَ سان جڙيل فيصلا ونون جڏهن فيصلا ونون
اَسان جا سڀئي پنهنجا اَسان سان گڏ بيٺا هجن، اُنهن فيصلن کان پوءِ به بي
رهن تڏهن عورت جي آزادي هن کي ملي سگهندي. منهنجو سپنو آهي ته اِ
آزادي توکي نصيب ٿئي. تنهنجو حق توکي ملي. تنهنجي ڏاڏي ڏاڏي
جيڪو تنهنجو نالو رکيو آهي، اُن کي سارٿڪ ڪرڻ جي ڪوشش توکي ض
ڪرڻي آهي“.

تنهنجي ماءُ.

خط پڙهي ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ درگا کي پاڻ سان چنبرائي ورتو. ڏاڏي چيس
”پٽ! تون جڏهن پئدا ٿي هوئين ته اَسان جي گهر جو انهڻ گلن وانگر نري
هو. پر جلد سڀ ڪجهه بدلجي ويو. تنهنجي ماءُ اَسان کي ڇڏي هن جهان

ڳالهائڻ جي توهان جي حق لاءِ مان توهان کي ڪجهه ڪونه چوندس.

مون راجيش کي سچي ڳالهه چئي ٻڌائي آهي. هو کلي ويچارن جو ماڻهو آهي. اسان ٻئي ملي ڪري شاديءَ جو سيئي انتظام ڪنداسين“.

ڳالهه کي چوندي وقت درگا کي محسوس ٿيو ته پت تي ٽنگيل ماءُ جو فوٽو آشيرواد ڏيئي رهيو هو ته ”شاباش پٽ! تو عورت جي آزاديءَ لاءِ جيڪو قدم کنيو آهي، هن رستي تي اڳيان وڌي توکي پنهنجو وجود قايم ڪرڻو آهي“.

ٻيو قدم کهڙو کڻڻو هو، درگا سوچي ورتو هو.

درگا پنهنجيءَ ساهڙيءَ جي صلاح وٺي هڪ نوٽيس ڪورٽ پاران پرڪاش کي موڪليو. نوٽيس ۾ لکيل هو ته درگا جي ماءُ جو گهر جنهن ۾ درگا جو پيءُ رهي رهيو هو، اُهو هو درگا کي موٽائي ڏي. گڏو گڏ گذريل ويهن ورهين کان هن گهر ۾ رهڻ جو ڪرايو به درگا کي ڏي.

نوٽيس پڙهي پرڪاش کي غصو اچي ويو. هن سڌو درگا جي ڏاڏي کي فون ڪيو.

”هن ڇوڪريءَ جي هم ايتري وڌي ويئي آهي جو هن مونکي نوٽيس موڪليو آهي. توهان سمجهايس ته ڇو هو پنهنجو نڪ ڪٽائڻ ٿي چاهي. ڪيس به هٿ مان ويندس ۽ عزت به. شادي به لفڙي ۾ پئجي ويندس. سو الڳ. هن کي سهه ڏيڻ وارا توهان ئي آهيو“.

ڏاڏي درگا کي ڳالهه چئي ٻڌائي ته هن جواب ڏنو. ”دادو! منهنجي شاديءَ تي ٿيڻ واري خرچ جي ڳالهه ڪري رهيو هئا نه منهنجا پاپا؟ پئسي جي الوا! ٻي ڪائي پاشا هنن کي ايندي ئي ڪونهي، سو اسان به هنن جي پاشا ۾ ڳالهائڻ سکي رهيا آهيون. منهنجي ماءُ جو مڪان منهنجو حق آهي ۽ هيءُ حق حاصل ڪرڻ منهنجو خواب“.

ڏاڏي درگا جي سر ۾ لڪل آتم نربه جي طاقت کي محسوس ڪيو، سو هنن درگا جي مٿي تي هٿ ڦيري ڇيو.

”توکي جيڪو نيڪ لڳي“. ”تون ڪر پٽ. مان تنهنجي فيصلي ۾

ڏاڏي ڏاڏيءَ سان ڳالهايو. ڏاڏي-ڏاڏيءَ چيو تہ هنن کي درگا جو هر فيصل
منظور آهي.

درگا کي محسوس ٿيو تہ ماءُ جي سپني جي پوري ٿيڻ جي شروعا
ٿي ويئي آهي.

سڀائيءَ جو ڏينهن طئہ ٿيو تہ ڏاڏي-ڏاڏيءَ درگا کي هڪ ڳالهہ چئي
”پٽ! اسان سڀني جا پنهنجا احساس، چاهتون، ڀاوناڻون ۽ سو
ٿينديون آهن، پر هنن کي پورو ڪندي وقت، اسان کي سماج جو ويچار ڪر
پوندو آهي، ڇو جو اسان سماج ۾ رهون ٿا. فيصلو توکي وٺڻو آهي، پر منهنج
صلاح آهي تہ سڀائيءَ جي موقعي تي تنهنجي ماءُ-پيءُ کي گهرائجي“.

”دادو! مونکي توهان جي صلاح تي ڪوئي اعتراض ڪونهي،
منهنجو هڪ شرط آهي تہ توهان جڏهن منهنجي پيءُ سان ڳالهائيندا تہ ما
پئي فون تي توهان جوءِ هنن جو ڳالهائڻ ٻڌندس“.

فون تي جڏهن ڏاڏي پرڪاش کي سڄي ڳالهہ ٻڌائي ۽ چيائينس
”ڪنيا دان جو پهريون حق ماءُ-پيءُ جو ٿيندو آهي. تون چاهين تہ هن ح
سان هتي اچي ڪنيا دان ڪر. اسان سڀني کي خوشي ٿيندي“.

درگا جي پيءُ رکي سر ۾ جواب ڏيندي چيو.

هاڻي جڏهن توهان کي ڌيءُ جي شاديءَ جو خرچ نظر اچي تو
توهان کي ڌيءُ جي پيءُ ياد اچي رهيو آهي. ڪنيا دان جو منو پاڻي چڙهائ
مونکي ڪوڙي گوري ڪارائڻ ٿا چاهيو.

”پلجي ويا اهي ڏينهن جڏهن توهان مونکي هيٺ ڪري درگا ج
ماءُ جا پئسا پنهنجي ڪيسي ۾ وڌا هئا. ڪيڏانهن ويا اهي پئسا؟ ڪنيا ک
پاليو اٿو تہ ”دان“ بہ ڪريو. مونکي پڇيہ ڪمائڻ جو شونق ڪونهي“. ه
الهہ چئي فون ڪٽي ڇڏيو.

ڏاڏي ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو، پر هن کان پهرين درگا چيو
”ڏسو دادو، پهرين مون توهان جي ڳالهہ مڃي، هاڻي توهان مڃ
هاڻي توهان ڪڏهن منهنجي پيءُ سان نہ ڳالهائجو. پنهنجي پٽ سا

سوائت ڪري رهيا آهن. سوائت کان پهرين هنن ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ سان ڳالهايو هو“.

وواهه جي ويڏيءَ تي جڏهن رسمون نپائڻ جو وقت آيو ته پنڊت چيو ”ماءُ-پيءُ کي سڏ ڪريو“.

درگا جا ماءُ پيءُ اُٺي اڳيان آيا، اِهو ڏسي درگا اُٿي بيٺي ۽ چيائين“ نه! نه! توهان نه! جنم ڏيڻ واري کان وڌو حق پالڻ واري جو ٿيندو آهي. پهريون حق منهنجي ڏاڏي جو آهي“.

پرڪاش پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏٺو. هن چيو،

”ڏس پٽ! اَڄ جڏهن ڇيڄ جي سوائت جي وقت تون پهتين ته مون پنهنجي پيءُ جي حق جو اِستعمال ڪري توکي براتين جي سوائت جي اِجازت ڏني، پر ڪنياداڻ جو حق توکي تنهنجي ڏيءَ ئي ڏيئي سگهي ٿي مان نه“.

”دادوءَ! هنن ڪجهه حقن کان مونکي ۽ توهان کي محروم ڪيو هو. هنن جو فيصلو هو، ڪنياداڻ ۽ مونکي ودا ڪرڻ جي حقن کان مان هنن کي محروم ٿي ڪريان، هيءُ منهنجو فيصلو آهي“.

اَسان جو به چئي ڏاڏي-ڏاڏيءَ ۽ درگا جو گهوٽ راجيش اَچي درگا وٽ بيٺا. درگا اڳيان چيو.

”دادو مان هڪڙي بي ڳالهه ساف ڪرڻ ٿي چاهيان. هنن کي چئو ته ترىءَ هينان سچ لڪائڻ جي ڪوشش نه ڪن. هنن جيڪو ڪيس هارايو آهي، اُهو مان واپس ڪونه وٺندس“.

درگا دادوءَ کي ڏاڏيءَ سان گڏ ماءُ-پيءُ جي جڳهه تي وهاريو ۽ پنڊت کي چيائين ته رسمون شروع ڪر.

ويڏيءَ جي اَگنيءَ ۾ درگا جو چهرو چمڪي رهيو هو. بيجان رشتن جي آهوتي ڏيئي رهيا هئا هن جا هٿ. عورت جي آزاديءَ جي مهڪ چوڌاري ڦهلجي ويئي هئي.

===

توسان گڏ آهيان“.

”مان به“ پاسي ۾ وينل ڏاڏي هن کي پاڪي پائيندي چيو.

طاقت وڌي ويئي. درگا ماءُ جي فوٽوءَ جي پاسي ۾ ويئي ۽ چيائين مونکي آشيرواد ڏي ممي. جن رستن کي تو روشن ڪيو آهي مان اُنهن تي هلي ڪري منزل حاصل ڪري سگهان.

ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. پهريون دفعو ڌيءُ ۽ پيءُ آمهون-سامهون ٿيا. سڪل نندين ۾ بوڏ اَچڻ ناممڪن ٿيندي آهي. رشتن جو پاٽي، پاوناڻن جو مينهن، ڪائي اُميد ڪانه هئي.

درگا ڪيس کٽي ويئي. ڪورٽ پاران آرڊر نڪتو ته درگا جي ماءُ جو مڪان درگا کي ملڻ کپي. اِن ڪري درگا جو پيءُ پرڪاش مڪان هن جي حوالي ڪري ويهن سالن جو ڪرايو به. اگر درگا چاهي ته مڪان ۽ ڪرائي جي بدلي درگ ا جو پيءُ ٽيهه لک رپيا درگا کي ڏيئي سگهي ٿو.

”ٽيهه لک! هاٿي تون وٺي اَچجان۽ پنهنجي پيءُ کان. توئي مونکي اُلٽو رستو ڏيکاريو. مون توکي چيو ته هلي ڪنيا دان ڪري اَچون. لڪين بي لکي ۾ ڪم تي وڃي ها“. درگا جي پيءُ پنهنجي زال کي چيو.

”پنهنجي ڌيءَ جو غصو منهنجي مٿان ڇو ٿا ڪڍو جيڪو ڪپيوَ وڃي ڪريو. توهان جي ڌيءَ توهان جي دشمن ٿي ويئي آهي ته منهنجو ڪهڙو ڏوهه“. هن جي زال غصي ۾ جواب ڏنو.

پرڪاش سيني کان صلح ورتي. سيني چيو ته ڪيس کي اپيان وڌائڻ ۾ دم نٿو نظر اَچي. ڳالهه کي وڌائڻ جي جڳهه تي ڳالهه کي سلجهائڻ ۾ ئي فائدو آهي. ميڊيا ۾ ئي معاملو ايترو پرچارت ٿيو هو جو هر ڪوئي درگا جي باري ۾ ڳالهائي رهيو هو.

پرڪاش پنهنجي زال کي راضي ڪيو ۽ ٻئي شادي واري ڏينهن درگ جي

گهروچي پهتا. جڇه اَچڻ واري هئي. ڪنهن درگا کي خبر ڏني.

”واڌايون هجئي درگا، تنهنجا ماءُ-پيءُ اَچي ويا آهن. براتين ج

راجستان سنڌي اڪادميءَ جا اُديشيہ

١. سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي کيتر ۾ اڏيين ۽ انوسنڌان کي پروتساهن ڏيڻ ۽ واڌارو ڪرڻ.
٢. راجيہ ۾ سنڌي سنستائن، سنگٺنن جي ڪمن ۾ سمنويہ ۽ سهيوگ قايم ڪرڻ.
٣. سنڌي ساهتيہ سان جڙيل ساهتيہ ڪارن ۽ ساهتيہ جي کيتر سان جڙيل سنستائن ۾ سهڪطاروڌائڻ ۽ اهڙين سنستائن جي اڏاوت ۽ واڌاري کي پروتساهت ڪرڻ.
٤. راشٽريہ ۽ راجيہ سطح تي سنڌي ساهتيڪ سنستائن جي معرفت گ وشنيون ۽ سميلن ڪوٺائي، ساهتيڪ ويچارن جي ڏي-وٺ کي پروتساهت ڪرڻ.
٥. ساهتيڪ ڪتابن، پتر-پترڪائن ۽ شوڌ پترن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇاپائڻ واڌارو ڏيڻ.
٦. سنڌي سنگٺنن جي ضرورت موجب لئبريرين ۽ واچناليہ جي اڏاوت ڪرڻ ۽ انهن کي پروتساهت ڪرڻ.
٧. راجستان سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ ١٩٥٨ جي هيٺ سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي کيتر ۾ ڪم ڪرڻ وارين سنستائن کي مانيتا ڏيڻ مانيتا حاصل سنستائن کي مالي مدد ڏيڻ.
٨. ڪتاب، پردرشنين، مشاعرن ۽ ساهتيڪ ڪاريہ ڪرمن جي ذريعي ديش ۾ سانسڪرتڪ ۽ ساهتيڪ سمپرڪ کي واڌارو ڏيڻ.
٩. قابل ليکڪن، ڪوين ۽ ٻڌي جيوين کي اسڪالرشپ، فئلوشپ ۽ انعام ڏي
١٠. سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪن ۽ ڪوين کي انهن جي خاص حاصلاتن لاءِ مان ڏيڻ ۽ ساهتيڪ ڪرتين جي ڇپڻ لاءِ مالي مدد ميسر ڪرائڻ.
١١. اڏيين، پانيڪرمن، وياکيان، سيمينار، سميلن ۽ سرويشڻ ڪاريہ ڪر ڪوٺائي سنڌي ساهتيہ جي اڏيين ۾ واڌارو ڪرڻ.



ليکڪ پرچيہ

نالو : نارائڻداس ميرچنداڻي

جنم : ٣-١-١٩٣٣

جنم اِستان : روھڙي، ضلع سکر (سنڌ)

تعليم : اِنٽر (راجستان بورڊ)

پيشو : رٽايرڊ اِنسپيڪٽر (ريلوي)

سنمان : سنڌي ڪھاڻي ”جنم پتريءَ“ تي راجستان سنڌي اڪادميءَ پاران راجيہ سطح تي سنمان

• سنڌي ٻولي سنڌيت جي ڏينھن ١٠ اپريل ٢٠١٠ تي سنڌي سکشا وڪاس سمتيءَ اجمير طرفان ليکڪ جي ناتي سنمان.

• سنڌو ساھتيہ ۽ ڪلچرل سوسائٽي اجمير طرفان سنڌي ڀاشا جي ڪويءَ جي روپ ۾ سنمان.

• سنڌو ڀارس ساھتيڪ سانسڪرتڪ سنگم اجمير پاران سانسڪرتڪ سنگم ۾ آيوجت سنڌي ڪويتا چٽاپيٽيءَ ۾ سنمان.

• راجستان سنڌي اڪادمي جئپور پاران آيوجت سنڌو سنسڪرتي ورش ۾ سنڌو سنسڪرتي سنمان، سنڌو ڀارس ساھيتہ سانسڪرتڪ سنگم اجمير جي مھاسچيوَ جي روپ ۾ سنمان.

• سڌار سڀا پاران سن شاٺين سينئر سٽيزن ڪلب اجمير جي سٺي سنچالن لاءِ سنمان.

• نوجوان گروپ آديپور (ڪڇ) ۾ ١٩٥١ کان ١٩٥٥ تائين سڪريہ سماج سيوا.

• اکل ڀارتيہ ٻالڪن جي ٻاري ۾ ١٩٥٦ کان ١٩٦٥ تائين سچيو سنڌي ساھتيہ سنگت اجمير ۾ خزانچي.

• سنڌو ساھتيہ ۽ ڪلچرل سوسائٽي اجمير ۾ لڳاتار ١٠ سالن تائين خزانچي.

• ڀائو ھريسندر روپچند پاران اِستاپت سڌار سڀا اجمير جي واچناليہ جو سنچالن سال ١٩٥٨ ۾ ھن وقت مھاسچو جي عھدي تي ڪم ڪري رھيو آھيان. ھي منھنجو ٻيون ڪتاب ڪارا نشان آھي. ھن کان منھنجو پھريون ڪتاب ڪاڪي جو ڪلون ڇپيل آھي.